# رياڪاري

## (ڏيکاءُ)


رياڪاري ڇا کي چئبو آهي؟ 6

رياڪاري جون 22 تباهه ڪاريون 12

ڪنهن کي رياڪار چوڻ ڪيئن آهي؟ 24

ثواب حاصل ڪرڻ جو آسان طريقو 48

نيڪيون لڪايو 61

رياڪاري جا 10 علاج 87

اخلاص جون 6 فضيلتون 95

21 حڪايتون 128

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفکربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

رسالي جو نالو: رياڪاري
تاريخ اشاعت: شوال المکرم1437هـ ، جولائي 2016ع
تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي.

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

رياڪاري جي تباهه ڪارين، علامتن ۽ علاج جي باري ۾ معلومات

# رياڪاري

هي ڪتاب ”رياڪارى“ مجلس المدينة العلميه (شعبو اصلاحي ڪُتب) جي طرفان اردو زبان ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

**مجلسِ تراجِم** (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

پيشڪش:

مجلسِ المدينة العلمية (شعبو اصلاحي ڪُتب)

رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينه محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي،
باب المدينه ڪراچي
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262
**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ”اخلاص جون برڪتون“ جي 14 اکرن جي نسبت سان ڪتاب پڙهڻ جون 14 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِنْ عَمَلِهٖ

يعني ”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“

(اَلْمُعجَمُ الكَبِير لِلطَبرَاني ج 6 ص 185 حديث 5942)

## ٻه مدني گُل:

1 بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمدو ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوّذو ﴿4﴾ تَسمِيّہ سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿7﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿8﴾ حديثن جي زيارت ڪندس ﴿9﴾ جتي جتي ”اَللّٰه“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿10﴾ جتي جتي ”سرڪار مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿11﴾ شرعي مسئلا سکندس ﴿12﴾ جيڪڏهن ڪو مسئلو سمجهہ ۾ نہ آيو عالمن کان پڇا ڪندس ﴿13﴾ هن حديث پاڪ: تَهَادَوْا تَحَآبُّوْا يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي.“ (مَوطا اِمَام مَالِڪ، ج 2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿14﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس. (ناشرين و مُصَنّف وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

# اَلمَدِينَۃُ العِلمِيّۃ

از: شيخ طريقت، امير اهلسنت ، باني دعوتِ اسلامي ، حضرت علام مولانا
ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَلٰی اِحْسَانِهٖ وَ بِفَضْلِ رَسُوْلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهٽي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ بہ آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي علماء ۽ مفتيانِ ڪرام ڪَثَّرَهُمَ اللّٰهُ تَعَالٰى تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) شعبہء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت
(2) شعبہء درسي ڪُتُب
(3) شعبہء اِصلاحي ڪُتُب
(4) شعبہء تراجمِ ڪُتُب
(5) شعبہء تفتيشِ ڪُتُب
(6) شعبہء تَخرِيج

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہء شمع رسالت، مجدد

ديـن و ملـت، حـامي سـنّت، مـاحي بـدعت، عـالمِ شـريعت، پيـر طريقت، باعـث خيـر و بركـت، حضـرت علامـہ مولانـا الحـاج الحـافظ القـاري الشّـاهہ امـام احمـد رضـا خـان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي شاهكار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انهن جي ترغيب ڏيارين.

الله عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" جي سيني مجلسن بشمول "المدينة العلمية" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رمضان المبارڪ 1425 ھ

www.dawateislami.net

# دل جي اصلاح جي ضرورت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهان جا تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عظمت نشان آهي: ”خبردار رهو جو جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪر آهي جڏهن اهو سنورجي ويندو آهي ته پورو جسم سنورجي ويندو آهي، جيڪڏهن اهو بگڙجي وڃي ته پورو جسم بگڙجي ويندو آهي ٻڌو! اهو قلب (يعني دل) آهي.“

(صحيح البخاري الحديث 52 ج 1 ص 33)

مفسّرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني دل جسم جو بادشاهه آهي، جسم ان جي رعايا آهي جيئن بادشاهه جي صحيح ٿيڻ سان سمورو ملڪ نيڪ ٿي ويندو آهي ائين دل سنڀلجڻ سان پورو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي، دل ارادو ڪندي آهي جسم ان تي عمل جي ڪوشش، انهيءَ ڪري صوفيا ڪرام دل جي اصلاح تي گهڻو زور ڏيندا هئا.

(مراۃ المناجيح ج 4 ص 231)

حُجّة الاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي لکن ٿا: توهان تي دل جي حفاظت، ان جي اصلاح ۽ ان کي درست رکڻ جي ڪوشش به ضروري آهي ڇو ته دل جو معاملو ٻين عضون جي مقابلي ۾ وڌيڪ خطرناڪ آهي، ان جو اثر باقي عضون کان وڌيڪ آهي (مزيد لکن ٿا) ظاهري عمل جو باطني اوصاف سان هڪ خاص تعلق آهي، جيڪڏهن باطن خراب ٿئي ته ظاهر عمل پڻ خراب ٿيندا ۽ جيڪڏهن باطن حسد، ريا ۽ تڪبر وغيره عيبن کان پاڪ هوندو ته ظاهري عمل به درست ٿيندا آهن. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو پنهنجي نيڪ عملن کي ربّ تعاليٰ جو فضل و ڪرم سمجهي ته نيڪ آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پنهنجو ذاتي ڪمال تصور ڪري ته پاڻ پاڏائڻ سبب اهي عمل برباد ٿي ويندا آهن، انهي ڪري جيستائين

باطني معاملن جو ظاهري عملن سان تعلق، باطني عمل ۾ تاثير ۽ باطني اوصاف جي ذريعي ظاهري عملن جي حفاظت جي ڪيفيت وغيره جو پتو نہ پوي، ظاهري عمل درست نٿا ٿي سگهن.

(منهاج العابدين ص 13، 67)

باطني گناهن مان هڪ گناهہ رياڪاري (يعني ڏيکاءُ) پڻ آهي، هي ڪتاب هن موضوع تي آهي. ”رياڪاري“ کي مرتب ڪرڻ جي لاءِ احياءُ العلوم، حَدِيقَةُ النّديہ، بَهارِ شَريعت ۽ فَيضَانِ سنّت وغيره کان مدد ورتي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ رياڪاري بابت معلومات کي آسان انداز ۾ عنوانن ۽ حوالن سان گڏوگڏ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن گهٽ علم رکڻ وارا بہ فائدو حاصل ڪري سگهن، پوءِ بہ هن جو علم مشڪل آهي اهو ممڪن ناهي تہ مشڪلاتون بالڪل ختم ٿي وينديون، ان ڪري جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي، تہ سمجهڻ جي لاءِ عالمن سان رجوع ڪيو، رياڪاري سان نجات جي لاءِ شيخِ طريقت امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيانات جون ڪيستون مثلاً ”نيڪيان چهپاؤ“ ”اخلاص قبوليت کی چابی“ شهزاده امير اهلسنت، الحاج مولانا ابو اُسيد احمد عبيد رضا العطاري المدني مَدَّظِلّه العَالي جو بيان ”اخلاص کيسے اپنائيں؟“ ۽ نگران شوريٰ (دعوت اسلامي) حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلّه العَالي جو بيان ”رياکاری اور اس کا علاج“ ٻڌڻ بہ بيحد فائديمند آهي. هن ڪتاب کي نہ صرف پاڻ پڙهو بلڪ ٻين مسلمانن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياري نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو، الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اسان کي ”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش“ ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلي جو مسافر بڻجندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**شعبو اصلاحي ڪتاب (مجلس المدينة العلمية)**

www.dawateislami.net

# فهرست


| نمبر | رياڪاري | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | ڪتاب پڙهڻ جون ۱۴ نيّتون | -2- |
| 2 | اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيَّة | -3- |
| 3 | دل جي اصلاح جي ضرورت | -5- |
| 4 | قُربِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 1 |
| 5 | رياڪارن جو انجام | 1 |
| 6 | اخلاص جي خيرات گهرو | 3 |
| 7 | اي اخلاص تون ڪٿي آهين؟ | 4 |
| 8 | حقيقي ڪاميابي | 5 |
| 9 | رياڪاري جو علم سکڻ فرض آهي | 6 |
| 10 | رياڪاري ڇا کي چئبو آهي؟ | 7 |
| 11 | رياڪاري جا درجا | 7 |
| 12 | رياڪاري کان بچو | 7 |
| 13 | شرڪ اصغر هجڻ جي باري ۾ ۵ فرمان مصطفيٰ | 8 |
| 14 | رياڪار جي ناداني | 12 |
| 15 | رياڪاري جون ۲۲ تباهه ڪاريون | 12 |
| 16 | عمل ضايع ٿي ويندو آهي | 12 |
| 17 | شيطان جا دوست | 13 |
| 18 | رياڪارن جو ٺڪاڻو جهنم جي وادي ٿيندي | 13 |
| 19 | عمل برباد ٿي ويندا | 14 |
| 20 | رياڪارن جي حسرت | 14 |
| 21 | عمل قبول ناهي ٿيندو | 15 |
| 22 | رياڪار جا چار نالا | 16 |
| 23 | جهنم به پناهه گهرندو آهي | 17 |
| 24 | رُسوائي جو عذاب | 17 |
| 25 | رياڪار تي جنت حرام آهي | 18 |
| 26 | جنت جي خوشبو به نه ماڻيندو | 18 |
| 27 | پنهنجي ربّ جي توهين ڪرڻ وارو مُجرم | 19 |


www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 28 | زمين ۽ آسمان ۾ ملعون | 19 |
| 29 | رياڪارن جو ٺڪاڻو | 20 |
| 30 | الله تعالیٰ جي ڪرم کان پري ٿيڻ وارو | 20 |
| 31 | پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪرڻ وارو | 20 |
| 32 | مال حاصل ڪرڻ لاءِ علم سکڻ واري جو انجام | 21 |
| 33 | قيامت جي ڏينهن پشيماني ٿيندي | 21 |
| 34 | اعمال رد ٿي ويندا | 21 |
| 35 | رياڪاري جو انجام | 22 |
| 36 | پنهنجو اجر انهي کان وڃي وٺ جنهن جي لاءِ عمل ڪيو هو | 22 |
| 37 | رياڪار جو آخرت ۾ ڪو حصو ناهي | 24 |
| 38 | اسان جو ڇا ٿيندو ؟ | 24 |
| 39 | جهنم جو گهٽ ۾ گهٽ عذاب | 24 |
| 40 | اسان جو نازڪ جسم | 25 |
| 41 | ڪنهن کي رياڪار چوڻ ڪيئن آهي؟ | 26 |
| 42 | ”نيّت“ جي تن اکرن جي نسبت سان ٣ شرعي حڪم | 26 |
| 43 | سال هڪ تائين روئڻ کان محروم رهيا | 28 |
| 44 | تجسس نہ ڪيو | 28 |
| 45 | اي رياڪار! | 28 |
| 46 | رياڪاري ڪيئن ٿيندي آهي؟ | 29 |
| 47 | ڳالهائڻ ذريعي رياڪاري جون ١٥ صورتون | 29 |
| 48 | عمل جي ذريعي رياڪاري جون ١٥ صورتون | 33 |
| 49 | پيٽ جي اڌو گهٽ کائڻ جو طريقو | 35 |
| 50 | ڇہ شعر برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهڻ ڏيو؟ | 37 |
| 51 | رياڪاري ڪهڙين شين ۾ ٿيندي آهي؟ | 39 |
| 52 | ايمان ۾ ريا | 39 |
| 53 | دنياوي معاملن ۾ ريا | 40 |
| 54 | سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زُلف مبارڪ سنواريا | 41 |
| 55 | عبادتن ۾ رياڪاري | 43 |
| 56 | ادائيگي ۾ رياڪاري | 43 |
| 57 | اوصاف ۾ رياڪاري | 44 |
| 58 | خالص ۽ مخلوط ريا | 46 |


www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 59 | دين جي خدمت تي اُجرت وٺڻ ڪيئن ؟ | 48 |
| 60 | ڇا اُجرت وٺڻ واري کي ثواب ملندو؟ | 48 |
| 61 | اُجرت وٺڻ واري لاءِ ثواب جي هڪ صورت | 49 |
| 62 | ثواب حاصل ڪرڻ جو آسان طريقو | 50 |
| 63 | دين کي دنيا ڪمائڻ جو ذريعو نہ بڻايو | 51 |
| 64 | دين جي ذريعي دنيا جي طلبگار جو انجام | 52 |
| 65 | عبادت کان پهريان نيّت درست ڪريو | 53 |
| 66 | نيّت درست ٿيڻ جو انتظار | 53 |
| 67 | هڪ وسوسو ۽ ان جو جواب | 55 |
| 68 | نيڪن جي مشابهت بہ چڱي هوندي آهي | 56 |
| 69 | عبادت دؤران دل ۾ رياڪاري پيدا ٿئي تہ؟ | 57 |
| 70 | پنهنجي نيڪين جو اظهار ڪرڻ ڪيئن؟ | 60 |
| 71 | ترغيب لاءِ نيڪي ظاهر ڪرڻ جا ٢ شرط | 61 |
| 72 | مُخلِصن جو حصو | 62 |
| 73 | نفس ۽ شيطان جي دوکي کي سڃاڻڻ جو طريقو | 63 |
| 74 | نيڪيون لڪايو | 63 |
| 75 | رياڪاري کان بچڻ، عمل ڪرڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي | 64 |
| 76 | تحديثِ نعمت ڇا کي چئبو آهي؟ | 65 |
| 77 | ١٠١ پيرا دل تي غور ڪيو | 66 |
| 78 | ڪِيولِي جي چال کان بہ پوشيده ريا | 67 |
| 79 | ”جهنم“ جي چئن اکرن جي نسبت سان رياءِ خفي جا ٤ قسم | 68 |
| 80 | ڇا او هان جون ضرور تون پوريون نہ ٿيون ڪيون وڃن! | 70 |
| 81 | متان نقصان نہ ٿي پوي | 70 |
| 82 | الله عَزَّوَجَلَّ جا مخلص ٻانها | 72 |
| 83 | پنهنجي تعريف تي خوش ٿيڻ | 74 |
| 84 | خوفِ خدا کان ڊڄي وڃو! | 77 |
| 85 | رياڪاري جي تربيّت گاهہ | 78 |
| 86 | گناهن کان بچڻ ۾ بہ رياڪاري | 80 |
| 87 | اخلاص جي سڃاڻ | 80 |
| 88 | رياڪاري جي خوف کان عبادت ڇڏڻ ڪيئن؟ | 81 |
| 89 | رياڪاري جو وسوسو اچڻ گناهہ نہ آهي | 81 |

| | | |
|---|---|---|
| 90 | شيطان کي ناڪام ۽ نامراد ڪري ڇڏيو | 82 |
| 91 | ڇا نيڪيون ڇڏي، اسان شيطان کان بچي سگهنداسين؟ | 84 |
| 92 | ريا جي ڊپ کان نيڪ عمل ڇڏڻ واري جو مثال | 85 |
| 93 | ماڻهو ڇا چوندا؟ | 85 |
| 94 | رياڪار جون علامتون | 86 |
| 95 | ڪٿي اسان رياڪار ته ناهيون؟ | 86 |
| 96 | ريا کان توبهه ڪريو | 87 |
| 97 | رياڪاري کان توبهه جي برڪت | 87 |
| 98 | ريا جي مرض جو علاج ڪريو | 88 |
| 99 | مايوس نه ٿيو | 88 |
| 100 | مشڪل کان نه گهٻرايو | 89 |
| 101 | رياڪاري جا ١٠ علاج | 89 |
| 102 | (پهريون علاج) الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪيو: | 89 |
| 103 | (ٻيون علاج) رياڪاري جا نقصان پيش نظر رکڻ گهرجن: | 90 |
| 104 | ڏيکاءُ جي لاءِ عمل ڪرڻ وارن جو مثال | 92 |
| 105 | (ٽيون علاج) سببن جو خاتمو ڪريو | 92 |
| 106 | تعريف جي خواهش کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو | 92 |
| 107 | حُبِ جاه جي نقصانن تي مشتمل ۵ روايتون | 93 |
| 108 | اهڙي طرح فڪرِ مدينه ڪريو | 94 |
| 109 | ڪوڙي تعريف کي پسند ڪرڻ حرام آهي | 94 |
| 110 | تعريف کي پسند ڪرڻ ڪڏهن مُستَحَب آهي | 95 |
| 111 | ماڻهن جي ملامت جو ڊپ ڪهڙي نموني ختم ڪريون؟ | 96 |
| 112 | مال ۽ دولت جي حرص کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪيون؟ | 96 |
| 113 | دنيا جي محبت مان جان ڇڏايو | 97 |
| 114 | (چوٿون علاج) اخلاص اختيار ڪريو | 98 |
| 115 | اخلاص جون ٦ فضيلتون | 98 |
| 116 | مخلص مؤمن جو مثال | 102 |
| 117 | مُخلِص ڪير؟ | 103 |
| 118 | الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا سيني نعمتن کان وڏيڪ آهي | 104 |
| 119 | (پنجون علاج) نيّت جي حفاظت ڪريو | 105 |
| 120 | نيّت ڇا کي چئبو آهي؟ | 106 |

| | | |
|---|---|---|
| 121 | جيترا يون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ | 106 |
| 122 | صدقي ڏيڻ کان پهريان نيّت تي غور | 107 |
| 123 | هر ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪريو | 107 |
| 124 | سٺي نيّت جون ٧ فضيلتون | 108 |
| 125 | جهڙي نيّت تهڙي مُراد | 109 |
| 126 | مار کائڻ، نيّت صالحه کان وڌيڪ آسان آهي | 110 |
| 127 | جهاد جو ثواب | 110 |
| 128 | خُلوصِ نيّت | 111 |
| 129 | نيڪ عملن جي نيّت ڪندا ڪريو | 112 |
| 130 | (ڇهون علاج) عبادت دوران شيطاني وسوسن کان بچو: | 113 |
| 131 | ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به وسوسا ختم نه ٿين ته؟ | 114 |
| 132 | (ستون علاج) اڪيلا هجو يا ٻين سان گڏ هڪجهڙو عمل ڪيو | 116 |
| 133 | (اٺون علاج) نيڪيون لڪايو | 117 |
| 134 | سڀ کان مضبوط مخلوق | 118 |
| 135 | لڪل عمل افضل آهي | 119 |
| 136 | حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو فرمان | 119 |
| 137 | اسلاف جا قول | 119 |
| 138 | حڪايت | 120 |
| 139 | روزي جي باري ۾ نه پڇو | 121 |
| 140 | پڇڻ تي روزيدار پنهنجي روزي جي باري ۾ ٻڌائي | 121 |
| 141 | بدترين رياڪاري | 122 |
| 142 | دعوت اسلامي جو مدني ماحول | 124 |
| 143 | الحمد لله عَزَّوَجَلَّ مان بدلجي ويس | 125 |
| 144 | مدني انعامات | 126 |
| 145 | مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ بشارتِ عُظميٰ | 127 |
| 146 | (ڏهون علاج) اوراد ۽ وظيفن جو معمول بڻايو | 128 |
| 147 | علاج جي باوجود فرق نه پوي ته؟ | 129 |
| 148 | ڪلام جو خلاصو | 130 |
| 149 | نسبت سان ٢١ حڪايتون | 132 |
| 150 | (١) اخلاص جو انعام | 132 |
| 151 | (٢) پنهنجي نيّت ڪي حاضر نه ٿو سمجهان | 134 |

| | | |
|---|---|---|
| 152 | (٣) لاڳيتو چاليهن سالن تائين روزا | 136 |
| 153 | (۴) نيڪين لڪائڻ وارو غلام | 136 |
| 154 | (۵) الله تعاليٰ جي لاءِ معاف ڪيو | 138 |
| 155 | (٦) ماءُ جو حڪم نفس تي ڇو ڳرو لڳو؟ | 138 |
| 156 | (٧) پهرين صف نہ ملڻ تي پريشاني ڇو؟ | 139 |
| 157 | (٨) اخلاص فروش | 140 |
| 158 | مُبلغ کي برباد ڪندڙ ڪجھ شيطاني حملا | 143 |
| 159 | ڏکندڙ رڳ تي هٿ لڳي ويو | 144 |
| 160 | دل جو چور پڪڙجي پيو | 144 |
| 161 | عاجزي جا پيڪر بڻجي وڃو | 145 |
| 162 | بُزرگان دين کي ڪو گهرائيندو هو تہ بناهِڪ جي بيان لاءِ پهچي ويندا هئا | 146 |
| 163 | (٩) خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪپڙا پاتا آهن | 147 |
| 164 | (١٠) نيڪي جو بدلو | 147 |
| 165 | (١١) ثواب ئي ڪافي آهي | 147 |
| 166 | (١٢) گناهن جي نحوست | 148 |
| 167 | (١٣) جهڙي نيت تهڙي مراد | 152 |
| 168 | (١۴) گفتگو جو جائزو | 153 |
| 169 | (١۵) منهنجو قرض ڪنهن ادا ڪيو؟ | 154 |
| 170 | (١٦) منهنجو نالو ظاهر نہ ڪجو | 155 |
| 171 | (١٧) وصال کان پوءِ سخاوت جي خبر پئي | 156 |
| 172 | (١٨) مان ڇا لاءِ ڏيکاءُ ڪندس؟ | 157 |
| 173 | (١٩) هتي تعويذ پئسن سان ناهي ڏنو ويندو | 157 |
| 174 | (٢٠) مان علم نہ ٿو وڪڻان | 158 |
| 175 | (٢١) عقيدت نٿو وڪڻي سگهان | 159 |
| 176 | دُعا | 160 |


❀❀❀

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## قُربِ مُصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الۡعُيُوۡب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان تقرُّب نشان آهي: اَوۡلَى النَّاسِ بِیۡ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ اَكۡثَرُهُمۡ عَلَیَّ صَلَاةً يعني ”قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي وڌيڪ ويجهو اهو شخص هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻا درود شريف پڙهيا هوندا.“

(جامع الترمذي، الحديث 484، ج 2، ص 27)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪارن جو انجام

حضرت سَيِّدُنا ابُوهُرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نَبِي مُڪرَّم، نورِ مُجسَّم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عِبرت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان هڪ شهيد جو فيصلو ٿيندو[1] جڏهن ان کي آندو ويندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو تہ اهو انهن نعمتن جو اقرار ڪندو، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”تو انهن نعمتن جي بدلي ۾ ڪهڙو عمل ڪيو؟“ اهو عرض ڪندو: ”مون تنهنجي راهہ ۾ جهاد ڪيو، ايستائين جو شهيد ٿي ويس.“ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”تون

---

(1) يعني رياڪارن مان پهريان رياڪار شهيد جو فيصلو ٿيندو، ان کري هي حديث ان حديث جي مخالف نہ آهي تہ پهريان حساب نماز جو ٿيندو يا پهريان ظلمًا قتل جو حساب ٿيندو. عبادتن ۾ نماز جو، معاملات ۾ قتل جو، ريا ۾ اهڙي شهيد جو فيصلو پهريان آهي.
(مرآة المناجيح ج 1، ص 191)

www.dawateislami.net

ڪوڙو آهين، تو جهاد ان لاءِ ڪيو هو تہ توکي بهادر چيو وڃي ۽ اهو توکي چيو ويو.“[2] پوءِ ان جي باري ۾ جهنّم ۾ وجهڻ جو حڪم ڏيندو تہ ان کي منهن ڀر گهلي جهنّم ۾ وڌو ويندو.[3] پوءِ ان شخص کي آندو ويندو، جنهن علم سکيو، سيکاريو ۽ قرآن ڪريم پڙهيو، اهو ايندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بہ پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو تہ اهو بہ نعمتن جو اقرار ڪندو. پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ان کان پڇندو: ”تو انهن نعمتن جي بدلي ۾ ڇا ڪيو؟“ اهو عرض ڪندو تہ ”مون علم سکيو ۽ سيکاريو ۽ تنهنجي لاءِ قرآن ڪريم پڙهيم.“ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”تون ڪوڙو آهين، تون علم ان لاءِ سکيو تہ جيئن توکي عالم چيو وڃي ۽ قرآن ڪريم ان لاءِ پڙهيو تہ جيئن توکي قاري چيو وڃي ۽ اهو توکي چيو ويو.“[4] پوءِ ان کي بہ جهنم ۾ وجهڻ جو حڪم ٿيندو تہ ان کي منهن ڀر گِهلي جهنم ۾ وڌو ويندو. پوءِ هڪ مالدار شخص کي آندو ويندو، جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ گهڻو مال عطا فرمايو هو، ان کي نعمتون ياد ڏياريون وينديون، اهو بہ انهن نعمتن جو اقرار ڪندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”تو انهن نعمتن جي بدلي ڇا ڪيو؟“ اهو عرض ڪندو: ”مون تنهنجي راهہ ۾ جتي ضرورت پئي اتي خرچ ڪيم“ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد

---

([2]) يعني تنهنجي جهاد ۽ شهادت جو بدلو هي ٿي ويو تہ ماڻهن تنهنجي واہ واہ ڪئي ڇوتہ تو جهاد انهي نيت سان ڪيو هو، اسلام جي خدمت لاءِ نہ. (مراٰة المناجيح، ج 1، ص 191)

([3]) يعني نهايت ذلت سان مٿل ڪتي وانگر تنگ مان گهلي جهنم جي ڪناري کان هيٺ اڇلايو ويندو. جهنم جي اونهائي آسمان ۽ زمين جي مفاصلي کان ڪروڙين دفعا وڌيڪ آهي. الله (عَزَّوَجَلَّ) جي پناهہ! (مراٰة المناجيح، ج 1، ص 191)

([4]) تنهنجي اها سموري محنت، دين جي خدمت لاءِ نہ هئي بلڪ علم جي ذريعي عزت ۽ مال ڪمائڻ جي هئي اهي توکي حاصل ٿي ويا (هاڻي) اسان کان ڇا ٿو گهرين؟ انهي حديث کي ڏسي ڪيترن عالمن ڪتابن ۾ پنهنجا نالا بہ نہ لکيا ۽ جن لکيا آهن اهي شهرت لاءِ نہ بلڪ ماڻهن جي دعا حاصل ڪرڻ لاءِ لکيا آهن. (مراٰة المناجيح، ج 1، ص 191)

www.dawateislami.net

فرمائيندو: ”تون ڪوڙو آهين، تو ائين ان لاءِ ڪيو هو تہ جيئن توکي سخي چيو وڃي ۽ اهو چيو ويو.“ پوءِ ان جي باري ۾ جهنم جو حڪم ٿيندو، اهڙي طرح ان کي بہ منهن ڀر گهلي جهنم ۾ وڌو ويندو.(اَلاَمان و الحَفِيظ)

(صحيح مسلم، الحديث 1950، ص 1055)

حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: معلوم ٿيو تہ جيئن اخلاص واري نيڪي جنت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، ائين ئي ڏيکاءُ واري نيڪي جهنم ۽ ذلت جو سبب آهي. هتي رياڪار شهيد، عالم ۽ سخي جو ئي ذڪر ٿيو، انهيءَ ڪري جو انهن بهترين عمل ڪيا هئا، جڏهن اهي عمل ريا جي ڪري برباد ٿي ويا تہ ٻين عملن جو ڇا ٿيندو! ڏيکاءُ لاءِ حج، زڪوٰة ۽ نماز جو بہ اهو ئي حال آهي.

(مرأة المناجيح ج 7، ص 193)

## اخلاص جي خيرات گهرو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان رياڪاري جي باطني بيماري انهن بدنصيبن کي تباهہ ڪري ڇڏيو! غور تہ ڪيو جهاد جهڙو ڀلو عمل، شهادت جهڙي شان واري نعمت، تعليم ۽ تعلُّم جهڙو پاڪ مشغلو، صدقي ۽ خيرات جهڙو نفيس ڪم مٽي ۾ ملي ويو. چاڪاڻ تہ ڪرڻ واري جي نيت الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي جي بدران دنيا ۾ نالو ۽ شهرت حاصل ڪرڻ هئي. پنهنجي اهل و عيال کي روئندو ڇڏي، جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي جان قربان ڪرڻ وارو بہ جنّت حاصل نہ ڪري سگهيو، چاڪاڻ تہ ان جي دل ۾ بهادر سڏرائڻ جو شوق هو. مالدار پنهنجي پياري شيءِ يعني مال خرچ

ڪري بہ نقصان ۾ رهيو چاڪاڻ تہ ان کي سخي سڏرائڻ جي تمنا هئي ۽ رات ڏينهن محنت ڪري علم ۽ قراءَت سکڻ واري عالم ۽ قاري کي ڪجهہ هٿ نہ آيو ڇو تہ ان کي شهرت جي طلب هئي. افسوس! انهن جون ڪوششون بيڪار ٿي ويون ۽ پنهنجي واه واه ڪرائڻ جي بُري نيّت، انهن کي جنّتي عمل ڪرڻ باوجود جهنم جي باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي کان ڏڪندا رهو ۽ ان جي بارگاهہ ۾ روئي ٻاڏائي اخلاص جي خيرات گهرو.

ميرا ہر عمل بس تيرے واسطے ہو

کر اِخلاص ايسا عطا يا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي اخلاص تون ڪٿي آهين؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀريان تہ نفس ۽ شيطان اسان کي نيڪيون ڪرڻ ئي نٿا ڏين ۽ جيڪڏهن اسان وڏي ڪوشش ڪري نيڪ عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي وياسين تڏهن بہ نفس ۽ شيطان اسان جي عبادت مقبول ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ پنهنجو سمورو زور لڳائيندا آهن. ان جي لاءِ اهي اسان جي عبادت ۾ ڪا اهڙي غلطي ڪرائي وجهندا آهن، جيڪا ان عمل کي ضايع ڪري ڇڏيندي آهي يا وري عبادت کان پوءِ اسان جي دل ۾ شهرت ۽ ڏيکاءُ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي، ڪو اسان جي نيڪين جي تعريف ڪري نہ ڪري، اسان پاڻ بنا شرعي ضرورت جي پنهنجي نيڪين جو اظهار ڪري ”پنهنجي منهن ميان منو“ ٿيندا آهن ۽

اهڙي طرح نفس ۽ شيطان جي وڇايل ڄار يعني رياڪاري ۾ وڃي ڦاسندا آهيون. مثال طور ڪو چوندو آهي: مان هر سال رجب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکندو آهيان (حالانڪ رمضان المبارڪ جا روزا ته فرض آهن پوءِ به اهو رياڪار جيڪو ٻن مهينن جا نفلي روزا رکندو آهي. پنهنجي رياڪاري کي وزنائتو ڪرڻ لاءِ چوندو آهي، مان هر سال ٽن مهينن يعني رَجَب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکندو آهيان. وَلَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه) ڪو چوندو آهي: مان ايترن سالن کان وٺي، هر مهيني اَيَّامِ بِيۡض (يعني چنڊ جي 13، 14، 15 تاريخ) جا روزا رکندو آهيان. ڪو پنهنجي حج جي تعداد جو ته، ڪو پنهنجي عمري جي تعداد جو اعلان ڪندو آهي. ڪو چوندو آهي: مان روزانو ايترا درود پڙهندو آهيان، ايتري عرصي کان دلائل الخيرات شريف جو ورد ڪري رهيو آهيان. ايتري تلاوت ڪندو آهيان، هر مهيني فلان مدرسي کي ايترو چندو پيش ڪندو آهيان. مطلب ته هرو ڀرو پنهنجي نفلن، تهجد، نفلي روزن ۽ عبادتن جي ڏاڍي واڪاڻ ڪئي ويندي آهي. آه! اي اخلاص تون ڪٿي آهين؟ (افادات: امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه)

نفسِ بدکار نے دل پہ یہ قیامت توڑی
عمل نیک کیا بھی تو چھپانے نہ دیا (سامانِ بخشش)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حقيقي ڪاميابي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا نيڪين جي توفيق ملڻ تمام وڏي سعادت آهي، پر بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ان جو مقبول ٿيڻ ئي حقيقي ڪاميابي آهي. ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان تڪليفون برداشت ڪري عبادتون ڪيون. مثال طور سخت سردي يا گرمي

۾ به مسجد وڃي، باجماعت نماز پڙهون، راتين جي ننڊ قربان ڪري نفل ادا ڪريون. بُک، اُڃ برداشت ڪري روزا رکون. گهڻا صدقا ڏيون، پاڻ تڪليف برداشت ڪري، ٻين جي لاءِ ايثار جو مظاهرو ڪيون پر رياڪاري جي ڪري اسان جون نيڪيون ضايع ٿي رهيون هجن ۽ اسان کي خبر به نه پوي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي نيڪين کي برباد ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ سکون ته رِيا ڇا کي چئبو آهي؟ ان جي سڃاڻپ ڪيئن ڪجي؟ اسان ڪهڙي طرح رياڪاري ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا؟ ڇا اسان ڪنهن کي رياڪار چئي سگهون ٿا يا نه؟ رياڪاري جا ڪيترا قسم آهن ۽ ان جو شرعي حڪم ڪهڙو آهي؟ ريا جي مرض جو علاج ڪهڙو آهي؟ وغيرها

## رياڪاري جو علم سکڻ فرض آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري جو علم ۽ ان جو علاج سکڻ فرض علوم مان آهي. **اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت، پروانہ شمع رسالت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحي 624 تي لکن ٿا:

”يعني باطني ممنوعات مثال طور تڪبر، ريا، عُجب ۽ حسد وغيره ۽ انهن جو علاج، انهن جو علم (سکڻ) به هر مسلمان تي اهم فرض مان آهي.“

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!          صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪاري (ڏيکاءُ) ڇا کي چئبو آهي؟

”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان سواءِ ڪنهن ٻي نيّت يا ارادي سان عبادت ڪرڻ رياڪاري آهي.“ مثال طور ماڻهن تي پنهنجي عبادت جو ڌاڪو ويهارڻ جو ارادو هجي ته ماڻهو هن جي تعريف ڪن، ۽ عزت ڪن ۽ ان جي خدمت ڪندي مال پيش ڪن.

(بهار شريعت حصه 16، ص 233، الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 69)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري جا درجا

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان لکن ٿا: ريا جا ڪيترائي درجا آهن، هر درجي جو حڪم الڳ آهي، ڪي ريا شرڪِ اصغر آهن، ڪي ريا حرام، ڪي ريا مڪروهه، ڪي ثواب. پر جڏهن ريا مطلقاً چيو ويندو آهي ته ان مان ممنوع ريا مراد هوندو آهي. (مراٰة المناجيح ج 7، ص 127)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري کان بچو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ريا کان بچڻ جو حڪم خود اسان جي معبود يعني ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏنو آهي، جيئن سيپاري 16 سورةُ الڪهف ۾ ارشاد آهي:

فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾ (سيپارو 16 الڪهف 110)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ جنهن کي پنهنجي رب سان ملڻ جي اميد هجي ان کي گهرجي ته چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي بندگي ۾ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري.

انهي جي تفسير ۾ مفسّرن لکيو آهي: يعني ريا ڏيکاءُ نہ ڪجي ڇوتہ اهو هڪ قسم جو شرڪ آهي. (تفسير نعيمي ج 16، ص 103)

## ”تنبيهہ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان رياڪاري جي شرڪ اصغر هجڻ جي باري ۾ 5 فرمان مصطفیٰ

(1) حضرت سَيِّدُنا محمود بن لبيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور پُرنور، شافِع يومُ النُّشور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن شيء جو توهان تي زياده خوف آهي، اهو شرڪ اصغر آهي.“ ماڻهن عرض ڪيو: شرڪ اصغر ڪهڙي شيء آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”ريا.“

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 23692، ج 9، ص 160)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ڀهرين حديث آهي جنهن ۾ ريا کي شرڪ اصغر فرمايو ويو آهي. مشرڪ پنهنجي عبادتن ذريعي پنهنجي ڪوڙن معبودن کي راضي ڪرڻ جي نيّت ڪندو آهي، (۽) رياڪار (مسلمان) پنهنجي عبادتن سان ماڻهن کي راضي ڪرڻ جي نيّت ڪندو آهي. انهيءَ لاءِ رياڪار ننڍي درجي جو مشرڪ آهي ۽ ان جو اهو عمل ننڍي درجي جو شرڪ آهي. جيئن تہ رياڪار جو عقيدو خراب ناهي ٿيندو، عمل ۽ ارادو خراب ٿيندو آهي ۽ قطعي مشرڪ جو (عمل ۽ ارادي سان گڏوگڏ) عقيدو بہ خراب ٿيندو آهي، انهيءَ لاءِ ريا کي ننڍو شرڪ چيو ويو آهي.

(مرأة المناجيح، ج 7، ص 144)

(2) حضرت سيدنا ابوسعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان مسيح دَجّال[5] جو ذڪر ڪري رهيا هئاسين تہ رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[5] دجّال جو ظاهر ٿيڻ قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. تفصيلي معلومات لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت، جلد اول، حصہ اول، ص 120 جو مطالعو ڪريو.

www.dawateislami.net

تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: مان توهان کي اهڙي شيءِ جي خبر نہ ڏيان، جنهن جو مسيح دجال کان بہ وڌيڪ مون کي توهان تي خوف آهي؟[6] اسان عرض ڪيو: هائو، يا رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ارشاد فرمايائون: ”اهو شرڪِ خفي آهي، ماڻهو نماز پڙهڻ لاءِ بيهندو آهي ۽ انهيءَ ڪري ڏکهي ڪندو آهي جو ٻيو شخص انهي کي نماز پڙهندي ڏسي رهيو هوندو آهي.“

(سنن ابن ماجہ، الحديث 4204، ج 4، ص 470)

يعني جيڪڏهن اڪيلائي ۾ نماز پڙهي تہ گهٽ پڙهي ها ۽ جلدي پڙهي ها پر جڏهن ان کي ڪو ڏسي رهيو آهي تہ نفل گهڻا ۽ ڏکها پڙهندو آهي. (مرأة المناجيح، ج 7، ص 143)

حضرت شدّاد بن اوس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سرڪار مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: ”جنهن ڏيکاءُ لاءِ روزو رکيو تہ ان شرڪ ڪيو، جنهن ڏيکاءُ لاءِ نماز پڙهي تہ ان شرڪ ڪيو ۽ جنهن رياڪاري ڪندي صدقو ڏنو تہ ان شرڪ ڪيو.“

(شعب الايمان رقم 6844، ج 5، ص 337)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شرڪ جا بہ قسم آهن: (1) شرڪ جلي ۽ (2) شرڪ خفي. شرڪ جلي تہ مشرڪ ۽ بت پرست ظاهر ظهور ڪندو آهي ۽ شرڪ خفي مان مراد رياڪاري (ڏيکاءُ) آهي. بلڪ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ شرڪ اعتقادي واضح شرڪ آهي ۽ شرڪ عملي رياڪاري آهي. ان حديث مان معلوم ٿيو تہ روزي ۾ بہ رياڪاري ٿي سگهي ٿي. ڪي ماڻهو روزو رکي ٻين جي

---

[6] يعني قيامت جي ويجهو دجال کي تہ ڪو هڪ شخص ڏسندو، انسان ان کان بچي بہ سگهي ٿو تہ ان وٽ نہ وڃي نہ ئي ان جي جار ۾ ڦاسي، پر رياڪاري جي مصيبت هر شخص کي هر وقت درپيش آهي انهي ڪري اها آفت دجال کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي. (مراة المناجيح ج 7 ص 143)

www.dawateislami.net

سامهون گهٽيون گرڙيون ڪندا آهن، مٿي تي پاٽي وجهندا آهن ۽ چوندا وتندا آهن: ”هاءِ روزو ڏاڍو لڳو آهي، ڏاڍي اُڃ لڳي آهي، وغيره وغيره“ هي به روزي جو ريا آهي ۽ انهيءَ حديث ۾ داخل آهي.
(مراٰة المناجيح، ج 7، ص 141، ملخصاً)

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصہ 16 صفحي 240 تي فرمائن ٿا: ”فرض جيڪڏهن ريا جي طور تي ادا ڪيائين تڏهن به ان جي ذمّي ساقط ٿي ويو، جيتوڻيڪ اخلاص نہ هئڻ جي ڪري ثواب نہ ملندو.“ روزي جي متعلّق ڪن عالمن جو اهو قول آهي تہ ان ۾ ريا ناهي ٿيندو. انهيءَ جو غالبًا اهو مطلب هوندو تہ روزو ڪجهہ شين کان رڪجڻ جو نالو آهي ان ۾ ڪو ڪم ناهي ڪرڻو هوندو، جنهن جي نسبت چيو وڃي تہ ريا سان ڪيائين، نہ تہ هي ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هي چوندو وتندو آهي تہ مون کي روزو آهي يا ماڻهن جي سامهون اهڙو منهن ڪيو وتندو آهي تہ جيئن ماڻهو سمجهن تہ ان جو بہ روزو آهي، انهيءَ طرح سان روزي ۾ بہ ريا جي مداخلت ٿي سگهي ٿي.

(4) هڪ ٻي جاءِ تي فرمايو ويو: ”شرڪ خفي کان بچندا رهو، جيڪو هي آهي تہ ٻانهو ماڻهن جي ڏسڻ جي ڪري نماز جا رڪوع ۽ سجدا ڪامل طريقي سان ادا ڪري.“
(شعب الايمان، الحديث 3141، ج 3، ص 144)

(5) حضرت شدّاد بن اَوس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي روئندو ڏسي ڪنهن پڇيو: ”ڇو روئي رهيا آهيو؟“ فرمايائون: مون رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان

هڪ ڳالهه ٻڌي هئي، اها ياد آئي، انهي روئاري وڌو آهي. (پوءِ فرمايائون) حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مون فرمائيندي ٻڌو ته: مان پنهنجي امت جي باري ۾ خفيه شرڪ ۽ لڪل شهوت جو انديشو ڪيان ٿو. مون عرض ڪيو: يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڇا اوهان جي امت اوهان کان پوءِ شرڪ ڪندي؟ فرمايائون: هائو! جڏهن ته اهي ماڻهو چنڊ، سج، پٿرن ۽ بتن کي نه پوڄيندا، بلڪ پنهنجي عملن ۾ ريا ڪندا ۽ شهوت خفيه هي آهي ته صبح جو روزو رکندو پوءِ ڪنهن خواهش سان روزو ٽوڙي ڇڏيندو.

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 17120، ج 6، ص 77)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان لڪن ٿا: ”(صبح جو روزو رکندو پوءِ پنهنجي خواهش سان روزو ٽوڙي ڇڏيندو) يعني هن طرح سان ته ان روزو رکيو هوندو، ڪا سٺن کاڌن واري دعوت ملي يا ڪنهن شربت سوڊا پيش ڪيو ته انهي کاڌي (يا) شربت جي ڪري روزو ٽوڙي ڇڏيو يا روزي جي نيّت ڪيائين ته اڄ روزو رکندس پر جڏهن اهي شيون ڏٺائين (ته) ارادو تبديل ڪري ڇڏيائين (جو) صرف نفساني لذّت ۽ خواهش جي ڪري اهڙو مزيدار کاڌو کير ڇڏي.“ (مرآة المناجيح، ج 7، ص 142)

**مدني گل**: (1) نفلي روزو قصداً شروع ڪرڻ سان مڪمل ڪرڻ واجب ٿي پوندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندو ته قضا واجب ٿيندي. (درمختار ج 3 ص 411) (2) نفلي روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان جيڪڏهن ميزبان نه کائيندو ته ان کي يعني مهمان کي ناپسند لڳندو يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نه کاڌو ته ميزبان کي تڪليف ٿيندي ته نفلي روزي ٽوڙڻ جي لاءِ اهو عذر آهي، هن

شرط سان تہ ان کي هي پروسو هجي تہ انهي جي قضا ڪندو ۽ هي بہ شرط آهي تہ ضحوہ ڪُبرىٰ کان پهريان ٿوڙي، (ان کان پوءِ نہ. (درمختار، ردالمحتار ج 3، ص 413)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪار جي ناداني

منا منا اسلامي ڀائرو! رياڪاري اهڙي هلاڪ ڪندڙ باطني بيماري آهي جو انسان جي عقل تي پردو وجهي ڇڏي ٿي. ڪيڏو نہ بيوقوف آهي اهو شخص جيڪو ڏيکاءُ واري عبادت جي ذريعي ماڻهن جي عزت، مال، مان ۽ مرتبي جو طلبگار هجي. جوتہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا، جنت جي اعلىٰ نعمتن ۽ هميشہ وارين خوشين تي انهن فاني شين کي ترجيح ڏنائين، جيڪي ختم ٿيڻ واريون آهن جڏهن تہ اهو شخص ثواب وڪڻي عذاب خريد ڪري رهيو آهي ۽ ان مخلوق کي راضي ڪرڻ لاءِ تڪليفون برداشت ڪري رهيو آهي، جيڪا ان کي نہ نيڪين جو بدلو ڏئي سگهي ٿي، نہ جنت جون نعمتون، نہ جهنم جي عذاب کان ڇوٽڪارو! بلڪ دنيا ئي ۾ ماڻهن کي انهي جي نيّت جي خبر پئجي وڃي تہ ان کان نفرت ڪرڻ لڳن.

## ”ڀڏو! رياڪاري بہ باعثِ هلاڪت آهي“ جي ڀاويهن اکرن جي نسبت سان رياڪاري جون 22 تباهہ ڪاريون

### ﴿1﴾ عمل ضايع ٿي ويندو آهي

ڏيکاءُ جي لاءِ عبادت ڪرڻ واري جو عمل ضايع ٿي ويندو آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى ۙ كَالَّذِىْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ
(سيپارو 3، بقره 264)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ پنهنجا (خيرات) ضايع نہ ڪريو تورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي انهيءَ وانگر جو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪري.

## ﴿2﴾ شيطان جا دوست

ماڻهن تي پنهنجو ڏاڪو ويهارڻ لاءِ مال خرچ ڪرڻ وارن کي شيطان جا دوست قرار ڏنو ويو آهي. جيئن سيپاري 5 سورۃ النساء ۾ ارشاد آهي:

وَ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ لَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَمَنْ يَّكُنِ الشَّيْطٰنُ لَهٗ قَرِيْنًا فَسَآءَ قَرِيْنًا ﴿۳۸﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪي پنهنجو مال ماڻهن کي ڏيکارڻ جي واسطي خرچ ڪندا آهن ۽ ايمان نہ ٿا آڻين الله تي ۽ نہ قيامت تي ۽ جنهن جو ساٿي شيطان ٿيو تہ ڪهڙو نہ بڇڙو ساٿي آهي. (سيپارو 5، النسآء 38)

## ﴿3﴾ رياڪارن جو ٺڪاڻو جهنم جي وادي ٿيندي

ڏيکاءُ لاءِ نمازون پڙهندڙ بدنصيبن جو ٺڪاڻو جهنم ٿيندو. جهڙي طرح قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۙ﴿۴﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۙ﴿۵﴾ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۙ﴿۶﴾ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿۷﴾
(سيپارو 30، الماعون 4-7)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ خرابي آهي انهن نمازين جي واسطي جيڪي پنهنجي نماز کان غافل ويٺا آهن. ۽ جيڪي ڏيکاءُ جي واسطي عمل ڪن ٿا ۽ معمولي نفعي واري شيءِ گهرڻ سان نہ ٿا ڏين.

www.dawateislami.net

## ﴾4﴿ عمل برباد ٿي ويندا

دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيڻ وارن بيوقوفن جا عمل برباد ٿي ويندا. جهڙي طرح ارشاد خداوندي آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَ هُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَ حَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَ بٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾

ترجموڪنزالايمان: جيڪو دُنيا جي زندگي ۽ سينگار طلبيندو هجي اسان ان ۾ انهن کي پورو پورو ڦل ڏينداسين ۽ ان ۾ ڪا بہ ڪمي نہ ٿيندي. اهي ئي آهن جن جي واسطي آخرت ۾ باهہ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ ڊٺ ٿي ويو جو ڪجهہ ان ۾ ڪيو هئائون ۽ سندن عمل نابود ۽ تباهہ ٿي ويا.

(سيپارو 12، هود 15-16)

حضرت سَيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ اها آيت رياڪارن(يعني ڏيکاءُ ڪرڻ وارن) جي باري ۾ نازل ٿي.

(روح البيان، سورهءِ هود، تحت الآية 15 ج 4 ص 108)

## ﴾5﴿ رياڪارن جي حسرت

شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: قيامت جي ڏينهن ڪجهہ ماڻهن کي جنت ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو، ايتري تائين جو جڏهن اهي جنت جي ويجهو پهچي ان جي خوشبو سِنگهندا ۽ اتي جا محلات ۽ جنتين لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جون تيار ڪيل نعمتون ڏسندا تہ ندا ٿيندي: ”انهن کي واپس ڪيو ڇوتہ انهن جو جنّت ۾ ڪو حصو ناهي.“ تہ اهي اهڙي حسرت سان موٽندا جهڙي پهرين ۽ پوين کي نہ ٿي هوندي. پوءِ اهي عرض ڪندا: ”اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون انهن نعمتن

www.dawateislami.net

ڏيڪارڻ ڪان پهريان ئي اسان کي جهنم ۾ داخل ڪرين ها ته اهو اسان تي سولو هجي ها.“ ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”بدبختؤ! مون چاهي ڪري توهان سان ائين ڪيو آهي، جڏهن توهان اڪيلائي ۾ هوندا هيو ته مون سان جنگ جو اعلان ڪندا هيو وري جڏهن ماڻهن جي سامهون هوندا هيو ته منهنجي بارگاهه ۾ بيائي سان حاضر ٿيندا هيو، پڻ ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪندا هيو جڏهن ته توهان جي دلين ۾ منهنجي لاءِ ان جي بالڪل ابتڙ ڪيفيت هوندي هئي، ماڻهن سان محبّت ڪندا هيو ۽ مون سان محبّت نه ڪندا هيو، ماڻهن جي عزّت ڪندا هيو ۽ منهنجي عزّت نه ڪندا هيو، ماڻهن جي لاءِ عمل ڇڏي ڏيندا هيو پر منهنجي لاءِ برائي نه ڇڏيندا هيو، اڄ مان توهان کي ثواب ڪان محروم ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي عذاب جو به مزو چکائيندس.“

(المعجم الاوسط، الحديث 5478، ج 4، ص 135 ملخصاً)

الله کے سامنے وہ گُن تھے
یاروں میں کیسے مُتَّقِی سے (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ عمل قبول ناهي ٿيندو

ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻ وارو رياڪار قيامت جي ڏينهن پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ هٿين خالي پيش ٿيندو. صاحب معطر پسنيه، باعثِ نزول سڪينه، فيض گنجينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن شهرت جي طلبگار، رياڪار ۽ راند روند ۾ رهڻ

واري جو ڪو عمل قبول ناهي ڪندو.“

(حلية الاولياء، الحديث 1732، ج 2، ص 139)

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مخزن جود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت، محبوبِ ربّ العزّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان عمل کي قبول ناهي ڪندو جنهن ۾ رائي جي داڻي جيترو به رِيا (ڏيکاءُ) هجي.“

(الترغيب والترهيب، الحديث 54، ج 1، ص 47)

## ﴿7﴾ رياڪار جا چار نالا

هڪ شخص ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ”سياڻي قيامت جي ڏينهن ڪهڙي شيء ڇوٽڪارو ڏياريندي؟“ ان تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان خيانت نه ڪرڻ.“ وري عرض ڪيو ويو: ”ٻانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان خيانت ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟“ ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اهڙي طرح جو توهان ڪو اهڙو ڪم ڪيو، جنهن جو حڪم توهان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول ڏنو، ليڪن توهان جي مراد غيرُاللّٰه جي خوشنودي ماڻڻ جي هجي، تنهن ڪري رياڪاري کان بچندا رهو، ڇوته هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان شرڪ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي ماڻهن جي سامهون چئن نالن سان سڏيو ويندو. يعني ”اي بدڪار! اي ڌوڪي باز! اي ڪافر! اي نقصان ۾ پوڻ وارا! تنهنجو عمل تباهه ۽ تنهنجو اجر برباد ٿي ويو، تنهن ڪري اڄ تنهنجي لاءِ ڪو حصو ناهي، اي ڌوڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ

وارا! هاڻي تون پنهنجو ثواب ان وٽ وڃي ڳول، جنهن جي لاءِ تو عمل ڪيو هو.“ (الزواجر عن اقتراف الكبائر، ج 1، ص 68)

## ﴿8﴾ جهنّم ۾ پناھ گھرندو آھي

نبي مُڪَرَّم، نُورِ مُجسَّم، شاھ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”بيشڪ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي، جنهن کان جهنّم روزانو چار سؤ ڀيرا پناھ گھرندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اها وادي امتِ محمّديّه عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي انهن رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي، جيڪي قرآن پاڪ جا حافظ، غيرُالله جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، الله عَزَّوَجَلَّ جي گھر جا حاجي ۽ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ نڪرڻ وارا هوندا.“ (المعجم الكبير، الحديث 12803، ج 12، ص 136)

## ﴿9﴾ رُسوائي جو عذاب

اڄ دنيا ۾ ماڻهن جي اڳيان پنهنجي عبادتن کي ظاهر ڪري، نيڪ نالو چاهڻ وارو، قيامت جي ڏينهن ذليل ۽ خوار ٿيندو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاھ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪو شهرت لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ذليل ڪندو. جيڪو ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عذاب ڏيندو.“ (جامع الاحاديث، الحديث 20740، ج 7، ص 44)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مولانا مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان انهي حديث جي تحت لکن ٿا: ”يعني جيڪي عبادتون ماڻهن جي ڏيکاءُ (۽) ٻڌائڻ لاءِ ڪندو تہ الله تعاليٰ دنيا ۾ يا آخرت ۾ ان جا عمل ماڻهن ۾ مشهور ڪندو پر عزت سان نہ بلڪ ذلّت سان جو ماڻهو ان جا عمل ٻڌي ان کي ملامت ئي ڪندا.“

(مراٰة المناجيح، ج 7، ص 129)

آج بتا ہوں معزز جو کھلے حشر میں عیب
ہائے رسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یاربّ

## ﴿10﴾ رياڪار تي جنت حرام آهي

شهنشاهِ خوش خصال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر رياڪار تي جنّت حرام ڪري ڇڏي آهي.“ (جامع الاحاديث، الحديث 6725، ج 2، ص 476)

حضرت علاّمہ محمد عبدالرّؤف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِى انهي حديث جي تحت ”فَيْضُ الْقَدِيْر شَرْحُ جَامِعُ الصَّغِيْر“ ۾ فرمائن ٿا: ”يعني رياڪار پهرين جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارن خوش نصيبن سان گڏ جنّت ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل نہ ڪري سگهندو، ڇو تہ ان اهڙي شخص جي رعايت ۾ پنهنجي پاڻ کي مشغول رکيو جيڪو حقيقت ۾ ان جي ڪنهن نفعي ۽ نقصان جو مالڪ نہ هو، پنهنجا عمل ضايع ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي دين کي نقصان پهچايائين. تنهنڪري هميشہ رياڪار ان (رياڪاري جي) گندگي ۾ پريل رهن ٿا جو انهن کي بَنْي ۾ وڏو ويندو، ايسيتائين جو انهن جون گندگيون ۽ پليتيون ختم تي وجن. اسان جا اسلاف انهي لاءِ نيڪ عمل ڪندا هئا ۽ (عمل) ردّ ٿيڻ جي خوف وچان پنهنجي نيّتن جي اخلاص جي هميشگي جي حفاظت ڪندا رهندا هئا. (فيض القدير، تحت الحديث 1725، ج 2، ص 286)

## ﴿11﴾ جنت جي خوشبو بہ نہ ماڻيندو

جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ عمل ڪرڻ وارا مسلمان وڏي خوشي سان جنّت ڏانهن وڃي رهيا هوندا تہ پنهنجا اعمال رياڪاري جي حوالي ڪرڻ وارا بدنصيب جنّت جي خوشبو بہ نہ

سنگهي سگهندا. جيئن سيّدُ المُبَلِّغِيۡن، رَحۡمَة لِّلۡعٰلَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جنّت جي خوشبو پنج سؤ سالن جي مفاصلي کان سنگهي سگهجي ٿي پر آخرت جي عمل سان دنيا حاصل ڪرڻ وارو انهي کي نہ سنگهي سگهندو.“

(ڪنزالعمال الحديث 7489 ج 3 ص 190)

## ﴿12﴾ پنهنجي ربّ جي توهين ڪرڻ وارو مُجرم

شفيعُ المذنبين، انيسُ الغريبين، سراجُ السّالڪين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جن ماڻهن جي سامهون سهڻي طريقي سان ۽ اڪيلائي ۾ بري طريقي سان نماز ادا ڪئي، بيشڪ ان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي توهين ڪئي.“

(مسند ابي يعلىٰ الموصلي، الحديث 5095، ج 4، ص 380)

حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي انهي جو مثال اسان کي هن ريت سمجهائين ٿا: ڪو شخص سڄو ڏينهن بادشاهہ جي سامهون بيٺو هجي، جهڙي طرح خادمن جي عادت هوندي آهي ليڪن انهي جو مقصد بادشاهہ جو قرب حاصل ڪرڻ نہ هجي، بلڪ ان جي ڪنهن ٻانهيءَ کي ڏسڻ هجي تہ اها بادشاهہ سان مذاق آهي، انهي کان وڌيڪ ذلت ڪهڙي ٿيندي جو ڪو شخص اللّٰه تعاليٰ جي عبادت ان جي ڪمزور ٻانهي کي ڏيکارڻ لاءِ ڪري جيڪو ان کي بالذّات (ذاتي طور) نہ نفعو ڏئي سگهي ٿو نہ نقصان. (احياءُ العلوم، ج 3، ص 369 ملخصاً)

## ﴿13﴾ زمين ۽ آسمان ۾ ملعون

محبوبِ ربّ العٰلمين، شفيعُ المذنبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن آخرت جي عمل سان زينت

حاصل ڪئي، حالانڪ ان جي مراد ۽ طلب آخرت نہ هئي تہ اهو زمين ۽ آسمان ۾ ملعون آهي.“ (مجمع الزوائد، الحديث 17948، ج 10، ص 377)

## ﴿14﴾ رياڪارن جو ٺڪاڻو

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جڏهن بہ ڪا قوم آخرت (جي عملن) سان آراستہ ٿي دنيا (حاصل ڪرڻ) لاءِ حسن ۽ جمال جو پيڪر بڻجي تہ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي.“ (جامع الاحاديث، الحديث 1169، ج 1، ص 183)

## ﴿15﴾ اللّٰه تعالىٰ جي ڪرم کان پري ٿيڻ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان غير خدا جي لاءِ ڏيکاءُ ڪيو، تحقيق اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم واري ذمّي کان آزاد ٿي ويو.

(المعجم الڪبير، الحديث 805، ج 22، ص 320)

## ﴿16﴾ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪرڻ وارو

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪو ڏيکاءُ ۽ شهرت واري جاءِ تي بيهنو تہ جيستائين ويهي نہ رهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ناراضپي ۾ آهي.“

(مجمع الزوائد، الحديث 17664، ج 10، ص 383)

گر تُو ناراض ہُوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ

## ﴿17﴾ مال حاصل ڪرڻ لاءِ علم سکڻ واري جو انجام

نبي مُڪَرَّم، نور مُجسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جنهن، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حاصل ڪيو ويندڙ علم، دنيا جي مال طلبي لاءِ حاصل ڪيو ته قيامت جي ڏينهن اهو جنّت جي خوشبو به نه سنگهي سگهندو.“

(سنن ابي داوٗد، الحديث 3664، ج 3، ص 451)

## ﴿18﴾ قيامت جي ڏينهن پشيماني ٿيندي

رسولِ اڪرم، نور مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي ته جڏهن ماڻهو پنهنجا عملَ ڪٽي ايندا ته رياڪارن کي چيو ويندو: ”انهن وٽ وڃو جن جي لاءِ اوهان رياڪاري ڪندا هئا ۽ انهن کان وڃي پنهنجو اجر وٺو.“

(المعجم الکبير، الحديث 4301، ج 4، ص 253)

## ﴿19﴾ اعمال رد ٿي ويندا

نور جا پيڪر، سيني نبين جا سروَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان هدايت نشان آهي: ”مان شريڪ کان بي نياز آهيان، جنهن ڪنهن عمل ۾ ڪنهن کي مون سان شريڪ ڪيو، مان ان کي ۽ ان جي شرڪ کي ڇڏي ڏيندس.“ ۽ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته هڪ مُهر لڳل صحيفو، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ نصب ڪيو ويندو، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي ارشاد فرمائيندو: ”انهي کي قبول ڪيو ۽ اُن کي ڇڏي ڏيو.“ ملائڪ عرض ڪندا: ”اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي عزّت جو قسم! اسان انهي ۾ ڀلائي کان سواءِ ڪجھ نٿا ڏسون.“ ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”توهان صحيح چئو ٿا پر اهي منهنجي

غير جي لاءِ آهن ۽ اڄ مان صرف اهي اعمال قبول ڪندس، جيڪي منهنجي رضا لاءِ ڪيا ويا هوندا.“

(ڪنزالعمّال، الحديث 7471، 7472، ج 3، ص 189)

## ﴿20﴾ رياڪاري جو انجام

حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول اڪرم، نور مُجسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جُبُّ الْحُزْن“ کان الله (عَزَّوَجَلَّ) جي پناهه گهرو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ”جُبُّ الْحُزْن“ ڇا آهي؟ فرمايائون: ”اها جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنم به هر ڏينهن سؤ ڀيرا پناهه گهرندو آهي، انهي ۾ اهي قاري داخل ٿيندا، جيڪي پنهنجي عملن ۾ ريا ڪندا آهن.“

(جامع الترمذي، الحديث 2390، ج 4، ص 170)

هتي قاري مان مراد اهي بي دين عالِم آهن جيڪي سُنن عملن جي لباس ۾ ماڻهن آڏو اچي ماڻهن کي گمراهه ۽ بي دين بڻائين ته جيئن انهن کان دولت وٺي، انهن جي بدڪارين کي جائز ثابت ڪري، ظلم ۾ انهن جا مددگار ٿين بلڪ چاپلوس عالم به خطرناڪ آهي، جيڪو جتي وڃي پوءِ اتي انهن جهڙو بڻجي ٿو. اسان جو الله، نبي، قرآن ۽ ڪعبو هڪ، دين به هڪ هئڻ گهرجي.

(مرأة المناجيح، ج 1، ص 229)

## ﴿21﴾ پنهنجوا جرانهيءَ کان وڃي وٺ جنهن جي لاءِ عمل ڪيو هو

رياڪار جي لاءِ هڪ وڏو نقصان ۽ گهاٽو هي آهي ته جڏهن ماڻهن کي انهن جي عملن جو ثواب ملندو ۽ انهن کي انعامن

سان نوازيو ويندو ته رياڪار جي سيني ماڻهن جي اڳيان بيعزّتي ٿيندي. ان کي چيو ويندو تون پنهنجي عمل جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا نه گهري بلڪ تنهنجي نيّت هي هئي ته ماڻهو تنهنجي تعريف ڪن. هاڻي تون انهن وٽ وڃ، انهن کان پنهنجو انعام وٺ ۽ اهي ماڻهو هن کي چا ڏئي سگهندا جڏهن ته اهي پاڻ هڪ هڪ نيڪي جا محتاج هوندا.

حضرت سَيِّدُنا ابوسعيد رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ چون ٿا ته مون الله جي حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: ”جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ سيني اڳين ۽ پوين کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو ته هڪ منادي (آواز ڏيندڙ) هي ندا ڪندو ته جنهن، ڪنهن عمل ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪيو (يعني رياڪاري ڏيکاءُ ڪيو) ته ان کي گهرجي ته اهو پنهنجو ثواب انهي کان وڃي وٺي چوته الله عَزَّوَجَلَّ شرڪ کان بي نياز آهي.“

(جامع الترمذي، الحديث 3165، ج 5، ص 105)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني جيڪي ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ ڪيا ويندا آهن، انهن ۾ ڪنهن ٻانهي جي رضا جي نيّت ڪري. ٻانهي مان مراد دنيادار ٻانهو آهي ۽ ظاهر ڪرڻ به پنهنجي مشهوري جي لاءِ هجڻ مراد آهي، تنهن ڪري جيڪو ماڻهو پنهنجي عبادت ۾ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي به نيت ڪري يا جيڪي مسلمانن کي سيکارڻ جي نيت سان ماڻهن کي پنهنجا اعمال ڏيکارين، اهي انهي وعيد ۾ داخل ناهن. (مراٰة المناجيح، ج 7، ص 130)

www.dawateislami.net

## ﴿22﴾ رياڪار جو آخرت ۾ ڪو حصو ناهي

حضرت سَيِّدُنا اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول اڪرم، نُور مُجسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هن امت کي روشني، بلندي ۽ زمين ۾ اختيارات جي خوشخبري ڏيو ۽ جنهن آخرت جو عمل (يعني نيڪي) دنيا لاءِ ڪئي، ان جو آخرت ۾ ڪو حصو ناهي.“ (مجمع الزوائد، الحديث 17646، ج 10، ص 376)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسان جو ڇا ٿيندو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نهايت ڳڻتي جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اخلاص نه هئڻ جي ڪري، اسان کي به رياڪارن جي قطار ۾ ويهاريو ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي، کير ۽ ماکي جون وهندڙ نهرون، جنّت جون حورون، شاندار محل ۽ جنّت جي ٻين انعامن جي محرومي ۽ محشر جي ميدان ۾ سڀني جي سامهون ذلّت جو صدمو اسان ڪيئن برداشت ڪنداسين؟ اسان جو نازڪ جسم جيڪو گرمي يا سردي جي ٿوري به سختي جي ڪري پريشان ٿي پوندو آهي، جهنم جا دردناڪ عذاب ڪيئن سهي سگهندو؟

هائے! معمولی سی گرمی بھی سہی جاتی نہیں
گرمیِ حشر میں پھر کیسے سہوں گا یاربّ

## جهنم جو گهٽ ۾ گهٽ عذاب

حضرت سَيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا ته رسول اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”دوزخين ۾ سڀ کان گهٽ عذاب جنهن کي ٿيندو، ان کي باهه جا چپل پارايا ويندا،

جنهن سان ان جو دماغ ٻڙڪندو.“ (صحيح البخاري،الحديث 6561، ج 4، ص 262)

## اسان جو نازڪ جسم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو ته سهي جيڪڏهن اسان کي رياڪاري جي سزا ۾ جهنم جو رڳو اهوئي عذاب ڏنو ويو، تڏهن به اسان برداشت نه ڪري سگهنداسين، ڇوته اسان جا پير ايترا ته نازڪ آهن جو اوچتو ٿانڊي تي پئجي وڃن تڏهن به سڄو جسم بيقرار ٿي پوي ٿو، ٿورو به مٿي جو سور اسان جو هوش حواس وڃائي ڇڏي ٿو ته پوءِ اهو عذاب جنهن سان دماغ ٻڙڪي، ڪنهن ۾ برداشت ڪرڻ جي طاقت آهي؟ پر آه! رياڪارن کي ته جهنم جي ان وادي ۾ وڌو ويندو، جنهن کان جهنم به پناهه گهرندو آهي. (اَلاَمان و الحَفِيظ) پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اڃا به اسان رياڪاري کان نه مڙنداسين، ڇا اڃا به اخلاص اختيار نه ڪنداسين؟ ڪيسيتائين اهڙي طرح غافل رهنداسين؟ آه! جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت شامل حال نه رهي ته اسان جو ڇا ٿيندو؟

ڪب گناہوں سے کنارہ میں کروں گا یارب
نیک کب اے میرے اللہ! بنوں گا یارب
دردِ سر ہو یا بخار میں تڑپ جاتا ہُوں
میں جہنم کی سزا کیسے سہوں گا یا رب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان کان پهريان جو موت اسان کي نفيس بسترن تان اٿاري، قبر جي مٽي واري فرش تي سمهاري، اسان کي گهرجي ته رياڪاري جي انڌيري کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سيني کي اخلاص جي نور سان روشن ڪريون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪنهن کي رياڪار چوڻ ڪيئن آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري جي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجي اصلاح جو ارادو هئڻ گهرجي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان شيطان جي وڇايل ڄار کان بچي، بدگماني جي چنبي ۾ وڃي ڦاسؤن. ان ڪري ڪنهن بہ مسلمان کي هرگز رياڪار قرار نہ ڏجي ڇوتہ ڪنهن جي رياڪار يا مخلص هئڻ جو دارومدار ان جي نيّت تي آهي. شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب ۽ سينہ، صاحبِ مُعطّر پسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي.“ (صحيح البخاري الحديث 1، ج1، ص 1) ۽ نيّت جو تعلّق دل سان آهي. اسان وٽ ڪو اهڙو اوزار يا ذريعو موجود ناهي جو بنا ٻڌائڻ جي دل جي ڳالهہ يقيني طرح سان ڄاڻي وٺؤن، تنهن ڪري اسان جي آخرت جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ ڪنهن کي رياڪار نہ سمجهون ڇوتہ اها بدگماني[7] آهي ۽ بدگماني حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## ”نيّت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان 3 شرعي حڪم

(1) اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوي رضويہ جلد 16، صفحي 500 تي لکن ٿا: ”بنا شرعي سبب مسلمان تي (قصدِ) ريا جي بدگماني بہ حرام آهي.“

(2) ڪنهن اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ العزّت کان پڇيو تہ هڪ شخص چندو (ڏئي) مسجد نهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي طرح پنهنجو نالو پٿر تي لکرائڻ چاهي ٿو، ڇا نالو لکرائڻ شرعاً درست آهي يا نہ؟

---

[7] بدگماني جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو ”بدگماني“ هديو ڏئي حاصل ڪيو.

www.dawateislami.net

ان جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: ”نالي لڪرائڻ جو حڪم، نيّت جي مختلف ٿيڻ جي ڪري مختلف ٿيندو آهي جيڪڏهن نيّت ريا ۽ ڏيکاءُ جي آهي تہ حرام ۽ مردود آهي ۽ جيڪڏهن نيّت هي آهي تہ نالي جي بقا تائين (يعني جيسيتائين نالو رهي) مسلمان دعا سان ياد ڪن تہ حرج ناهي۽جيسيتائين ٿي سگهي مسلمان جو ڪم نيڪ محمل تي ئي محمول ڪيو ويندو.“ (فتاویٰ رضويہ، ج 23، ص 389)

(3) ڪنهن کان هن طرح جو سوال ڪيائين تہ جيڪڏهن ڪو امام عام ڏينهن ۾ مغرب جي اذان دير سان ڏياريندو هجي پر پنهنجي پِير جي موجودگي ۾ ان کي ڏيکارڻ جي لاءِ جلد اذان ڏياري ۽ جماعت ڪرائڻ وقت سجدي ۽ رڪوع ۾ عام معمول کان هٽي گهڻي دير لڳائي تہ ڇا اها ان جي رياڪار ۽ مڪار هجڻ جي علامت آهي؟ اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت انهي جو جواب هي ڏنو: مغرب جي اذان بنا شرعي سبب جي دير سان ڏيڻ سنّت جي خلاف آهي. پِير جي سامهون جلد ڏيارڻ ريا تي ڪيئن محمول ڪيو وڃي بلڪ پِير جي خوف يا لحاظ کان ان سنّت جي خلاف (فعل) کي ڇڏڻ (چونہ سمجهيو وڃي؟) پِير جي سامهون رڪوع ۽ سجدن ۾ دير بہ هرويرو ريا ۽ مڪّاري تي دليل ناهي، بلڪ ان جي موجود هئڻ تي تاثر (يعني اثر ٿيڻ) بہ ممڪن ۽ مسلمانن جو فعل جيسيتائين ٿي سگهي، نيڪي تي محمول (گمان) ڪرڻ واجب آهي ۽ بدگماني ريا کان ڪجھ گهٽ حرام نہ آهي. باقي جيڪڏهن رڪوع ۽ سجدن ۾ ايتري دير لڳائيندو هجي جو سنّت کان وڌيڪ ۽ جماعتين کي ڏکيو لڳندو هجي تہ ضرور گنهگار آهي. (وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم)

(فتاویٰ رضويہ ج 5، ص 324)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ سال تائين روئڻ کان محروم رهيا

حضرت سَيِّدُنا مڪحول دِمشقي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان ڪنهن کي روئندو ڏسو ته ان سان گڏ روئڻ شروع ٿي وڃو. هي بدگماني نه ڪريو ته اهو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ائين ڪري رهيو آهي. مون هڪ ڀيري هڪ شخص کي روئندو ڏسي بدگماني ڪئي هئي ته اهو رياڪاري ڪري رهيو آهي ته ان جي سزا ۾ مان هڪ سال تائين (خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾) روئڻ کان محروم رهيس.“ (تنبيه المغترين ص 107)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تَجَسُّس نه ڪيو

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪنهن جي باري ۾ تجسس ڪرڻ ۽ ان ۾ رياڪاري جون علامتون ڳولڻ، جيئن ان کي بدنام ڪيو وڃي ته ائين ڪرڻ حرام آهي.

(احياء علوم الدين، ج 2، ص 150، ڪتاب الامر بالمعروف، ج 2، ص 399 ملخصاً)

هر حال ۾ اسان کي گهرجي ته ٻين ۾ عيب ڳولڻ جي بدران رياڪاري جي بيان ڪيل نمونن کي پاڻ ۾ ڳولڻ کان پوءِ علاج جي تدبير ڪريون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي رياڪار!

هڪ عورت حضرت سَيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار کي انهن لفظن سان سڏ ڪيو: اي رياڪار! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عاجزي سان وراڻيو: ”اي خاتون! بصره جي ماڻهن منهنجو نالو وساري ڇڏيو هو، تو انهي نالي کي ڳولي ورتو.“ (تذڪرة الاولياء، ص 53)

سُبحٰن اللہ! سُبحٰن اللہ! اسان جا اسلاف مڪمل اخلاص هئڻ سان گڏوگڏ نهايت ئي بردبار ۽ خوش اخلاق هوندا هئا. ڪو ڪيترو به تنگ ڪندو هو، تڏهن به انهن ڪي پنهنجي نفس جي خاطر ڪاوڙ نہ ايندي هئي، جيڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ ايندي بہ هئي تڏهن بہ صبر جو دامن هرگز نہ ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن اسان کي بہ ڪو رياڪار چوي تہ جذباتي ٿيڻ جي بدران صبر ڪري اجر ڪمائڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪاري ڪيئن ٿيندي آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري کان بچڻ جي لاءِ هي ڄاڻڻ ڏاڍو اهم آهي تہ اسان ڪهڙي طرح رياڪاري ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا. جيئن جو رياڪاري ڪڏهن تہ زبان جي ذريعي ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن فعل جي ذريعي، ان جي ضروري تفصيل ملاحظ ڪيو:

## ”زبان جي بي احتياطي“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان ڳالهائڻ ذريعي رياڪاري جون 15 صورتون

(1) ٿهيل نڪيل لفظن ۾ هن نيّت سان ديني ڳالهيون ڪرڻ تہ جيئن ماڻهن تي ان جي وسيع ديني معلومات، فصاحت ۽ بلاغت جو ڌاڪو ويهي، جو مان اهڙو تہ قادرُ الڪلام آهيان جو ڪوبہ مون کان وڌيڪ سهڻي نموني پنهنجو مقصد بيان ڪري ئي نہ ٿو سگهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي گفتگو جي انداز جي ذريعي نمايان مقام حاصل ڪرڻ جا خواهشمند هوندا آهن. واعظ ڪرڻ وارا، مُبلِّغ ۽ مُصنِّف اهڙي قسم جي رياڪاري جو آساني سان

شڪار ٿي ويندا آهن.

(2) مُصنِّف جو ڪتاب جي مقدّمي (شروع) ۾ اهڙي قسم جا لفظ لکڻ: ”مون ايڏو وڏو مثلاً 1000 صفحن جو ڪتاب صرف 10 ڏينهن ۾ لکيو آهي.“ تہ جيئن پڙهڻ وارن تي سڄي وقت ديني ڪمن ۾ مصروف رهڻ جو ڌاڪو ويهي.

(3) بيان ڪرڻ واري جي بيان جي شروعات ۾ اهڙي قسم جا لفظ ڳالهائڻ جو ٻڌڻ وارو ان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ قربانيون ڏيڻ وارو سمجهي، پاڻ کي ان جو احسان مند سمجهي. مثال طور: مان 6 ڏينهن کان وٽي لاڳيتو سفر ڪري رهيو آهيان، 13 ڪلاڪن جو سفر ڪري، هتي پهتو آهيان، ڏاڍو ٿڪل آهيان، اجا ڪاڏو بہ نہ کاڌو آهي، پر بيان ڪرڻ لاءِ اچي پهتو آهيان وغيرها.

(4) گفتگو جي دؤران ٿوري گهڻي ڳالهہ تي پنهنجا ديني ڪارناما بيان ڪرڻ تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان کي دين جو وڏو خادم سمجهن ۽ ان جي عظمتن جا قائل ٿين. مثال طور مون کي نيڪي جي دعوت عام ڪندي 15 سال ٿي ويا. مان ايترو وقت فلاڻ فلاڻ ذميداري تي فائز رهيس، مون ايترن علائقن بلڪ ملڪن ۾ وڃي مدني ڪم ڪيو، مون سوين ماڻهن کي گناهن کان توبهہ ڪرائي، مدني ڪم ڪرڻ تي راضي ڪيو، انهن جي تربيت ڪئي وغيرها. ڪنهن بہ مذهبي تنظيم يا تحريڪ سان وابستہ ماڻهو آساني سان اهڙي قسم جي رياڪاري جي وَر چڙهي سگهن ٿا.

(5) ڪنهن شرعي مسئلي جي زباني يا لکت ۾ جواب ڏيڻ وقت انهي نيّت سان عربي عبارتون پڙهڻ يا لکڻ ۽ بنا ضرورت جي هڪ کان وڌيڪ ڪتابن جو حوالو ڏيڻ تہ جيئن سوال پڇندڙ

۾ ٻڌندڙ تي ان جي وڏي مطالعي جو راز کلي ۽ اهي انهي کي تمام وڏو عالم ۽ مفتي سمجهن.

(6) ديني حوالي سان شهرت رکڻ واري يا ڪنهن معزّز شخص جو نئين ملاقات ڪندڙ کي پنهنجو تعارف ان نيّت سان ڪرائڻ تہ جيئن اهي منهنجي مقام ۽ مرتبي کان واقف ٿي، منهنجي عزّت ڪن يا دنيوي نفعو ڏين.

(7) ڪنهن جامعہ يا مدرسي جي استاد جو بنا ضرورت، طالبن جي سامهون پنهنجا ڪارناما بيان ڪرڻ تہ جيئن طالب ان جا شيدائي ٿين، جو اسان کي پڙهائڻ جي لاءِ ڪيڏو نہ عظيم استاد مليو آهي.

(8) ڪنهن کي پنهنجا گهڻا فضائل ٻڌائي هي چوڻ تہ ”اوهان ڪنهن ٻئي کي نہ ٻڌائجو.“ تہ جيئن سامهون وارو متاثر ٿئي (۽ چوي تہ) وڏو مُخلِص شخص آهي جو ڪنهن تي پنهنجا نيڪ عمل ظاهر ٿيڻ نہ ٿو چاهي.

(9) ڪنهن کي نيڪي جي دعوت هن نيّت سان ڏنائين تہ جيئن ماڻهو ان کي مسلمانن جو عظيم خيرخواهہ سمجهن يا ڪنهن کي برائي کان ان لاءِ روڪيائين تہ جيئن ماڻهو ان کان متاثر ٿين ”وڏو غيرتمند شخص آهي جو برائي ڏسي چپ نہ ٿو رهي سگهي.“ حالانڪ ان کي پنهنجي گهر ۾ ٿيڻ واري برائي ڏسي، ڪڏهن اهڙي غيرت نہ آئي.

(10) حافظِ قرآن يا عالمِ دين جو بنا ضرورت پنهنجو پاڻ کي حافظ يا عالم هجڻ، ان نيّت سان ظاهر ڪري تہ جيئن ماڻهو ان جي عزّت ڪن، ان کي سٺي جڳهہ تي ويهارين.

www.dawateislami.net

مدينہ: بهارِ شريعت ۾ آهي: عالم جيڪڏهن پنهنجو عالم ٿيڻ ظاهر ڪري تہ ان ۾ حرج ناهي پر هي ضروري آهي تہ وڏائي طور هي اظهار نہ هجي جو فخر ڪرڻ حرام آهي بلڪ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ ظاهر ڪجي ۽ مقصد هي هجي تہ جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيندو تہ فائدو حاصل ڪندا، ڪو دين جو مسئلو پڇندو ۽ ڪو پڙهندو. (بهار شريعت، حصہ 16، ص 270)

(11) حج ڪرڻ واري جو بنا ضرورت جي، پاڻ کي ان نيّت سان حاجي ظاهر ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان جي تعظيم ڪن.

(12) فخريہ طور مشهور ۽ معروف مشائخن سان ملاقات يا انهن جي صحبت ۾ رهڻ يا انهن سان رشتيداري جي دعويٰ ان نيّت سان ڪرڻ جيئن ماڻهو ان کي بہ مُعظّم (عظمت لائق) سمجهن ۽ ان جي عزت ڪن.

(13) عاجزي يا همدردي جا اهڙا لفظ ڳالهائڻ، جن جي دل تائيد نہ ڪندي هجي، مثال طور مان تہ وڏو ڪميڻو آهيان، مان تہ اوهان جي در جو ڪُتو آهيان (۽ جڏهن ڪو ان کي انهن لفظن سان مخاطب ڪرڻ جي جُرئت ڪري تہ جذباتي ٿي وڃي)

(14) بلا ضرورت پنهنجي نيڪين کي ظاهر ڪرڻ ان نيّت سان تہ جيئن ماڻهن جي دلين ۾ ان جي عزّت ۽ مرتبي ۾ واڌارو ٿئي.

(15) مناظرانہ گفتگو جو انداز هن نيّت سان اختيار ڪرڻ تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان جي سمجهداري ۽ ذهانت جا قائل ٿي پون.

خبردار! خبردار! خبردار! ڪنهن بہ مسلمان کي (خاص طور تي جن جو ذڪر ٿيو) رياڪار گمان نہ ڪجو. اعليٰ حضرت امام

احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: لڪين مسئلا ۽ حڪمَ، نيت جي فرق جي ڪري تبديل ٿي پوندا آهن. (فتاوىٰ رضويه ج 8، ص 98)
بدگماني حرام آهي ۽ نيڪ مسلمان سان حُسن ظن (يعني سٺو گمان) رکڻ مستحب آهي. اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ ڳالهائڻ جي ذريعي ٿيڻ واري رياڪاري جي انهن صورتن کي پنهنجي پاڻ ۾ ڳولي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”نيڪيون لڪائڻ بهتر“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان عمل جي ذريعي رياڪاري جون 15 صورتون

(1) گفتگو يا بيان ڪرڻ يا ٻڌڻ يا نعت شريف پڙهڻ يا ٻڌڻ جي دؤران ان نيّت سان روئڻهارڪو ٿيڻ جو ڏسندڙ ان کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکندڙ، تمام وڏو عاشق رسول سمجهن.

(2) ماڻهن جي موجودگي ۾ يا ڪنهن محفل ۾ لاڳيتو چپ چورڻ تہ جيئن ماڻهو ان کي ڪثرت سان ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ وارو يا درود پاڪ پڙهڻ وارو سمجهن.

(3) فقط ان لاءِ زباني بيان ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان کي تمام وڏو عالم سمجهن يا ڏسي بيان ڪرڻ کان ان کري ڪيٻائڻ جو ٻڌڻ وارا ان کي جاهل نہ سمجهن.

(4) ٻاهر عفو، درگذر ۽ عاجزي جو پيڪر بڻجڻ ۽ وري گهر ۾ اهڙو ببر شير جو نڪ تي مک بہ نہ ويهي.

(5) ماڻهن جي سامهون خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪري ۽ گهر وارا ان جي بد اخلاقي کان بيزار هجن.

(6) ماڻهن جي سامهون خشوع ۽ خضوع (ظاهري ۽ باطني

عاجزي) سان سيئي آداب پورا ڪندي نماز پڙهي ۽ اڪيلائي ۾ اهڙي طرح پڙهي جو فرضن ۽ واجبن جي پوري هجڻ ۾ شڪ ٿئي.

(7) **جَلْوَت** ۾ (يعني ماڻهن جي سامهون) کائڻ، پيئڻ، ويهڻ ۽ ٻين سنّتن تي چڱي طرح عمل ڪرڻ، پر **خَلْوَت** (يعني اڪيلائي) ۾ سُستي ڪرڻ.

(8) ماڻهن جي سامهون سخاوت جو موقعو ملي تہ ڪنهن کان پوئتي نہ رهي پر ڪو اڪيلائي ۾ مدد جي التجا ڪري تہ حيلا بهانہ ڪري.

(9) ڪنهن دعوت ۾ وڃڻو پوي تہ ٿورو کائي تہ جيئن ٻيا ماڻهو ان کي سنّت جي پيروي ڪرڻ وارو ۽ گهٽ کائڻ وارو سمجهن پر جڏهن گهر ۾ يا بي حجاب دوستن جي وچ ۾ هجي تہ ٻين جو حصو بہ چٽ ڪري ڇڏي.

شيخ طريقت، **امير اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي سمجهائيندي فيضانِ سنّت جلد اول صفحي 732 تي لکن ٿا: بي شڪ سڄي عمر ڏؤ ڪري کائي، تڏهن بہ گنهگار ناهي ۽ جيڪڏهن زندگي ۾ هڪ ڀيرو بہ رياڪار ٿيو تہ گنهگار ۽ جهنّم جي باهہ جو حقدار آهي. اسلامي ڀائرن جي سامهون ٿورو کائي تہ جيئن هي تاثر قائم ٿئي واهہ واهہ! انهي پيٽ جو قفل مدينہ لڳايو آهي ۽ جڏهن گهر وڃي تہ بڪ جي شڪايت ڪري، ٻُڪي شينهن وانگر کائيندو رهي تہ اهڙو شخص وڏو رياڪار ۽ دوزخ جو حقدار آهي. بيشڪ اهو اسلامي ڀاءُ وڏو عقلمند آهي، جيڪو ٻين جي آڏو اهڙي نموني کائي جو ان جي گهٽ کائڻ جو ڪنهن کي اندازو نہ ٿئي ۽ گهر وغيره ۾ سٺي نموني پيٽ جو قفل مدينہ لڳائي. عمل صرف ۽

www.dawateislami.net

صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ هئڻ گهرجي، ڇوته اخلاص قبوليّت جي ڪنجي آهي.

ریا کاریوں سے بچا یا الٰہی
کر اِخلاص مجھ کو عطا یا الٰہی

## ٻين جي آڏو گهٽ کائڻ جو طريقو

(امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وڌيڪ لکن ٿا) ٻين جي آڏو رياڪاري يا ميزبان وغيره جي اصرار کان بچڻ جي لاءِ هڪ طريقو هي به ٿي سگهي ٿو ته ٿن آڱرين سان ننڍا ننڍا گرهه کڻي چڱي نموني چٻاڙي کائو ۽ هميشه انهن سنّتن جو خيال رکو. خاص طور تي دعوتن ۾ گهڻا ماڻهو ڏاڍو تکڙو کائيندا آهن، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته کائڻ ۾ مشغول رهڻ جي ڪري اهي توهان کان بي توجهه رهن. جيڪڏهن پوءِ به اوهان جلد فارغ ٿيو ته اطمينان سان هڏيون چوسيندا رهو. اميد آهي ته اهڙي طرح اوهان سيني سان گڏ فارغ ٿيندا. سيني جي سامهون ڪاڏي مان جلدي هٿ ڪڍڻ، جيڪڏهن ريا خاطر هوندو ته جيئن ماڻهو سمجهن ته نيڪ ماڻهو آهي ۽ پرهيزگاري جي ڪري گهٽ کائي ٿو ته ائين ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، رياڪاري کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ ڏاڍو ضروري آهي. سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ ان عمل کي قبول ناهي ڪندو، جنهن ۾ هڪ ذري جيترو به ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي.

(الترغيب والترهيب ج 1، ص 87، فيضان سنّت ج 1، ص 732)

(10) جيڪڏهن نفلي روزو رکيو هجي ته ماڻهن جي سامهون چپن تي زبان ڦيرائي يا اهڙي حرڪت ڪري جنهن سان ماڻهو

سمجهن تہ اهو روزيدار آهي.

(11) وڏي محفل ۾ ايڪو سائونڊ تي نعت پڙهڻ جو موقعو ملي تہ ڏاڍو جهومي جهومي پڙهي ۽ ايڪو سائونڊ نہ هجي يا ماڻهو تورا هجن يا اڪيلائي ۾ پڙهي تہ توري ئي دير ۾ ڳلو تڪجي پوي.

شيخ طريقت، **امير اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي سمجهائيندي پنهنجي رسالي "شيطان جا چار ڳڌه" جي صفحي 39 تي لکن ٿا: حُسنِ قراءَت يا نعت خواني جي مقابلي ۾ جيڪي ٻيون نمبر آيو، اهو پهرئين نمبر واري سان ۽ جيڪو ٽيون نمبر آيو، اهو ٻئين ۽ پهرين نمبر اچڻ واري سان جيڪڏهن حسد ڪري ٿو يا وري پنهنجي گمان موجب هي سمجهي ٿو تہ مون بهترين آواز ۾ قراءَت يا نعت پاڪ پڙهي، تنهن هوندي بہ مان ٽئين نمبر تي آيس ۽ ماڻهن کي چوندو آهي تہ مُنّصِفِن (فيصلو ڪندڙن) جي ناانصافي آهي تہ پوءِ تهمت، غيبت ۽ بدگماني وغيره واري مصيبت ۾ مبتلا ٿيو. انهيءَ ۾ رياڪاري جا بہ انديشا آهن، جڏهن تہ نعت شريف **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ نہ، صرف "تمغي" حاصل ڪرڻ، ٽرافي کٽڻ، انعام يا پئسن ڪمائڻ خاطر پڙهي هئي ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪئي هئي جو مان پهريون نمبر کٽان ها تہ جيئن اخبارن ۾ منهنجي تصوير يا نالو اچي ها ۽ منهنجي ڏاڍي واهہ واهہ ٿئي ها، سڀئي منهنجي آواز کي داد ڏين ها، مبارڪباد ۽ تحفا پيش ڪن ها وغيره. اهڙي طرح ڪرڻ ۾ ثواب جي ڪا اميد ڪانهي بلڪ رياڪاري واري مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ سبب عذاب جو حقدار آهي. اهڙي نموني جا "مقابلا" شرعي طور درست آهن پر شريڪ ٿيڻ واري کي پنهنجي دل تي غور ڪرڻ گهرجي تہ ان ۾ ڪيترو اخلاص آهي.

## ھِي شعر برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پڙھڻ ڏيو؟

ڪٿي وڏو اجتماع هجي، ايڪو سائونڊ لڳل هجي، عوام جو وڏو ميڙ ڏسي تقريباً هر هڪ کي مائيڪ تي اچي بيان ڪرڻ، قراءَت ڪرڻ يا نعت شريف پڙهڻ لاءِ دل چوندي هوندي، جيڪڏهن نعتون ريڪارڊ ڪيون ويون هجن ته پوءِ ڪيسٽ ۾ رکو پنهنجي پڙهيل نعت شريف جي ڳولا هوندي ته منهنجو به ڪٿي آواز آهي يا نه! جيڪڏهن ڪيسٽ ۾ آواز ناهي ته ڏک  تيندو هوندو، اهڙي طرح اهو غمگين ٿيڻ ڪيئن؟ پڻ خوش الحان (سريلي آواز واري) قاري ۽ نعت خوان جي اها تمنا هوندي آهي ته منهنجي ڪيسٽ بازار ۾ اچڻ گهرجي، ڇا انهي ۾ به ڪا اخلاص جي اميد آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ قراءَت ۽ نعت پڙهي هئي يا ڪيسٽ لاءِ؟ جيڪڏهن ڪٿي تمام وڏو اجتماع ذڪر و نعت تي رهيو آهي، ايڪو سائونڊ لڳل آهي ته اتي ڪي ماڻهو چوندا آهن ته برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي به هِي شعر پڙهڻ ڏنا وڃن. مهرباني ڪري پنهنجي دل ۾ جهاتي پائي ڏسو ته برڪت کپي يا شهرت! جيڪڏهن واقعي اوهان کي برڪت کپي ته منهنجو مدني مشورو آهي ته گهر جو ڪمرو بند ڪري، گنبذ خضراء جو تصوُّر ڪري، نعت شريف پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان به بچاءُ ۽ برڪت ئي برڪت بلڪ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ برڪتن جي برسات تي پوندي ۽ اوهان جو اعمال نامو، نيڪين جي نور سان پرجي ويندو. اَلْعَاقِلُ تَكْفِيهِ الْاِشَارَةُ يعني عقلمند جي لاءِ اشارو ڪافي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص عطا فرمائي.

دل میں ہو یاد تری گوشۂ تنہائی ہو
پھر تو خلوت میں عجب انجمن آرائی ہو (ذوق نعت)

( ماخوذ از رسالو شيطان جا چار گڏھ ص 39)

(12) بيان ۾ جيڪڏهن عوام جو تعداد گهڻو هجي ته خطابت ۾ جوش جو يادگار مظاهرو ۽ جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري، عوام جو تعداد گهٽ هجي ته سمورو جوش ٺڌو ٿي پوي يا بيان ڪرڻ لاءِ دل ئي نه چوي.

(13) جيڪڏهن قسمت سان شب بيداري ڪرڻ يا تهجد پڙهڻ جو موقعو ملي ته ذينهن ۾ ماڻهن جي سامهون اکيون مهٽي يا ان انداز سان آرس ڀجي جو سڀئي سمجهن ته انهي شب بيداري ڪئي آهي.

(14) ماڻهن جي سامهون، عورت کي ايندو ڏسي ته نظرون جهڪائي ۽ جيڪڏهن ماڻهن جي نظرن نه پئي رهي آهي ته چتائي بدنگاهي ڪري.

(15) ڳائڻ، وڄائڻ جي آواز تي ماڻهن جي سامهون ڪنن ۾ آڱريون وجهي ته جيئن ماڻهو ان کي شريعت جي پيروي ڪرڻ وارو سمجهن ۽ ان جو هي حال هجي جو گهر يا موبائل وغيره ۾ ميوزيڪل ٽون واري گهنٽي لڳايل هجي.

اهڙي ريت غور ڪندا ويندؤ ته اسان کي خبر پوندي ته لباس، گفتگو ۽ ڪردار ۾ ڪهڙي ڪهڙي انداز سان رياڪاري ٿي سگهي ٿي. بالڪل ممڪن آهي ته ڪنهن جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ لڳي ويو هجي، اهڙن اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته ناراض ٿيڻ جي بدران توبهه ڪري پوءِ پنهنجي علاج جي ترڪيب ڪن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ته اسان کي ڪنهن مسلمان جي ڪنهن به فعل تي بدگماني نه ڪرڻ گهرجي، ڇوته بدگماني حرام آهي ۽ نيڪ مسلمان سان حُسن ظن (سٺو گمان) رکڻ مُسْتَحَب آهي بلڪ اهڙا ڪم ڪرڻ وارن کي گهرجي ته رياڪاري جي انهن صورتن کي پنهنجي پاڻ ۾ ڳولڻ کان پوءِ علاج جي تدبير ڪن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري ڪهڙين شين ۾ ٿيندي آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري امڪاني طور تي ٽن شين ۾ ٿي سگهي ٿي: (1) ايمان ۾ (2) دُنياوي معاملن ۾ (3) عبادتن ۾ انهن جي ضروري معلومات ملاحظ ڪيو:

### ﴿1﴾ ايمان ۾ ريا

ظاهري طور مسلمان ٿيڻ ۽ باطن ۾ اسلام کي ڪوڙو دين سمجهڻ، ان ريا کي نِفاق به چئبو آهي، يعني زبان سان اسلام جي دعويٰ ۽ دل ۾ اسلام جو انڪار ڪرڻ، اهو به خالص ڪفر آهي. اهڙو شخص منافق آهي ۽ ايمان واري دعويٰ ۾ ڪوڙو آهي. 28 هين سيپاري، سورةُ المنافقون جي پهرين آيت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَ اللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ۚ﴿۱﴾ (پ 28، المنافقون 4-7)

ترجموڪنزالايمان: جڏهن منافق تنهنجي حضور حاضر ٿين ٿا چون ٿا اسان شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ حضور يقيناً الله جا رسول آهن ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ توهان ان جو رسول آهين ۽ الله شاهدي ڏي ٿو ته منافق ضرور ڪوڙا آهن.

اهڙن ماڻهن لاءِ جهنم جو سڀ کان هيٺيون طبقو آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد ۾ ان جي باري ۾ ارشاد فرمايو:

اِنَّ الْمُنٰفِقِیْنَ فِی الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِۚ (پ 5، النساء: 145)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ آهن.

سَروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري زندگي ۾ اهڙين صفتن وارا ماڻهو، منافقين طور مشهور هئا. انهن جي باطني ڪفر ڪي قرآن مجيد ۾ بيان ڪيو ويو آهي. سلطان مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پنهنجي وسيع علم سان هڪ هڪ کي سڃاڻي، نالو وٺي فرمايو تہ هي هي منافق آهي. (المعجم الاوسط، الحديث 792، ج 1، ص 231) هاڻي هن زماني ۾ ڪنهن خاص ماڻهو جي باري ۾ يقيني طور چوڻ تہ ”اهو منافق آهي“ ممڪن ناهي جو اسان جي آڏو جيڪو اسلام جي دعويٰ ڪري اسان ان کي مسلمان ئي سمجهنداسين. (اليواقيت ج 2، ص 373) جيسيتائين جو ايمان جي ابتڙ ڪو قول (ڳالهہ) يا فعل (ڪم) ان کان ظاهر نہ ٿئي. البت نفاق يعني منافقت جي هڪ شاخ هن زماني ۾ بہ لڌي وڃي ٿي جو ڪيترائي بدمذهب پنهنجو پاڻ کي مسلمان چوندا آهن ۽ ڏنو وڃي تہ اسلام جي دعويٰ سان گڏوگڏ گهڻين ضروريات دين جو انڪار بہ ڪندا آهن. (بهار شريعت حصہ اول ص 96 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ دنياوي معاملن ۾ ريا

ڪڏهن رياڪاري جو اطلاق ان تي بہ ٿيندو آهي تہ ڪو شخص دنياوي عمل جي ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي عزّت ۽ مرتبي

ناهڻ جي خواهش ڪري. مثال طور اهو ان لاءِ صاف سٿرو، خوشبو سان مهڪيل ۽ سٺو لباس پائي تہ ماڻهو ان ڏي مائل ٿين ۽ گهر ۾ ان جي حالت ان جي ابتڙ هوندي آهي. ماڻهن لاءِ ڪئي ويندڙ هر سونهن، سينگار ۽ عزت افزائي کي انهي تي قياس ڪريو.

**شرعي حڪم**: اهڙي رياڪاري حرام ناهي ڇوتہ انهي ۾ ديني معاملن جي تَلبِيس (يعني ملاوٽ) ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ سان اِسۡتِهزاء نہ ٿو لڌو وڃي. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 1، ص 78) امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجو مقام ٺاهڻ جيڪڏهن عبادت کان علاوه ٻين معاملن ۾ هجي تہ اهو مال طلب ڪرڻ وانگر آهي، تنهن ڪري حرام ناهي. (احياءُ العلوم ج 3، ص 368) حديقةُ النّديہ ۾ آهي: دنياوي ڪم جيڪڏهن حقيقت لڪائڻ ۽ ڪوڙ کان خالي آهن ۽ اهو ڪم ڪرڻ وارو ان جي ڪري ڪنهن ممنوع، حرام يا مڪروهہ ۾ ناهي پوندو تہ پوءِ انهن ۾ رياڪاري حرام ناهي. پر اهڙي رياڪاري بري آهي ڇوتہ اها دين ۾ رياڪاري ڏانهن وٺي ويندي آهي. (وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم) (الحديقة الندية ج 1، ص 478)

بهرحال مباح ڪمن ۾ بہ سٺين سٺين نيّتن سان ثواب ڪمائي سگهجي ٿو. مثال طور خوشبو لڳائڻ ۾ اتباعِ سنّت، تعظيم مسجد، فرحت دماغ ۽ پنهنجي اسلامي ڀائرن کان ناپسنديده بو ختم ڪرڻ جون نيّتون هجن تہ هر نيّت جو الڳ ثواب ملندو. (اشعة اللمعات ج 1، ص 37)

## سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زُلف مبارڪ سنواريا

سرڪار والا تبار، بيڪسن جا مددگارصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پنهنجي گهر مبارڪ مان ٻاهر اچڻ جو ارادو فرمايو تہ پنهنجي

www.dawateislami.net

عمامي شريف ۽ مبارڪ زلفن کي درست ڪيائون ۽ پنهنجو چهرو مُبارڪ، آئيني ۾ ملاحظ فرمايائون تہ حضرت سَيِّدُتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہا عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اوهان بہ ائين ڪري رهيا آهيو؟“ تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هائو! الله عَزَّوَجَلَّ پانهي جو سنورجڻ ان وقت پسند فرمائيندو آهي، جڏهن اهو پنهنجي پائرن وٽ وڃڻ لڳي.

(اتحاف السادة المتقين ج 10، ص 93، 94)

امام غزالي عَلَيۡہِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي انهي حديث جي تحت فرمائن ٿا: ”شفيع روزشمار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار باذن پروردگار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ هي هڪ مؤڪَّده عبادت هئي، ڇوتہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مخلوق کي دعوت ڏيڻ ۽ حتي الامڪان انهن جي دلين کي سچي دين ڏانهن مائل ڪرڻ تي مامور (مقرر ڪيل) آهن. ڇوتہ جيڪڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن جي نظرن ۾ معزّز نہ هجن ها تہ اهي پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان منهن موڙي ڇڏين ها، تنهن ڪري پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تي ماڻهن جي سامهون پنهنجي عمدن احوالن کي ظاهر ڪرڻ لازم هو تہ جيئن ماڻهو پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ناقابل اعتبار سمجهي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان منهن نہ موڙين، ڇوتہ عام ماڻهن جي نظر ظاهري احوال تي هوندي آهي، لڪل معاملن تي ناهي هوندي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هي عمل بہ نيڪي ئي هو. اهو حڪم علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ۽ انهن جهڙن ديندار ماڻهن جي لاءِ آهي، جڏهن تہ اهي پنهنجي سهڻي ڪيفيت سان اها ئي نيّت ڪن، جيڪا مٿي بيان ٿي.“ (احياء العلوم ج 3 ص 368)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ﴿3﴾ عبادتن ۾ رياڪاري

عبادت ۾ ٻن طرحن سان رياڪاري ٿي سگهي ٿي: (1) ادائيگي ۾ رياڪاري (2) اوصاف ۾ رياڪاري

### (1) ادائيگي ۾ رياڪاري

انهي جي صورت هي آهي ته ڪو شخص ماڻهن جي سامهون ته عبادت ڪري، جيڪڏهن ڪو ڏسڻ وارو نه هجي ته نه ڪري. مثال طور ماڻهن جي سامهون هجي ته نماز پڙهي، اڪيلائي ۾ نه پڙهي، ڪو ڏسڻ وارو هجي ته روزو رکي، نه ته نه رکي. جمعي جي نماز ۾ ماڻهن جي ملامت جي خوف ڪان حاضر ٿئي، ماڻهن جي خوف جي ڪري رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ ڪري ته اهڙو شخص رياڪار آهي.

**شرعي حڪم**: اهڙي شخص ڪي عبادت جو ثواب نه ملندو بلڪ اهو سخت گنهگار ۽ جهنم جي باهه جو حقدار آهي. علامه عبدالغني نابلسي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي "الحديقہ النّديہ" ۾ نقل ڪن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن شخص ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ نماز پڙهي ته ان لاءِ ڪو ثواب ناهي، بلڪ ان ڪي گناهه ملندو، ان نيڪي نه بلڪ گناهه ڪيو. (حديقہ نديہ ج 1، ص 478 ملخصاً) ليڪن ان جو فرض ادا ٿي ويندو. اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدّد دين ۽ ملّت شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ڪان ڪنهن دريافت ڪيو ته جيڪڏهن ريا جي لاءِ نماز، روزو رکيائين ته فرض ادا ٿيندو يا نه؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: فقهي نماز، روزو ٿي ويندو جو مُفسِد (يعني نماز يا روزي ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم) نه لڌو ويو، ثواب نه ملندو بلڪ جهنم جي باهه جو حقدار ٿيندو. قيامت جي ڏينهن ان ڪي چيو ويندو: "اي فاجر! اي

غدار! اي نقصان ۾ پوڻ وار! اي ڪافر! تنهنجو عمل ضايع ٿيو، پنهنجو اجر ان ڪان وڃي وٺ، جنهن جي لاءِ ڪيو هئي.“ (ملتقطاً شعب الايمان، الحديث 6831، ج 5، ص 333) اهائي هڪ برائي ريا جي مذمت لاءِ ڪافي آهي. (ملفوظات اعلیٰ حضرت، حصه اول ص 177)

صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه، حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهار شريعت حصه 16 صفحي 238 تي فرمائن ٿا: ”عبادت ڪا به هجي، ان ۾ اخلاص تمام ضروري آهي يعني صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ عمل ڪرڻ ضروري آهي. ڏيکاءُ جي لاءِ عمل ڪرڻ بالاجماع حرام آهي. صفحي 239 تي وڌيڪ فرمائن ٿا: ”ماڻهن جي سامهون نماز پڙهندو آهي، ۽ ڪو ڏسڻ وارو ناهي هوندو ته پڙهندو ئي ناهي، اهو رياءِ ڪامل آهي، اهڙي عبادت جو ثواب بالڪل ناهي.“

حڪيم الامت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ”ريا واري عبادت سُري ڪاڏل ٻج (يعني اهو ٻج جنهن کي ڪيڙي ڪائي اندران کوکلو ڪري بيڪار ڪري ڇڏيو هجي) وانگر آهي، جنهن مان پيداوار ناهي ٿيندي.“ (مرأة المناجيح ج 7، ص 143)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن کي فرض ادا ڪرڻ ۾ ريا جي دخل اندازي جو انديشو هجي ته ان دخل اندازي جي ڪري فرض نه ڇڏجي بلڪ فرض ادا ڪري ۽ ريا کي ختم ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) اوصاف ۾ رياڪاري

انهي مان مراد هي آهي ته ڪو شخص ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ

تمام سٺي نموني عبادت ڪري. مثال طور ماڻهن جي موجودگي ۾ نماز جا رڪن تمام عمدگي، خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪري ۽ جڏهن اڪيلو هجي ته جلدي پڙهي وٺي. حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو شخص اهو ڪم ڪري، اهو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي توهين ڪري ٿو. يعني انهي ڪي ان ڳالهه جي پرواهه ناهي جو الله تعاليٰ انهي ڪي خلوت (يعني اڪيلائي) ۾ به ڏسي رهيو آهي ۽ جڏهن ڪو ماڻهو ڏسي رهيو هجي ته اهو سهڻي نموني نماز پڙهندو آهي. امام غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی اسان کي اها ڳالهه هڪ مثال جي ذريعي هيئن سمجهائن ٿا ته ڪو شخص ڪنهن جي سامهون ٽيڪ لڳائي يا پلٿي هڻي ويهي پوءِ ان شخص جو غلام اچي ته اهو سڌو ٿي سهڻي نموني سان ويهي ته اهو شخص ان غلام کي ان جي مالڪ تي فوقيت ڏئي ٿو ۽ ائين ڪرڻ بيشڪ ان جي مالڪ جي توهين آهي. رياڪار جي حالت به اهڙي آهي جو مجلس ۾ سهڻي نموني نماز پڙهندو آهي، اڪيلائي ۾ نه، يعني جڻ ته ٻانهن کي انهن جي مالڪ عَزَّوَجَلَّ تي فوقيت ڏئي ٿو.

(احياء العلوم، ج 3، ص 372)

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن کان ڪنهن دريافت ڪيو ته جيڪڏهن ڪو اڪيلو خشوع سان ان ڪري نماز پڙهڻ جي عادت وجهي ته جيئن سڀني جي سامهون به خشوع رهي ته اهو ريا آهي يا نه؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: اهو به ريا آهي جو دل ۾ غير خدا جي نيّت آهي.

(ملفوظات اعليٰ حضرت، ٻيو حصو ص 166)

**شرعي حڪم**: رياڪاري جو اهو قسم پهرئين قسم کان گهٽ درجي وارو آهي، اهڙي شخص کي اصل عبادت جو ثواب ته ملندو پر

عمده پڙهڻ جو ثواب نہ ملندو. رياڪاري جو وبال بهرحال ان جي مٿان هوندو. بهارِ شريعت حصو 16 جي صفحي 239 تي آهي: (رياڪاري جي) ٻي صورت هي آهي تہ اصل عبادت ۾ ريا ناهي، ڪو هجي يا نہ هجي بهرحال نماز پڙهي ها پر وصف ۾ ريا آهي جو ڪو ڏسڻ وارو نہ هجي تڏهن بہ پڙهي ها ليڪن انهي سهڻي نموني سان نہ پڙهي ها. اهو ٻيو قسم، پهرئين قسم کان گهٽ درجي وارو آهي، انهي ۾ اصل نماز جو ثواب آهي ۽ جيڪو ثواب سهڻي نموني سان پڙهي ٿئي ها اهو هتي ناهي، جو هي ريا سان آهي اخلاص سان نہ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خالص ۽ مخلوط ريا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادتن ۾ ٿيڻ وارو ريا ڪڏهن خالص ۽ ڪڏهن مخلوط (يعني ملاوٽ وارو) ريا هوندو آهي.

(1) جيڪڏهن عبادت سان صرف مخلوق کي راضي ڪرڻ يا دنياوي نفعي حاصل ڪرڻ جو غرض هجي تہ انهي کي خالص ريا چوندا آهن. ان جو شرعي حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن اصل عبادت ۾ ريا هوندو تہ ثواب جي محروم رهڻ سان گڏوگڏ رياڪاري جي سزا بہ ملندي ۽ جيڪڏهن رياڪاري وصفِ عبادت ۾ هجي تہ جيڪا خوبي عبادت ۾ پيدا ٿي، ان جو ثواب نہ ملندو ۽ اهڙي شخص تي رياڪاري جو وبال ٿيندو.

(2) جيڪڏهن دنياوي نفعي حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ آخرت جي ثواب جي بہ اميد هجي تہ انهيءَ کي مخلوط ريا چوندا آهن. ان جون ڪجھ صورتون آهن:

(3) دنياوي نفعي جو ارادو، ثواب جي نيّت تي غالب هوندو تہ ثواب نہ ملندو.

(4) دنياوي نفعي جو ارادو، ثواب جي نيّت جيترو هوندو تڏهن بہ ثواب نہ ملندو.

(5) ثواب جي نيّت دنياوي نفعي جي ارادي تي غالب هوندي (يعني دنياوي نفعي جو ارادو، ثواب جي نيّت سان مغلوب هوندو) تہ نيّت جي مطابق ثواب ملندو.

حضرت سَيِّدُنا امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي ارشاد فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن دنيا جي نيّت غالب هوندي تہ ان کي ڪو ثواب نہ ملندو ۽ جيڪڏهن آخرت جي نيّت غالب هوندي تہ ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن ٻئي نيّتون برابر هونديون تڏهن بہ ثواب نہ ملندو.“ وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: ڪنهن شخص جي عبادت جو ماڻهن تي ظاهر ٿيڻ ان جي خوشي ۾ اضافو ۽ قوّت پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن ماڻهن تي ان جي عبادت ظاهر نہ ٿئي تڏهن بہ اهو عبادت نہ ٿو ڇڏي، پوءِ جيتوڻيڪ ان جي نيّت ريا جي ئي آهي تہ اسان جو گمان آهي تہ ان جو اصل ثواب ضايع نہ ٿيندو، ريا جي مقدار جي مطابق ان کي سزا ملندي، جڏهن تہ ثواب جي نيّت جيترو ان کي ثواب ملندو. (الزواجر عن اقتراف الكبائر، ج 1، ص 78)

بهارِ شريعت حصہ 16 جي صفحي 240 تي آهي: جيڪو شخص حجّ تي ويو ۽ پاڻ سان واپار جو مال بہ کڻي ويو، جيڪڏهن واپار جو خيال غالب آهي يعني واپار ڪرڻ جو غرض آهي ۽ اتي پهچي حجّ بہ ڪندس يا ٻئي اراده برابر آهن يعني سفر ٻنهي مقصدن لاءِ ڪيائين تہ انهن ٻنهي صورتن ۾ ثواب ناهي يعني وڃڻ جو ثواب

نہ ملندو ۽ جيڪڏهن غرض حج ڪرڻ آهي ۽ (ان جي ارادو هي آهي تہ) موقعو ملندو تہ مال بہ وڪڻندس تہ ان لاءِ حج جو ثواب آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن جمعي جي نماز پڙهڻ ويو ۽ بازار ۾ ٻئي ڪم ڪرڻ جو بہ ارادو آهي، جيڪڏهن اصلي غرض جمعي تي وڃڻ جو آهي تہ ان لاءِ وڃڻ جو ثواب آهي ۽ جيڪڏهن ڪم جو خيال غالب آهي يا ٻئي برابر تہ وڃڻ جو ثواب نہ ملندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دين جي خدمت تي اُجرت وٺڻ ڪيئن؟

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 19 صفحي 494 تي فرمائن ٿا: قرآن شريف جي تعليم، ٻين ديني علوم، اذان ۽ امامت تي اجرت وٺڻ جائز آهي جيئن متاخرين ائمہ موجوده زماني ۾ دين ۽ ايمان جي شعائر جي حفاظت جي پيش نظر فتويٰ ڏني آهي ۽ باقي طاعات مثال طور قبرن جي زيارت، مردن لاءِ ختم قرآن، قراءَت، سيد الڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ميلاد پاڪ، تي اصل ضابطي جي بنا تي منع باقي آهي. (وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَم)

## ڇا اُجرت وٺڻ واري کي ثواب ملندو؟

ڪنهن اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان پڇيو تہ جمعو پڙهائيندڙ امام ۽ پنج وقتي امام جو اڪثر جاين تي پگهار وٺڻ جائز آهي يا نہ؟ قرآن جي تعليم، فقہ ۽ حديثن جي تعليم تي اُجرت وٺڻ جائز آهي يا نہ؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن سوالن جا ترتيبوار جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: (1) جائز آهي پر امامت

جو ثواب نہ لهندا جو امامت وڪٽي چڪا، (2) جائز آهي ۽ ان جي لاءِ آخرت ۾ ان جو ڪو ثواب ناهي. (وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعْلَم)

(فتاوىٰ رضويہ ج 19، ص 494)

تنهن ڪري سخت مجبوري نہ هجي تہ بنا اجرت جي انهن خدمتن کي سرانجام ڏئي، آخرت لاءِ ثواب جو خزانو گڏ ڪيو، جنهن جو عمل بي غرض هجي ان جي جزا ئي ڪجهہ ٻي هوندي آهي. پر بنا معاوضي جي اهي خدمتون انجام ڏيڻ ۾ هڪ امتحان، سخت امتحان هي آهي تہ جيڪو بنا اجرت جي امامت يا تدريس وغيره ڪندو آهي ان جي گهڻي واهہ! واهہ! ٿيندي آهي. اهڙي صورت ۾ اهو ويچارو پنهنجي پاڻ کي خبر ناهي ڪهڙي طرح رياڪاري کان بچائيندو هوندو! ڪاش! اهڙو جذبو نصيب ٿئي جو پگهار وٺي، لِڪ ۾ خيرات ڪري ڇڏي پر پنهنجي ڪنهن اسلامي ڀاءُ بلڪ گهر جي ڪنهن ماڻهو کي بہ نہ ٻڌائي، نہ تہ رياڪاري کان بچڻ ڏکيو ٿي پوندو. مزو تہ ان ۾ آهي جو ٻانهو ڄاڻي ان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو

کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی

## اُجرت وٺڻ واري لاءِ ثواب جي هڪ صورت

جيڪڏهن اهل و عيال جو خرچ پڪو ڪنهن جي ذمي آهي ۽ اهو انهي نيّت سان انهن خدمتن جي اجرت وٺي تہ جيڪڏهن مون تي پنهنجي گهروارن جي ڪفالت جي ذميداري نہ هجي ها تہ مان پڙهائڻ جي اجرت ڪڏهن نہ وٺان ها تہ اللّٰه تعاليٰ جي رحمت ۾ اميد آهي تہ ان کي ٻيڻو ثواب ملندو. علامہ ابنِ عابدين شامي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِي رَدُّالْمُحْتار ۾ اُجرت وٺڻ واري مؤذِّن کي اذان ڏيڻ

جو ثواب ملڻ يا نہ ملڻ جي بحث ۾ لڪن ٿا: ”هائو، هي چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن اهو (يعني مؤذِّن) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضاءِ جو ارادو ڪري ليڪن وقتن جي پابندي ۽ ان ڪم ۾ مصروفيّت جي ڪري پنهنجي عيال جي لاءِ گذاري جيتري روزي نٿو ڪمائي سگهي تہ اهو ان لاءِ اجرت وني، جو روزي ڪمائڻ جي مصروفيّت ڪٿي ان کي انهيءَ عظيم سعادت کان محروم نہ ڪرائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن ان کي ذڪر ڪيل مجبوري نہ هجي ها تہ اهو اجرت نہ وني ها، اهڙو شخص بہ مؤذن لاءِ ذڪر ڪيل ثواب جو حقدار ٿيندو، بلڪ اهو ٻن عبادتن جو جامع (يعني جمع ڪرڻ وارو) ٿيندو، هڪ اذان ڏيڻ ۽ ٻي عيال جي ڪفالت لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ اعمال جو ثواب نيّتن جي مطابق هوندو آهي.“ (ردالمحتار ج 2، ص 74)

## ثواب حاصل ڪرڻ جو آسان طريقو

بهتر هي آهي جو اجارو ڪم جي بدران وقت تي ڪري، انهيءَ جو فائدو هي ٿيندو تہ ثواب جي نيّت ڪرڻ واري کي اُجرت سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پڙهائڻ جو ثواب بہ ملندو رهندو. اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه **امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهہ ۾ اُجرت ڏئي ميّت جي ايصال ثواب جي لاءِ قرآن پاڪ جو ختم ۽ **ذڪرُاللّٰه** ڪرائڻ جي بابت سوال پڇيو ويو تہ جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: ”تلاوت قرآن ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر تي اجرت وٺڻ ڏيڻ ٻئي حرام آهن. ڏيڻ وٺڻ وارا ٻئي گنهگار ٿيندا آهن ۽ جڏهن اهي حرام ڪم ڪن ٿا تہ ڪنهن شيءِ جو ثواب مُردن کي موڪليندا؟ گناهہ تي ثواب جي اميد اڃا بہ وڌيڪ سخت ترين گناهہ آهي. جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ ايصال ثواب بہ ڪريو ۽

شرعي جائز طريقو بہ هجي تہ ان جي صورت هي آهي تہ پڙهڻ وارن کي ٻن ڪلاڪن لاءِ نوڪر رکو ۽ اوتري دير جي هر شخص جي پگهار مقرّر ڪيو. مثال طور پڙهائڻ وارو چوي تہ مون توکي اڄ فلاڻي وقت کان وني فلاڻي وقت تائين اجرت تي نوڪر ڪري رکيو، جيڪو ڪم چاهيندس سو وٺندس. هو چوي مون قبول ڪيو. هاڻي اوتري دير جي لاءِ اجير (يعني ملازم) ٿي ويو، جهڙو ڪم چاهي وني سگهي ٿو. ان کان پوءِ ان کي چوي فلاڻي ميّت جي لاءِ هيترو قرآن عظيم يا هيترا ڪلمہ طيّبہ يا درود پاڪ پڙهو. اها جائز هئڻ جي صورت آهي. (چوتہ هاڻي ان کان نفعي تي اجارو آهي، طاعتن ۽ عبادتن تي ناهي)" (فتاوىٰ رضويہ ج 10 ص 193، 194)

انهي مبارڪ فتويٰ جي روشني ۾ امامت، اذان ۽ تدريس ڪرڻ وارن جي بہ ترڪيب ٿي سگهي ٿي. مسجد يا مدرسي جي انتظاميہ اُجرت طئي ڪري معيّن وقت مثال طور 5 ڪلاڪن جي لاءِ قاري صاحب کي نوڪري جي آفر ڪندي چون تہ اسان جيڪو ڪم چونداسين اهو ڪرڻو پوندو، پگهار جي رقم بہ ٻڌائي ڇڏيو. جيڪڏهن قاري صاحب منظور فرمائيندا تہ اهي ملازم ٿي ويا. هاڻي روزانو انهن جي انهن پنجن ڪلاڪن جي اندر ڊيوٽي لڳايو، جيئن اهي ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهائن. ياد رکو! چاهي امامت هجي يا خطابت، مُؤَذِّني هجي يا ڪنهن قسم جي مزدوري، جنهن ڪم جي لاءِ بہ اِجارو ڪرڻ وقت هي معلوم هجي تہ هتي اجرت يا پگهار جو ڏيڻ وٺڻ يقيني آهي تہ پهريان ئي رقم طئي ڪرڻ واجب آهي، نہ تہ ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو ٻئي گنهگار ٿيندا.

## دين کي دنيا ڪمائڻ جو ذريعو نہ بڻايو

اِمامت، خطابت، مؤذّني ۽ تدريس يقينًا عمده عبادت آهي ۽

www.dawateislami.net

ان تي اُجرت وٺڻ بہ جائز آهي پر ان کي دنيا ڪمائڻ جو ذريعو نہ بڻايو وڃي ڇوتہ دين جي بهاني، دنيا ڪمائڻ وارن لاءِ حديثن ۾ سخت وعيدون بہ آيون آهن. رسولِ اڪرم، نورِ مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: آخر زماني ۾ ڪي ماڻهو ظاهر ٿيندا، جيڪي دين جي بهاني دنيا ڪمائيندا، ماڻهن جي سامهون رِڍَ جي کل پائيندا، انهن جي زبان شُڪر کان وڌيڪ مٺي هوندي ۽ انهن جون دليون بگهڙن وانگر هونديون. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ ڇا مون کي دوکو ڏيندا آهن يا مون تي جرئت ڪندا آهن، مان پنهنجو قسم کڻي ٿو فرمايان ٿو تہ انهن ماڻهن تي انهن مان ئي اهڙو فتنو موڪليندس جيڪو بردبار کي حيران ڪري ڇڏيندو.

(جامع الترمذي، حديث 2412 ج 4 ص 181)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مولانا مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي انهي حديث جي تحت فرمائن ٿا: هتي بہ معنائون بڻجي سگهجن ٿيون، يعني دنيا کي دين جي ذريعي ڌوکو ڏيندا يا دين جي بهاني دنيا ڪمائيندا. ماڻهو اسلام جو نالو وٺي، قرآن جي آڙ ۾ جُبّي ۽ دستار سان فريب ڏئي دنيا ڪمائيندا آهن اهي ماڻهو بدترين مخلوق آهن. (مراٰة المناجيح ج 7، ص 133)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دين جي ذريعي دنيا جي طلبگار جو انجام

هڪ شخص حضرت سَيِّدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو خادم هو، جڏهن اهو گهڻو مالدار ٿي ويو تہ گهڻو عرصو نظر نہ آيو. حضرت سَيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان جي باري ۾ ماڻهن کان پڇيو پر ان جي خبر نہ پئجي سگهي. هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو

جنهن جي هٿ ۾ هڪ خنزير هو، ان جي ڳچي ۾ ڪارو رسو پيل هو. حضرت سَيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان کان پڇيو: ”ڇا تون فلاڻي شخص کي سڃاڻين ٿو؟“ ان چيو: ”جي هائو! هي خنزير اهوئي شخص آهي.“ انهي تي حضرت سَيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام دعا گهري: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان ان ڳالهه جو سوال ڪيان ٿو تہ انهي شخص کي ان جي پهرين حالت ۾ آڻ تہ جيئن مان ان کان پڇي سگهان تہ ڪهڙي سبب جي ڪري، انهي جي اها حالت ٿي آهي.“ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: جيڪڏهن تون مون کان آدم عَلَيْهِ السَّلَام وانگر يا ان کان بہ وڌيڪ دعا ڪندين، مان انهي جي باري ۾ قبول نہ ڪندس پر مان توکي هي ٻڌائي ڇڏيان ٿو تہ انهي سان اهو معاملو ان ڪري ٿيو آهي جو ”اهو دين جي ذريعي دنيا جو طلبگار هو.“ (احياء علوم الدين ج 1، ص 90)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عبادت کان پهريان نيّت درست ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ ڪوبہ نيڪ عمل شروع ڪرڻ کان پهريان پنهنجي دل تي چڱي نموني غور ڪجي تہ مان هي عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ ڪري رهيو آهيان يا ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ، پوءِ پنهنجي نيّت کي درست ڪندي، صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ انهي نيڪي کي ڪرڻ گهرجي.

## نيّت درست ٿيڻ جو انتظار

ياد رکو! اعمال ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: (1) اهي جن جو تعلّق صرف اسان جي ذات سان هوندو آهي جيئن روزو، نماز ۽

حجّ وغيره. جيڪڏهن اهڙي عمل جو مقصد صرف ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ آهي تہ اهو خالص گناهہ آهي، تنهن ڪري جيسيتائين نيّت درست نہ ٿئي ان عمل کي نہ ڪيو وڃي. ها! جيڪڏهن نيّت درست هجڻ جي انتظار ۾ ڪو فرض يا واجب ترڪ ٿيندو هجي مثال طور جماعت جو نڪري وڃڻ يا نماز ئي قضا ٿيڻ جو انديشو هجي تہ تاخير (دير ڪرڻ) جي اجازت ناهي.

(2) اهي اعمال جن جو تعلّق مخلوق سان هوندو آهي مثال طور خلافت، قضا، وعظ، نصيحت، تدريس ۽ افتاء (فتويٰ ڏيڻ) وغيره. حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان هڪ شخص فجر جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ ماڻهن کي نصيحت ڪرڻ جي اجازت گهري تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي منع فرمايو، ان عرض ڪيو: "چا پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مون کي ماڻهن جي وعظ ڪرڻ کان روڪي رهيا آهن؟" ان تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ارشاد فرمايو: "مونکي خوف آهي تہ ڪٿي تون آڪڙجي آسمان تائين نہ پهچي وڃين."

(احياء علوم الدين ج 3، ص 400)

حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي اسان کي سمجهائيندي لکن ٿا: تنهن ڪري انسان کي وعظ، نصيحت ۽ علم جي باري ۾ آيل فضيلتن کان ڌوڪو نہ کائڻ گهرجي ڇوتہ ان جا خطرا گهڻا آهن. اسان ان کي اهي عملَ ڇڏڻ جو نہ چئي رهيا آهيون ڇو تہ ان ۾ في نفسہٖ ڪا آفت ناهي، بلڪ آفت تہ وعظ، نصيحت، درس، افتاء ۽ روايتِ حديث ۾ رياڪاري ۾ مبتلا ٿيڻ ۾ آهي، تنهن ڪري جيسيتائين ماڻهو جي سامهون ڪو ديني نفعو هجي تہ ان کي اهي عملَ ڇڏڻ نہ گهرجن، جيتوڻيڪ انهن ۾

رياڪاري جي ملاوت به هجي بلڪ اسان ته ان ڪي انهن عملن ڪرڻ سان گڏوگڏ نفس سان جهاد ڪرڻ، اخلاص حاصل ڪرڻ ۽ ريا جي انديشن بلڪ ان جي شائبي تائين به بچڻ جو چئي رهيا آهيون.
(احياء علوم الدين، ج 3، ص 399 تا 401 ملخصاً)

## هڪ وسوسو ۽ ان جو جواب

هڪ اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندو آهي. جڏهن جدول جي مطابق رات جو مناسب وقت تي راهِ خدا جي مسافر اسلامي ڀائرن جاڳي تهجد جي نماز ادا ڪئي ته انهن ڪي ڏسي، ان اسلامي ڀاءُ همّت ڪري تهجد جي نماز پڙهي، حالانڪ اهو تهجد جو عادي نه هو، ان ڪي وسوسو آيو ته شايد اها رياڪاري آهي پر حقيقت ۾ ائين نه آهي، بلڪ انهي جون ڪجهه صورتون آهن:

(1) جيڪڏهن اهو اسلامي ڀاءُ تهجد جي نماز ۾ ٻين نيڪين ۾ ٻين جي پيروي ان لاءِ ڪئي ته جيئن اهي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي دين سان مُخلِص آهن ۽ انهن تهجد جي سعادت حاصل ڪرڻ يا صداءِ مدينه لڳائڻ لاءِ پنهنجي ننڊ قربان ڪئي آهي، مان به انهن جي صحبت جون برڪتون حاصل ڪندي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ تهجد ادا ڪري رهيو آهيان ته اها رياڪاري نه آهي، چوته جيڪڏهن اهو اسلامي ڀاءُ پنهنجي گهر هجي ها ته ننڊ جي غلبي جي ڪري رات جي عبادت نه ڪري سگهي ها يا ان ۾ سستي ڪري ها يا گهر جي ٻين ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃي ها. اهڙي صورت ۾ شيطاني وسوسن جي طرف ڌيان نه ڏجي ڇوته اهڙي موقعي تي انسان گهٽو ڪري شيطاني وسوسن جي وَر چڙهي

وجي ٿو، هونءَ بہ شيطان ان کي چوندو آهي: ”جيڪو ڪم تون گهر ناهين ڪندو، جيڪڏهن ماڻهن جي سامهون ڪندين تہ رياڪار ٿي پوندين.“ ۽ اهڙي ريت انسان نيڪين کان محروم ٿي ويندو آهي.

(2) ۽ جيڪڏهن اهو اسلامي ڀاءُ ٻين سان گڏ تهجد ان لاءِ پڙهي ٿو تہ ماڻهو ان جي تعريف ڪن يا ان لاءِ تہ تهجد نہ پڙهڻ تي متان ڪو مون کي سست ۽ غافل نہ سمجهي تہ اها رياڪاري آهي چوتہ ان جو ماڻهن طرفان تعريف ۽ واکاڻ جي خواهش رکڻ يا **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت تي پاڻ کان ملامت کي ختم ڪرڻ يا پنهنجي مرتبي ۾ گهٽتائي جي ڊپ جي ڪري ادا ڪرڻ، اهي سيئي شيون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ شامل آهن. (اهڙن اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ نيڪ عمل ڇڏڻ جي بدران پنهنجي نيّت درست ڪن)

(احياء علوم الدين، ج 3، ص 404، ملخصًا)

## نيڪن جي مشابهت بہ چڱي هوندي آهي

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو جنهن قوم سان مشابهت رکندو تہ اهو انهي مان ئي هوندو. (ابو داوُد، الحديث: 4031، ج 6، ص 26)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ المَنّان انهي حديث جي تحت لکن ٿا: يعني جيڪو شخص دنيا ۾ ڪافرن، فاسقن ۽ بدڪارن جهڙي پوشاڪ پائي، انهن جهڙي صورت ٺاهي، قيامت جي ڏينهن انهن سان گڏ اٿندو ۽ جيڪو پرهيزگار مسلمانن جهڙي صورت ٺاهيندو، انهن جهڙو لباس پائيندو، اهو قيامت جي ڏينهن اِنْ شَآءَالله (عَزَّوَجَلَّ) پرهيزگارن جي ٽولي ۾ اٿندو. خيال رهي تہ ڪنهن

جهڙي صورت بڻائڻ تَشَبُّہ (مشابهت) آهي ۽ ڪنهن جهڙي سيرت اختيار ڪرڻ تَخَلُّق آهي، اتي تَشَبُّہ فرمايو ويو آهي.

**حڪايت:** فرعون جي غرق ٿيڻ واري ڏينهن سيئي فرعوني ٻڏي ويا پر فرعونين جو بهروپيو بچي ويو. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: ”مولا هي ڪيئن بچي ويو؟“ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”انهي تنهنجو روپ اختيار ڪيو هو، اسان محبوب جي صورت بڻائڻ واري کي عذاب ناهيون ڏيندا. (مرقاة) مسلمان کي گهرجي تہ نماز ۽ روزي وغيره عبادتن ۾ بہ سنن، خاص ڪري سنن ڪان سني يعني محبوب (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نقل ڪرڻ جي نيّت ڪري. دل کي وڻي تا نہ وڻي صورت تہ حضور جهڙي بڻجي ويندي آهي. اِنۡ شَآءَاللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) اصل جي برڪت سان خدا (عَزَّوَجَلَّ) اسان نقل ڪندڙن کي بہ بخشي ڇڏيندو. (مراٰة المناجيح، ج 6، ص 109) باقي! هي نيّت نہ هجي تہ ماڻهو منهنجي تعريف ڪن اهو ريا ۽ حرام آهي.

## عبادت دؤران دل ۾ رياڪاري پيدا ٿئي تہ؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري جو پيدا ٿيڻ عبادت جي شروعات ئي ۾ ناهي ٿيندو، بلڪ عمل ڪرڻ وقت ۽ ان ڪان پوءِ بہ ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن اخلاص سان نماز شروع ڪئي، پوءِ عبادت دؤران رياڪاري جو دل ۾ خيال آيو تہ جيڪڏهن ان شيطاني خيال کي يڪدم ختم ڪيو تہ ان جي اها عبادت خالص (اخلاص واري) ٿيندي ۽ ان کي ثواب بہ ملندو. الحديقة الندية، پهرين جلد ۾ آهي: فقط رياڪاري جو دل ۾ خيال اچڻ ۽ طبيعت جو ان ڏانهن مائل ٿيڻ نقصان ڏيندڙ نہ آهي ڇوجو شيطان تہ هر

انسان تي مُسَلّط آهي. انهي لاءِ هي ڳالھ مُڪلّف ٻانهي جي وس ۾ ناهي ته اهو شيطاني وسوسن کي روڪي سگهي ۽ انهن ڏانهن مائل نه ٿئي. اهوئي سبب آهي ته شيطان وسوسا وجهندو ئي رهي ٿو ۽ انسان کي گهرجي ته انهن وسوسن کي دل ۾ نه ويهاري ۽ شيطاني حيلن جو علمِ دين، نفرت ۽ انڪار سان مقابلو ڪري. (الحديقة الندية، ج 1، ص 496)

۽ جيڪڏهن ان رياڪاري واري ان شيطاني خيال کي دل ۾ رکيو، ايسيتائين جو اها عبادت مڪمل ٿي، پوءِ ڏٺو ويندو ته:

(1) اها رهيل عبادت انهي ريا جي سبب پوري ڪري رهيو آهي، يا

(2) جيڪڏهن ريا نه به هجي ها ته به عبادت مڪمل ڪري ها.

پهرين صورت ۾ (يعني جڏهن ان اها عبادت صرف ريا جي ڪري مڪمل ڪئي) ڏٺو ويندو ته جيڪڏهن اها عبادت نماز، روزو ۽ حج آهي ته اهڙي صورت ۾ انهن ڪمن جو ثواب نه ملندو. ان جو مثال هي آهي ته ڪنهن نماز پڙهڻ شروع ڪئي پوءِ ان کي پنهنجو وسريل مال اوچتو ياد آيو ۽ اهو ان کي جلد ڳولڻ چاهي ٿو، پوءِ جيڪڏهن ماڻهو نه هجن ها ته نماز ٽوڙي ڇڏي ها، پر ان پنهنجي نماز کي ماڻهن جي ملامت جي ڊپ کان مڪمل ڪيو ته ان جو ثواب ضايع ٿي ويو. نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عمل ٿانوَ وانگر آهي، جڏهن ان جي پڇاڙي سٺي هوندي ته شروعات به سٺي هوندي. (سنن ابن ماجه، الحديث 4199، ج 4، ص 468)

۽ جيڪڏهن اهو عمل نماز، روزي ۽ حج کان سواءِ مثال طور صدقو ۽ قرآن جي تلاوت وغيره هجي ته جيتري عمل ۾ رياڪاري شامل هوندي اوترو عمل جو ثواب ضايع ٿيندو، ان کان پهريان جو نه، چوته ان جي هر حصي جو حڪم الڳ ٿيندو. (احياء علوم الدين، ج 3، ص 378/377)

بي صورت ۾ (يعني جيڪڏهن ريا نہ بہ هجي تہ بہ عبادت پوري ڪري ها) جيتري رياڪاري ان فعل ۾ اوچتو شامل ٿي وئي تہ ايتري ئي مقدار ۾ ثواب ضايع ٿيندو، سڄي عبادت جو نہ. مثال طور ڪو شخص نماز پڙهي رهيو هجي ۽ ڪي ماڻهو اچي وڃن (جيڪڏهن اهي نہ بہ اچن ها تڏهن بہ نماز پوري پڙهي ها) ۽ اهو انهن جي اچڻ تي خوش ٿيو ۽ ڏيکاءُ واري صورت پيدا ٿي مثال طور اهو پنهنجا رڪوع ۽ سجدا سهڻي انداز ۾ ڪرڻ شروع ڪري تہ ان کي ان نماز جو ثواب تہ ملندو پر جيڪا خوبي ريا جي ڪري پيدا ٿي، ان جو ثواب نہ ملندو. امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن ڪنهن شخص جي عبادت جو ماڻهن تي ظاهر ٿيڻ، ان جي خوشي ۾ واڌارو ۽ قوت پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن ماڻهن تي ان جي عبادت ظاهر نہ ٿئي ها تڏهن بہ اهو عبادت کي نہ ڇڏي ها پوءِ جيتوڻيڪ ان جي نيّت ريا جي ئي هجي، اسان جو خيال آهي تہ ان جو اصل ثواب ضايع نہ ٿيندو، ريا جي مقدار مطابق ان کي سزا ملندي جڏهن تہ ثواب جي نيّت جيترو ان کي ثواب ملندو. (الزواجر عن اقتراف الکبائر، ج 1، ص 78)

بهارِ شريعت حصي 16 جي صفحي 239 تي آهي: ”ڪنهن عبادت کي اخلاص سان شروع ڪيو پر عمل دؤران ريا شامل ٿي ويو، پوءِ هي نہ چيو ويندو تہ ريا سان عبادت ڪيائين، بلڪ اها عبادت اخلاص سان ٿي، باقي ان ڪان پوءِ جيڪا بہ عبادت ۾ حسن ۽ خوبي پيدا ٿي، اها ريا وٽان هوندي.“

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي نيڪين جو اظهار ڪرڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪا عبادت اخلاص سان پوري ٿئي يعني ان ۾ شروع کان پڇاڙي تائين رياڪاري نہ هئي، ليڪن پوءِ ڪو ان جو ماڻهن تي اظهار ڪري تہ ان جون 2 صورتون آهن: **پهرين** ان ڪري عبادت کي ظاهر ڪري ٿو، جو هي ماڻهن جو پيشوا آهي ۽ ان جي عمل سان انهن کي نيڪين جي ترغيب ملندي تہ ان کي پنهنجي نيڪين جو ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ جائز ۽ افضل آهي. مثال طور فقيہ، مُحدِّث، مُرشِد، واعِظ، استاد يا اهڙو ڪوبہ شخص، جنهن جي ماڻهو پيروي ڪندا هجن. حضرت سَيِّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، قرار قلب ۽ سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”خفيہ (لڪل) عبادت عَلانيہ (ظاهري) عبادت کان افضل آهي ۽ مقتدِيٰ بہٖ (يعني جنهن جي ماڻهو پيروي ڪندا آهن) جي عَلانيہ (عبادت) خفيہ (عبادت) کان افضل آهي. (شعب الايمان، الحديث 7012، ج 5، ص 376)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان لکن ٿا: پنهنجون عبادتون تعليم لاءِ ماڻهن کي ڏيکارڻ، اهو ريا ناهي، بلڪ علمي تبليغ ۽ تعليم آهي، انهيءَ تي ثواب آهي. مشائخ فرمائن ٿا: صديقن جو رياء مريدن جي اخلاص کان بهتر آهي. ان جو اهوئي مطلب آهي. (مرأة المناجيح، ج 7، ص 127)

**ٻيو** ماڻهن تي عبادت انهي ڪري ظاهر ڪري ٿو تہ جيئن اهي هن جي تعريف ڪن تہ اهڙي طرح ڪرڻ برو آهي ۽ انهي صورت ۾ عبادت لڪائڻ جو حڪم آهي. (الحديقة الندية، ج 1، ص 481)

عبادت کان پوءِ ان کي بنا شرعي اجازت جي ظاهر ڪرڻ جي صورت ۾ ان جو ثواب باقي رهندو يا نه، ان باري ۾ علماء جو اختلاف آهي، جڏهن ته امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي جي تحقيق هي آهي ته ثواب باقي رهندو ليڪن رياڪاري جي سزا ملندي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکن ٿا: ”هي ڳالهه بعيد آهي ته عمل کان پوءِ طاري ٿيڻ واري شيءِ عمل کي ضايع ڪري ڇڏي بلڪ قياس جي وڌيڪ ويجهو اهو آهي ته چيو وڃي، ان کي ان جي گذريل عمل تي ثواب ملندو ۽ فارغ ٿيڻ کان پوءِ جيڪو ان ڏيکاءُ ڪيو، (يعني رياڪاري ڪئي) ان جي سزا ملندي. (احياء العلوم، ج 3، ص 377)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ترغيب لاءِ نيڪي ظاهر ڪرڻ جا 2 شرط

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي عمل کي ترغيب طور ظاهر ڪندڙ جون 2 ذميداريون آهن: هڪ اها ته اهڙي جاءِ تي ظاهر ڪري جتي پيروي جو يقين هجي يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو گمان هجي، ڇوته ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن جي پيروي ان جا گهر وارا ڪندا آهن، پر پاڙي وارا ناهن ڪندا. ڪيترائي اهڙا هوندا آهن، ان جا پاڙي وارا ان جي پيروي ڪندا آهن، بازار وارا نه. ڪيترائي اهڙا هوندا آهن، جو محلّ وارا ان جي پيروي ڪندا آهن. ان ڪري جتي به ان جي پيروي ڪئي ويندي هجي، اتي اظهار ڪرڻ مناسب آهي. ليڪن مشهور عالم جي پيروي سيئي ماڻهو ڪندا آهن، تنهن ڪري جڏهن غير عالم ڪجهه عبادتن کي ظاهر ڪندو ته ٿي سگهي ٿو، ان کي ريا ۽ نفاق ڏانهن منسوب ڪيو

وجي ۽ ماڻهو ان جي پيروي ڪرڻ جي بدران، ان جي برائي بيان ڪن ته پوءِ عمل جي اظهار جو ڪو فائدو نه ٿيندو. مطلب ته اظهار جي لاءِ پيروي جي نيّت هئڻ ضروري آهي ۽ هي نيّت ان شخص کي ڪرڻ گهرجي، جنهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي ۽ اهو انهن ماڻهن جي وچ ۾ هجي، جيڪي ان جي پيروي ڪن. ٻي ذميداري هي آهي ته پنهنجي دل جو خيال رکي ڇوته ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ لڪل ريا موجود هوندو آهي جيڪو ان کي عمل جي اظهار تي مجبور ڪندو آهي، پيروي ته صرف هڪ بهانو آهي.

## مُخلِصن جو حصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل ٻنهي ذميدارين جو فرض نڀائڻ مُخلِصن جو ئي حصو آهي، تنهن ڪري ڪمزور ماڻهو لاءِ مناسب نه آهي ته ان طريقي سان نفس ۽ شيطان جي ڄار ۾ وڃي ڦاسي ۽ غير شعوري طور تي برباد ٿي وڃي ڇوته ڪمزور ماڻهو جو مثال ان ٻڏندڙ ماڻهو وانگر آهي، جيڪو ٿورو ترڻ ڄاڻندو هجي ۽ اهو ڪن ماڻهن کي ٻڏندو ڏسي، انهن تي رحم ڪائي، انهن کي بچائڻ لاءِ پاڻي ۾ گهڙي، جڏهن اهي هن کي پڪڙين ته اهي ٻه هلاڪ ٿي وڃن ۽ هي پاڻ ٻه ٻڏي وڃي. پوءِ دنيا جي اندر پاڻي ۾ ٻڏڻ جي تڪليف هڪ گهڙي جي هوندي آهي پر رياڪاري جو عذاب ته دائمي آهي ۽ ڊگهي عرصي تائين رهندو. ڪمزور ته رهيا هڪ پاسي، هي اهڙو ته ڏکيو مرحلو آهي، جنهن ۾ علماءِ ۽ عابد ماڻهو ٻه ڦاسي سگهن ٿا، جو اهي عمل جي اظهار ۾ مضبوط ماڻهن جي مشابهت ته اختيار ڪن، پر انهن جا دل اخلاص تي مضبوط نه هجن، تنهن ڪري ريا جي ڪري گنهگار ٿيندا.

## نفس ۽ شيطان جي دوکي کي سڃاڻڻ جو طريقو

نفس ۽ شيطان جي دوکي کي هن طرح سان به سڃاڻي سگهجي ٿو ته ترغيب طور پنهنجي نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ کان پهريان پنهنجي دل کان سوال ڪيو ته ”جيڪڏهن توکي چيو وڃي ته پنهنجا عمل لڪاءِ ته جيئن ماڻهو ڪنهن ٻئي جي عمل جي پيروي ڪن، جيڪو تنهنجو هم عصر آهي ۽ توکي عمل لڪائڻ جو ثواب ايتري قدر ملندو، جيتري قدر ظاهر ڪرڻ سان ملندو آهي.“ هاڻي جيڪڏهن ان جي دل جو هن ڳالهه ڏانهن لاڙو هوندو ته ان جي پيروي ڪئي وڃي ۽ اهوئي عمل کي ظاهر ڪري ته ان کي سمجهڻ گهرجي ته عمل جي اظهار جو مقصد رياڪاري آهي، ثواب جي طلب ناهي، نه ماڻهن کي پنهنجي پنيان آڻڻ آهي ۽ نه وري انهن کي ڀلائي جي ترغيب ڏيڻي آهي، جڏهن ته ماڻهو ٻئي شخص کي ڏسي به رغبت حاصل ڪن ها ۽ ان کي پنهنجي عمل لڪائڻ جو وڌيڪ ثواب ملي وڃي ها! جيڪڏهن ماڻهن کي ڏيکارڻ جو غرض نه آهي ته ان جي دل عمل کي لڪائڻ تي ڇو نٿي راضي ٿئي؟ (احياء علوم الدين، ج 3، ص 390)

## نيڪيون لڪايو

هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته پاڻ مرادو پنهنجي تعريف ڪري نفس ۽ شيطان جي ڄار ۾ نه ڦاسي، ڇوته نفس وڏو دوکيباز آهي، شيطان به تاڙ ۾ رهندو آهي. شان ۽ مرتبي جي خواهش دل تي غالب رهندي آهي ۽ ظاهري عمل آفتن کان تمام گهٽ محفوظ رهندا آهن ۽ عمل جي سلامتي ان جي لڪائڻ ۾ آهي، جڏهن ان

جي اظهار ۾ ايترا انديشا آهن، جن جي مقابلي جي طاقت اسان جهڙن ۾ ناهي تہ پوءِ اسان جهڙن ڪمزور ماڻهن جي لاءِ اظهار کان بچڻ ئي وڌيڪ بهتر آهي. تنهن ڪري ڪنهن جي آڏو پنهنجي نيڪين جي اظهار ڪرڻ کان پهريان سٺي نموني سوچڻ گهرجي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي، رياڪاري ۾ مبتلا ٿي وڃون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪاري کان بچڻ، عمل ڪرڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي

حضرت سيِّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ اَبرار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روزشمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ عمل ڪري، ان کي رياڪاري کان بچائڻ، عمل ڪرڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي ۽ ماڻهو عمل ڪري ٿو تہ ان لاءِ اهڙو نيڪ عمل لکيو وڃي ٿو جيڪو اڪيلائي ۾ ڪيو ويو هوندو تہ ان جي لاءِ ستر ڀيرا وڌيڪ ثواب وڌايو ويندو آهي. پوءِ شيطان ان سان گڏ رهندو آهي (۽ ورغلائيندو رهندو آهي) ايتري تائين جو اهو ماڻهو ان عمل جو تذڪرو ماڻهن جي سامهون ڪندو آهي، ان کي ظاهر ڪندو آهي تہ هاڻي ان جي لاءِ اهو عمل (لڪل جي بدران) عَلانيہ لکيو ويندو آهي ۽ اجر ۾ ستر ڀيرا اضافو ختم ڪيو ويندو آهي. پوءِ شيطان ان سان گڏ رهندو آهي ايتري تائين جو اهو ٻيو ڀيرو ماڻهن جي سامهون ان عمل جو تذڪرو ڪندو آهي ۽ ان جي خواهش هوندي آهي تہ ماڻهو بہ ان جو تذڪرو ڪن ۽ ان عمل تي ان جي تعريف ڪئي وڃي، پوءِ ان کي

علانيہ مان بہ ختم ڪري، رياڪاري لڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري بانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڏجي، پنهنجي دين جي حفاظت ڪري ۽ بيشڪ رياڪاري شرڪ (اصغر) آهي.“

(الترغيب والترهيب، الحديث 56، ص 29)

علّامہ عبدالغني نابلسي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا: جڏهن ريا ۽ اخلاص مان هر هڪ ۾ شيطاني مڪر ۽ دوکي بازي آهي تہ پوءِ توکي بيدار رهڻ ضروري آهي، جيڪڏهن توکي خبر نہ پوي تہ تون مُخلِص آهين يا رياڪار تہ پوءِ توکي پنهنجا نيڪ عمل لڪائڻ بهتر آهن، ان ۾ تنهنجي لاءِ ڪو نقصان ناهي. (الحديقة النديّة، ج 1، ص 517)

میرا ہر عمل بس تیرے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی (عَزَّوَجَلَّ)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تحديثِ نعمت ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن عبادت جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ واڪاڻ طور ماڻهن جي سامهون ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نعمت بيان ڪرڻ کي تحديثِ نعمت چئبو آهي، ان ۾ بہ اخلاص ۽ رياڪاري ٻنهي جو احتمال هوندو آهي. ان جو بہ اهوئي حڪم آهي جو مقتديٰ (يعني جنهن شخص جي ماڻهو پيروي ڪندا هجن) جي لاءِ افضل هي آهي تہ ماڻهن سان بيان ڪري ۽ جيڪڏهن ماڻهن کان پنهنجي واه واه ڪرائڻ مقصد آهي تہ اهو گناهہ آهي. باقي! جيڪڏهن اهڙي ريت عبادت جي ظاهر ڪرڻ ۾ رياڪاري پيدا ٿئي تہ اهو گناهہ آهي پر ان سان گذريل عبادت ضايع ناهي ٿيندي، جوتہ اها عبادت

جڏهن ادا ڪئي وئي هئي، ان وقت صحيح طور تي ادا ٿي هئي ۽ ماڻهن کي پنهنجي عبادت جا قصا ٻڌائڻ هي گذريل عبادت کان پوءِ پيدا ٿيڻ وارو هڪ نئون ڪم آهي، جنهن سان ٻانهو فقط گنهگار ٿيندو آهي، گذريل عبادت ضايع ناهي ٿيندي. بهرحال اهي عبادتون جن کي ظاهر ڪرڻ ۾ انسان مجبور ناهي ٿيندو، انهن ۾ افضل هي آهي ته انهن کي لڪائي، جو انهي ۾ گهڻين خرابين کان بچاءُ آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي سيکارڻ جو ارادو آهي يا هي ته ان شخص جي پيروي ڪئي ويندي آهي ته هاڻي لڪائڻ کان ظاهر ڪرڻ افضل آهي. (الحديقة الندية، ج 1، ص 474)

## 101 پيرا دل تي غور ڪيو

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسان کي سمجهائيندي ”فيضانِ سنّت“ جلد اوّل جي صفحي 1341 تي لکن ٿا: ”تحديثِ نعمت (يعني نعمت جي واکاڻ ڪرڻ) جي نيّت سان عمل جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. اهڙي ريت ڪو پيشوا آهي ۽ اهو پنهنجو عمل ان نيّت سان ظاهر ڪري ٿو ته ماتحت ماڻهن کي ان کان عمل جي رغبت ملندي ته هاڻي رياڪاري ناهي، پر هر هڪ کي پنهنجي عمل ظاهر ڪرڻ وقت هڪ سؤ هڪ پيرا پنهنجي دل جي ڪيفيت تي غور ڪرڻ گهرجي، ڇوته شيطٰن وڏو مڪريلو آهي، تي سگهي ٿو ته هن ريت پڙڪائي اهو رياڪاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏي، مثال طور دل ۾ وسوسو وجهي ته ماڻهن کي هن ريت چئو ته ”مان ته صرف تحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجو عمل ٻڌائي رهيو آهيان.“ حالانڪ دل ۾ خوش ٿيندو هوندو ته اهڙي ريت ٻڌائڻ سان ماڻهن جي دلين

۾ منهنجي عزت وڌي ويندي. اها يقيناً رياڪاري آهي ۽ ڳڙوڳڙ تحديثِ نعمت جو چوڻ، رياڪاري ۾ رياڪاري ۽ ڳڙوڳڙ ڪوڙ جي گناهه جي تباهه ڪاري به آهي. تفصيلي معلومات لاءِ حُجَّة الاسلام، حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوالِي جي تصوُّف جا ڪتاب، احياءُ العلوم يا ڪيمياءِ سعادت مان نيّت، اخلاص ۽ ريا جي ابواب جو مطالعو ڪيو. ڪاش! انهن جي پڙهڻ سان شيطان محروم نه ڪري، ڇوته اهو مردود ڪڏهن به ناهي چاهيندو ته مسلمان جو عمل خالص ٿي، مقبول ٿئي.

يا ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي اخلاص سان ڳڙوڳڙ عبادت ۽ نفلي روزن جي ڪثرت جي سعادت نصيب فرما ۽ اسان کي شيطان جي انهن حيلن بهانن جي پرک عطا فرما، جن جي ذريعي اهو اسان جا عملَ برباد ڪندو آهي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ريا ڪاريوں سے بچا يا الٰهی
مجھے عبدِ مخلص بنا يا الٰهی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪِيولِي جي چال ڪان به پوشيده ريا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ظاهر ۽ پوشيده هئڻ جي اعتبار سان رياڪاري جا ٻه قسم آهن، رياءِ جلِي ۽ خفي. رياءِ جلِي مان مراد اهو ريا آهي، جيڪو عمل تي اُڀاري ۽ ان جي ترغيب ڏئي. هي گهڻو واضح ۽ ظاهر ريا آهي، جڏهن ته رياءِ خفي مان مراد اهو ريا آهي جيڪو لڪل هجي. (الزواجر عن اقتراف الڪبائر، ج 1، ص 81) نبي

اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ريا جو هڪ قسم اهو آهي، جيڪو ڪِيولي جي چال ڪان بہ وڌيڪ خفيف (يعني ڳجهو) هوندو آهي. (مجمع الزوائد، الحديث 17669، ج 10، ص 384)

رياءِ خفي ڪان بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ توفيق عطا فرمائي. ان جا ڪجهہ قسم آهن:

## ”جهنم“ جي چئن اکرن جي نسبت سان رياءِ خفي جا 4 قسم

(1) اهو ريا جيڪو ڪنهن عمل تي نہ اياري، البت ان جي مُشقَّت ۾ گهٽتائي ڪري، جيئن ان جو ڪرڻ سولو تي پوي. جيئن ڪو شخص روزانو تَهَجُّد جي نماز پڙهڻ جو عادي هجي، ليڪن ان کي بار محسوس ڪندو آهي ۽ جڏهن ان وٽ ڪو مهمان اچي يا ڪنهن کي ان جي تهجد گذاري جي خبر پئجي وڃي تہ ان جي چُستي ۾ اضافو ٿئي ۽ اهو ان کي خوشدلي سان پڙهي.

(2) اهو ريا جنهن جو نيڪي ۾ ڪو عمل دخل نہ هوندو آهي يعني اهو ريا جيڪو نہ عمل تي اياريندو آهي نہ ان جي مشقَّت ۾ گهٽتائي ڪندو آهي، پر ان جي ڪري ٻانهي جي دل رياڪاري ۾ اهڙي ريت مبتلا ٿي پوندي آهي، جيئن پٿر ۾ باهہ لڪل هوندي آهي. رياءِ خفي جي انهي قسم کي سڃاڻڻ سولو ناهي. ان جي سڀ ڪان وڏي نشاني هي آهي تہ جڏهن ماڻهن کي ان جي عبادت جي خبر پوي تہ اهو خوش ٿئي. جيئن ڪيترائي اسلامي ڀائر اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي عمل ۾ مُخلص هوندا آهن، رياڪاري کي ناپسند ڪندا آهن ۽ پنهنجي عمل کي رياڪاري ڪان بچائي پورو ڪري وٺندا آهن، ليڪن جڏهن ماڻهن کي انهن جي عبادتن

جي خبر پوندي آهي تہ اهي خوشي محسوس ڪندا آهن ۽ انهن ڪي عبادت جون مشقتون وسري ويندیون آهن. انهيءَ صورت ۾ ريا ان جي دل ۾ اهڙي ريت لڪل هوندو آهي، جهڙي طرح پٿر ۾ باهہ لڪل هوندي آهي. اها خوشي رياءِ خفي جي نشاندهي ڪري ٿي، ڇوتہ جيڪڏهن دل ماڻهن ڏانهن متوجهہ نہ هجي ها تہ اهو پنهنجي عبادت جي آگاهہ ٿيڻ تي خوش نہ ٿئي ها. هاڻي جيڪڏهن انهي ان خوشي کي دل ۾ برو نہ سمجهيو تہ ريا جو اهو لڪل سلسلو وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ اهو شخص ڪوشش ڪندو آهي تہ اشاري طور يا ظاهري طور ڪنهن بہ طرح سان ماڻهن کي ان جي عبادت جو حال معلوم ٿي وڃي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون عادتون اختيار ڪندو آهي جنهن سان ان جون نيڪيون ظاهر ٿي سگهن، مثال طور ڪمزوري جي ڪري آهستہ ڳالهائڻ، چپن کي خشڪ رکڻ، روزن ۽ ڳوڙهن جا آثار، خوف خدا کان گريہ زاري، آرس ۽ اوٻاسي سان ننڊ جي غلبي جو اظهار، وڏي تهجُّد گذاري جي نشاندهي ڪن ٿا.

(3) اهو ريا آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي آگاهہ ٿيڻ جي خواهش نہ هجي ۽ نہ وري عبادت جي ظاهر ٿيڻ تي خوشي ٿئي، البت هن ڳالهہ تي خوشي ٿئي ☆ ملاقات جي وقت ماڻهو ان کي پهريان سلام ڪن ☆ ان سان پرتپاڪ نموني ۽ عزت احترام سان ملن ☆ ان جي تعريف ڪن ۽ ان جي ضرورتن کي خوشي سان پورو ڪن ☆ خريد ۽ فروخت ۾ ان سان رعايت ڪن (يعني سستي شيءِ وڪڻين يا پيسا ئي نہ ونن) ☆ ڪنهن محفل ۾ وڃي تہ ان کي جڳهہ ڏين ☆ ان جو آڌرڀاءُ ڪن وغيره.

www.dawateislami.net

جيڪڏهن ڪو به انهن معاملن ۾ ٿوري به ڪوتاهي ڪري ته ان کي ناپسند لڳي، جڏهن ته اهو پنهنجي لِکل عبادت جو اظهار نه ٿو چاهي پر ان جي عيوض ماڻهن کان عزت ۽ احترام جو خواهشمند آهي. فرض ڪيو ان اهي عبادتون نه ڪيون هجن ته ان جي دل انهن شين جو مطالبو نه ڪري ها. جڏهن ڪو به اسلامي ڀاءُ اهڙي قسم جي رياڪاري ۾ مبتلا ٿي پوي ته ان جي عقل تي پردو اچي ويندو آهي ۽ اهو رڳو هن ڳالهه تي قناعت ناهي ڪندو ته دلين جي حال ڄاڻڻ واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ کي ان جي نيڪين جو علم آهي. انهن سڀني صورتن ۾ نيڪين جو ثواب ضايع ٿي سگهي ٿو ۽ ان کان رڳو صدِّيق ئي محفوظ رهي سگهن ٿا.

## ڇا اوهان جون ضرورتون پوريون نه ٿيون ڪيون وڃن!

حضرت سَيِّدُنا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن قارين کي ارشاد فرمائيندو، ڇا اوهان کي سودو سستو نه ڏنو ويو هو؟ ڇا اوهان تي سلام ۾ اڳرائي نه ڪئي وئي هئي؟ ڇا اوهان جون ضرورتون پوريون نه ڪيون ويون هيون؟ هڪ حديث (قدسي) ۾ آهي: اوهان لاءِ ڪو اجر ناهي ڇوته اوهان پنهنجو اجر پوري جو پورو وٺي ڇڏيو. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 1، ص 82)

## متان نقصان نه ٿي پوي

حضرت سَيِّدُنا وهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ سفر دوران هڪ بزرگ پنهنجي ساٿين کي فرمائڻ لڳو: اسان سرڪشي جي ڊپ کان پنهنجو مال ۽ اولاد ڇڏي ڏنو، ليڪن اسان کي هن ڳالهه جو ڊپ آهي ته مالدار ماڻهن کي مال

جي ڪري جيتري قدر سرڪشي ڪي منهن ڏيٺو پوي ٿو، ان ڪان وڌيڪ متان اسان ڪي دين ۾ نقصان نہ ٿئي، ڇوتہ جڏهن اسان مان ڪو ملاقات ڪندو آهي تہ پنهنجي ديني مقام جي ڪري پنهنجي عزت جو خواهشمند هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ خريد ڪندو آهي تہ چاهيندو آهي، ان جي ديني عهدي جي ڪري، ان ڪي گهٽ قيمت تي ملي. جڏهن اها ڳالهہ انهن جي بادشاهہ تائين پهتي تہ اهو پنهنجي لشڪر سميت انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، اهڙي طرح جبل ۽ ميدان ماڻهن سان ڀرجي ويو. ان بزرگ ڪنهن ڪان دريافت ڪيو: هي ڪهڙو معاملو آهي؟ ٻڌايو ويو: بادشاهہ اوهان سان ملڻ آيو آهي. ان خادم کي چيو: مون لاءِ کاڌو ڪٽي اچو. اهو ساڳ، زيتون ۽ ڪجور ڪٽي آيو. اهو بزرگ وات ۾ وڏا وڏا گرهہ وجهڻ لڳو. بادشاهہ پڇيو: اوهان جا اُهي سردار ڪٿي آهن؟ ماڻهن جواب ڏنو: اهي ئي آهن. بادشاهہ پڇيو: اوهان جو ڪهڙو حال آهي؟ بزرگ جواب ڏنو: عام ماڻهن جهڙو آهي. اهو ٻڌي بادشاهہ چوڻ لڳو: انهيءَ شخص وٽ ڪا ڀلائي نہ آهي، ائين چئي بادشاهہ واپس موٽي ويو. ان جي وڃڻ ڪان پوءِ بزرگ چوڻ لڳو: اللّٰہ تعاليٰ جو شڪر آهي، جنهن توکي مون ڪان اهڙي ريت ڦيريو، جو تون منهنجي مذمّت ڪري رهيو آهين. (احياءُ العلوم، ج 3، ص 375، 376)

**(اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي)**

(4) رياءِ خفي جو هڪ قسم اهڙو آهي جيڪو واعظ ڪندڙن، مُدرّسن ۽ عالمن سان خاص آهي. اهو هن طرح تہ انهن مان جيڪڏهن ڪو زبان جي مهارت، وسيع مطالعي ۽ بهترين

www.dawateislami.net

حافظي جي ڪري سنو بيان ڪندو هجي، شريعت ۽ طريقت جي معرفت (ڄاڻ) رکندو هجي، ماڻهن جو ان ڏانهن لاڙو هجي، پوءِ ڪو ٻيو واعظ ڪندڙ يا عالم انهن ماڻهن جي اصلاح ڪري يا اهي ان کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي عالم يا پِير وٽ وڃن ته اهو رنج محسوس ڪري ۽ حسد ۾ مبتلا ٿي پوي ته ائين ڪرڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي، ته اهو رياءِ خفي جو شڪار ٿي چڪو آهي. اهڙي نموني بيان دؤران جڏهن ڪو مالدار شخص يا ڪو عهدي وارو ان جي محفل ۾ اچي ته پنهنجي گفتگو اڌ مان ڇڏي، ان جي خوشامد شروع ڪرڻ يا پنهنجي بيان ۾ شائستگي ۽ نرمي پيدا ڪرڻ. باقي جيڪڏهن ان جي اصلاح جي نيّت سان بيان کي ڊگهو ڪري ٿو ته جيئن اهو پنهنجي گناهن کان توبه ڪري، نفس جي اصلاح ڏانهن لاڙو ڪائي ته اها نيّت درست آهي پر ان صورت ۾ به رياڪاري ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو آهي. تنهن ڪري بيان ڪرڻ واري کي گهرجي ته خدا جي سڄي مخلوق کي هڪ نظر سان ڏسي، امير کي ان جي اميري جي سبب غريب کان ۽ وڏي کي ننڍي کان ممتاز نه ڪري، ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو رياڪاري کان بچي ويندو. (الحديقة الندية، ج 1، ص 476، 477)

## الله عَزَّوَجَلَّ جا مخلص ٻانها

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا مخلص ٻانها هميشه خفي ريا کان ڊڄندا آهن ۽ هي ڪوشش ڪندا آهن ته جيئن ماڻهو انهن جي نيڪ عملن جي سلسلي ۾ انهن کي دوکو نه ڏئي سگهن. ٻيا ماڻهو جيتري ڪوشش پنهنجن گناهن لڪائڻ ۾ ڪندا آهن، هي انهن کان وڌيڪ پنهنجون نيڪيون لڪائڻ جا حريص

هوندا آهن ۽ ان جو سبب رڳو هي آهي ته اهي ماڻهن پنهنجي نيڪين کي خالص رکڻ چاهيندا آهن ته جيئن **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي سامهون انهن کي ثواب عطا فرمائي، ڇوته اهي ڄاڻندا آهن ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ قيامت جي ڏينهن رڳو اهي ئي عملَ مقبول ٿيندا آهن، جيڪي اخلاص وارا هجن ۽ اهي هي به سمجهن ٿا ته قيامت جي ڏينهن اهي سخت حاجت مند ۽ بکيا هوندا ۽ انهن جو مال ۽ اولاد انهن کي ڪم نه ايندو، سواءِ ان جي جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ قلب سليم (يعني گناهن کان پاڪ دل) کڻي ايندو ۽ نه ڪو پيءُ پنهنجي اولاد کي ڪم ايندو، اتي ته صدّيقن کي به پنهنجو ئي فڪر هوندو، هر شخص نَفۡسِيۡ نَفۡسِيۡ پڪاري رهيو هوندو، جڏهن صدّيقن جو اهو حال هوندو ته ٻيا ماڻهو ڪهڙي حال ۾ هوندا؟ هر اهو شخص جيڪو پنهنجي دل ۾ ٻارن، ڇرين ۽ ٻين ماڻهن کي پنهنجي عملن تي آگاهه ٿيڻ سان فرق محسوس ڪندو هجي، اهو ريا جي شائبي ۾ مبتلا ٿيندو آهي، ڇوته جيڪڏهن اهو هي سمجهي وٺي ها ته نفعي ۽ نقصان ڏيڻ وارو ۽ هر شيءِ تي طاقت رکڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ ٻيا ڪنهن به شيءِ تي قدرت نه ٿا رکن ته پوءِ ان وٽ ٻارن ۽ ٻين ماڻهن جو آگاهه ٿيڻ برابر هجي ها ۽ ٻارن يا وڏن کي خبر پوڻ سان ان جي دل تي ڪو اثر نه پوي ها.

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 82)

ياد رهي ته رياڪاري جون اهي سيئي علامتون ٻانهي جي پنهنجي نفس جي لاءِ آهن، ڪنهن ٻئي جي لاءِ ناهن. ڇوته انهن جو تعلّق دل سان آهي ۽ دل جي حالات تي ٻيو ڪو خبروار نه ٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري انهن حالتن تي ڪنهن کي قياس ڪري،

بدگماني نہ ڪجي، جو بدگماني حرام آهي ۽ اهڙي ريت ڪنهن بابت تجسُّس (جاسوسي) ڪرڻ، ان جا عيب کولڻ ۽ ان ۾ اهي علامتون ڳولڻ تہ جيئن ان کي بدنام ڪيو وڃي، اهو بہ حرام آهي. (احياء علوم الدين ج 2، ص 150 / ڪتاب الامر بالمعروف، ج 2، ص 399 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي تعريف تي خوش ٿيڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن جي نيڪ عمل تي ان جي تعريف ڪئي وڃي تہ ان جو خوش ٿيڻ فطري ڳالهہ آهي. پر ياد رکو تہ پنهنجي (سچي) تعريف تي خوش ٿيڻ جون بہ صورتون آهن، هي خوشي ڪڏهن محمود (پسنديده) ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن مذموم (ناپسنديده)، تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ جڏهن بہ ڪو اسان جي (سچي) تعريف ڪري تہ ان کي نرمي سان منع ڪريون، پوءِ بہ ڪو اسان جي تعريف ڪرڻ کان نہ ٿو رڪجي تہ آڪڙجڻ جي بدران دل ۾ پيدا ٿيڻ واري خوشي جي باري ۾ سٺيون سٺيون نيّتون ڪرڻ گهرجن. محمود خوشي جون 4 صورتون آهن:

(1) پنهنجو هن طرح سان ذهن بڻايو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجا سٺا عمل ماڻهن تي ظاهر ڪري، مون تي ڪرم ڪيو آهي، ڇوتہ اهو ئي عبادت ۽ گناهن تي پردو وجهي ٿو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ صرف پنهنجي ڪرم سان گناهن تي پردو وجهي عبادت کي ظاهر فرمايو آهي ۽ ان کان وڌيڪ وڏو احسان ڪنهن تي ڪهڙو ٿيندو جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهي جي گناهن کي لڪائي ۽ ان جي عبادت کي ظاهر ڪري. تنهن ڪري ٻانهي تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نظرِ رحمت هئڻ جي ڪري خوش ٿئي، ماڻهن جي تعريف ۽ انهن جي دلين ۾ ان

جي لاءِ جيڪو مقام آهي، ان جي ڪري خوش نہ ٿئي (تہ اهو ريا ناهي) جيئن **الله** عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عاليشان آهي:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْاؕ

ترجموڪنزالايمان: تون فرماءِ **الله** جي ئي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي تہ خوشي ڪن.

(پ 11، يونس 58)

حضرت سَيِّدُنا ابوذر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پڇيو ويو: هي ٻڌايو تہ ماڻهو سٺو ڪم ڪري ٿو ۽ ماڻهو ان جي تعريف ڪن ٿا (اهو ريا آهي يا نہ؟) پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اهو مؤمن جي جلد يعني دنيا ۾ خوشخبري آهي.“ (صحيح مسلم، الحديث 2642، ص 1420)

يعني اهو ريا نہ آهي بلڪ قبوليّت جي علامت آهي جو ازخود ماڻهن جي واتان ان جي تعريف ٿي رهي آهي. مطلب تہ ريا جو تعلّق عامل جي نيّت سان آهي تہ اهو ڏيکاءُ، شهرت جي نيّت سان نيڪي ڪري، اهو ريا آهي. (مرآة المناجيح، ج 7، ص 129 ملخصًا)

(2) يا خوشي جو قابلِ تعريف هجڻ ان ڪري آهي جو ٻانهو اهو سوچي، خوش ٿيندو آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جڏهن دنيا ۾ ان جي گناهن کي لڪايو ۽ ان جي نيڪين کي ظاهر فرمايو تہ آخرت ۾ بہ ان سان اهوئي سلوڪ ڪندو. سرڪار مدينہ، صاحبِ مُعطر پسينہ، باعثِ نزول سڪينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جنهن ٻانهي جي گناهہ جي دنيا ۾ پرده پوشي فرمائي ٿو، آخرت ۾ بہ ان جي پرده پوشي فرمائيندو.

(ڪنزالعمّال، الحديث 10296، ج 4، ص 97)

www.dawateislami.net

(3) يا وري ٻانهو هي خيال ڪري تہ منهنجي نيڪ عملن تي آگاهہ ٿيڻ وارن ڪي منهنجي پيروي ۾ رغبت ملندي ۽ اهڙي ريت مون کي ٻيڻو ثواب ملندو. هڪ ثواب ان ڳالهہ جو ٿيندو تہ شروعات ۾ ان جو مقصد عمل کي لڪائڻ هو ۽ ٻيو ثواب، ان جي ظاهر ٿيڻ ۽ ماڻهن جي پيروي ڪرڻ جي سبب ڪان ٿيندو، ڇوتہ عبادت ۽ طاعت ۾ جنهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي، ان کي ان پيروي ڪرڻ وارن جو بہ ثواب ملندو آهي ۽ ان جي ثواب ۾ ڪا ڪمي نہ ٿيندي آهي، تنهن ڪري انهي خيال سان خوشي حاصل ٿيڻ بالڪل درست آهي ڇوتہ نفعي جو ظاهر ٿيڻ سرور ڏيندڙ آهي ۽ خوشي جو سبب بڻجندو آهي. صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ، حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: هي ان صورت ۾ آهي تہ عبادت ان لاءِ ناهي ڪئي جيئن ماڻهن تي ظاهر ٿئي ۽ ماڻهو عابد سمجهن، عبادت خالص طور تي الله (عَزَّوَجَلَّ) جي لاءِ آهي، عبادت بعد ۾ جيڪڏهن ماڻهن تي ظاهر ٿي وئي ۽ فطري طور تي اها ڳالهہ سني معلوم ٿئي ٿي جو بين سنو سمجهيو، انهي فطري خوشي سان ريا ناهي.

(بهار شريعت، حصہ 16، ص 238)

حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ روايت ڪن ٿا تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان پنهنجي گهر ۾ نماز واري جاءِ تي هئس، هڪ شخص آيو ۽ مون کي هي ڳالهہ پسند آئي جو ان مون کي انهيءَ حال ۾ ڏٺو (اهو ريا تہ نہ ٿيو؟) پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ابوهريره! تنهنجي لاءِ ٻہ ثواب آهن، پوشيده عبادت ڪرڻ جو ۽ علانيہ عبادت ڪرڻ

جو ﺑﻪ.“[8] (شرح السنة، الحديث 4036، ج 7، ص 346)

(4) اهڙي ريت ڪڏهن ﺑﺎﻧﻬﻮ، ان ڪري ﺑﻪ خوش ٿيندو آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي عمل جي توفيق ڏني آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو ان جي تعريف ڪري رهيا آهن ۽ ان جي ڪري ان سان محبّت ڪن ٿا ڇوته ڪي گنهگار مسلمان اهڙا ﺑﻪ هوندا آهن، جيڪي عبادت گذار ماڻهن کي ڏسي، انهن سان ٺٺول ڪندا آهن ۽ انهن کي تڪليف ڏيندا آهن. انهي صورت ۾ اخلاص جي علامت هي آهي ته جهڙي طرح ان کي پنهنجي تعريف تي خوشي ٿيندي آهي، اهڙي ريت ٻين جي تعريف ﺑﻪ ان لاءِ خوشي جو سبب ٿئي.

مذمّت جوڳي خوشي اها آهي ته ماڻهو، ٻين جي آڏو پنهنجي مقام ۽ مرتبي تي خوش ٿئي ۽ هي خواهش ڪري: ”اهي هن جي تعريف ۽ تعظيم ڪن، ان جون ضرورتون پوريون ڪن، اچڻ وڃڻ دؤران هن کي پنهنجي اڳيان ڪن.“ (الزواجر عن اقتراف الكبائر، ج 1، ص 77)

## خوفِ خدا کان ٻڌيي وڃو!

جڏهن ڪو اوهان جي تعريف ڪري ته اهڙي ريت غور ۽ فڪر (يعني فڪر مدينه) ڪيو: جنهن سبب جي ڪري منهنجي تعريف ڪئي وئي آهي، اهو مون ۾ آهي يا نه؟ مثال طور ماڻهن مون کي متقي ۽ پرهيزگار چيو، ڇا مان واقعي تقويٰ جي شرعي معيار تي پورو لهان ٿو، جيڪڏهن ماڻهن جي تعريف سچي ﺑﻪ آهي ته ان ۾

---

[8] يعني اوهان جي انهي ڪم جي شروعات صرف اخلاص سان ٿي هئي. ان سان اوهان گهر جي ڪنڊ ۾ اهو ڪم ڪري رهيا هئا، الله تعاليٰ اوهان جي ان ڪم کي ظاهر ڪيو اهو ﺑﻪ ان جو ڪرم آهي. اوهان جو خوش ٿيڻ ته مون کي مسلمان بري ڪم تي نه ڏٺو، سٺي ڪم تي ڏٺو، اها خوشي ﺑﻪ الله تعاليٰ جو ڪرم آهي، ان تي ﺑﻪ ثواب آهي جو اها شڪر جي خوشي آهي فخر جي ناهي. (مرآة المناجيح، ج 7، ص 133)

www.dawateislami.net

منهنجو ڪهڙو ڪمال آهي، اها تہ منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عطا آهي پوءِ اعمال جو اعتبار تہ خاتمي تي آهي، مان نہ تو ڄاڻان تہ منهنجو خاتمو ايمان تي ٿيندو يا نہ؟ متان ائين نہ ٿئي جو قيامت جي ڏينهن مون کي انهن ماڻهن جي سامهون گهرائي چيو وڃي: ”اي فاجر! اي دوکيباز! اي رياڪار! ڇا توکي حيا نہ آيو، جڏهن تو الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت جي عيوض دنيا جو مال خريد ڪيو؟ تو ٻانهن جي دلين تي نگاهہ وڌي، الله عَزَّوَجَلَّ جي نظرِ رحمت تي قناعت نہ ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ سان نہ، رڳو ان جي ٻانهن سان محبت ڪئي، ماڻهن جي لاءِ اهڙين شين سان سجاوٽ ڪئي، جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ وٽ بريون هيون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان دوري اختيار ڪري، ماڻهن جي ويجهڙائي اختيار ڪئي.“

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪاري جي تربيّت گاهہ

اڄڪلهہ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ، جيڪڏهن حِفظِ قرآن مڪمل ڪيو تہ ان لاءِ شاندار تقريب ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ان تي گلن جي ورڪا ڪرڻ، تحفا ڏيڻ، ساراهہ جوڳن لفظن سان نوازيو ويندو آهي. امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اهڙي قسم جي تقريبن ڪرڻ وارن کي ”فڪرِ مدينہ“ جي دعوت ڏيندي، فيضان سنّت، جلد اوّل جي صفحي 1337 تي لکن ٿا: گهر وارا شايد سمجهندا هوندا اسان حوصلہ افزائي ڪري رهيا آهن، ليڪن معذرت سان عرض آهي تہ ٻار بلند حوصلي وارو هو، تڏهن تہ حافظ ٿيو. باقي حفظ شروع ڪرائڻ وقت حوصلہ افزائي جي واقعي ضرورت هوندي

آهي جو کهڙي نموني سان هي پڙهي پوي. بهرحال حافظ مدني مُنّي، مُنّيءَ جي حفظ جي تقريب ۾ حوصلہ افزائي تي رهي آهي يا اهو پاڻ آڪڙجي وجي ٿو، انهي تي غور ڪيو وڃي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان جي هي ”تقريب سعيد“ ان ويچاري سادي، نماڻي حافظ مدني مُنّي جي رياڪاري جي تربيّت گاهہ بڻجندي هجي! مون اهڙي قسم جي تقريبن ۾ اخلاص کي ڏاڍو ڳوليو، مون کي نہ ملي سگهيو. ايسيتائين جو ڪڏهن ڪڏهن مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ تصويرون بہ ڪڍيون وينديون آهن. اهڙي طرح اڪثر ننڍي مدني مُنّي، مُنّيءَ جي ”روزه ڪشائي“ جي تقريب ۾ بہ تصويرن جي گناهن جو سلسلو ٿيندو آهي. ٺيڪ ائين گهرجي جو سادگي سان روزه ڪشائي جي رسم ادا ڪئي وڃي يا حافظ مدني مني جي ديني ترقي لاءِ سيني کي گڏ ڪرڻ جي بدران بزرگن جي بارگاهن ۾ وڃي وڃجي، سڄي عمر قرآن پاڪ ياد رهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جون دعائون ڪرايون وڃن تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان ۾ وڏيڪ برڪتون ٿينديون. الغرض سهڻي نموني غور ڪرڻ گهرجي اسان جيڪا تقريب ڪري رهيا آهيون، ان ۾ آخرت جو ڪيترو فائدو آهي؟ جيڪڏهن واقعي اوهان جي دل مطمئن آهي تہ حفظِ قرآن جي خوشي ۾ تقريب جو مقصد نمائش نہ آهي ۽ هي بہ يقين آهي تہ مدني مُنّي کي رياڪاري مان ڪو خطرو نہ آهي يعني اوهان ان کي اخلاص جي اعليٰ تربيّت ڪري چڪا آهيو تہ بيشڪ تقريب ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(فيضان سنّت ج 1 ص 1337)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## گناهن کان بچڻ ۾ به رياڪاري

حڪيم الأُمَّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان لکن ٿا: تقويٰ جا ٻه رُڪن آهن (1) سُنا ڪم ڪرڻ (2) بُرن ڪمن کان بچڻ، پر ان جو اعليٰ رُڪن برن ڪمن کان بچڻ آهي. عبادتون آسان آهن پر محرمات (يعني حرام ڪمن) کان پرهيز، برن معاملن کان بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. (مرأة المناجيح، ج 6، ص 634)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي ريت ٻيون نيڪيون رياڪاري جي نذر ٿي سگهن ٿيون، اهڙي طرح گناهن کان بچڻ ۾ به رياڪاري ممڪن آهي، ڇوته گناهه کان بچڻ به نيڪي آهي ۽ شيطان ڪڏهن ناهي چاهيندو ته مسلمان ثواب ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. تنهن ڪري جيڪڏهن ان لاءِ گناهه ڇڏي ٿو ته ماڻهو انهي کي متقي، پرهيزگار، عبادت گذار، خوف ۽ خشيّت جو پيڪر سمجهن ته اها صورت خالص رياڪاري واري آهي. گناهن کي ڇڏڻ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا پيش نظر هئڻ گهرجي، انهي سان گڏوگڏ ٻيون به سٺيون سٺيون نيّتون ڪري سگهجن ٿيون مثال طور (1) مون کي ڏسي متان ماڻهو انهي گناهه ۾ نه پئجي وڃن، اهڙي ريت منهنجو گناهه وڌو ٿي ويندو. (2) ان گناهه جي ڪري ماڻهن جي نظرن ۾ ڪري پوندس ۽ اهي منهنجي پيروي ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ۽ منهنجي نيڪي جي دعوت قبول نه ڪندا. ائين ڪرڻ سان مان ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ جي ثواب کان محروم ٿي ويندس. وغيره

## اخلاص جي سڃاڻ

گناهه ڇڏڻ ۾ اخلاص جي سڃاڻ هي آهي ته ٻانهو جهڙي ريت ماڻهن جي سامهون گناهن کان بچندو آهي، اهڙي ريت

اڪيلائي ۾ به گناهن کان پاسو ڪري. بهرحال گناهه کان هر حال ۾ بچڻ گهرجي ۽ دل ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري جي خوف کان عبادت ڇڏڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جي دل ۾ شيطان هي وسوسو وجهي ته جڏهن رياڪاري جون ايتريون آفتون آهن ۽ رياڪاري کان بچڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي ته مند کان نيڪ عمل ئي نه ڪيو وڃي ته جيئن گهٽ مان گهٽ رياڪاري جي سزا کان بچي سگهجي. اهڙن اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ عرض آهي ته رياڪاري جي ڊپ کان نيڪ عمل ڇڏي ڏيڻ عقلمندي ناهي، ڇوته اهڙي ريت اسان اخلاص ۽ نيڪي، ٻنهي کان محروم ٿي ويندا سين. حضرت سَيِّدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”ماڻهن جي لاءِ عمل ترڪ ڪرڻ رياڪاري آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ عمل ڪرڻ شرڪ (اصغر) آهي، جڏهن ته اخلاص هي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ توکي انهن ٻنهي شين کان ڇوٽڪارو عطا فرمائي.“

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 76)

تنهن ڪري اسان کي گهرجي نيڪ عمل نه ڪرڻ جي بدران پنهنجي نيت درست ڪريون ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن نڪ تي مک ويهي ته مک کي اڏايو ويندو آهي نڪ ناهي ڪپيو ويندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري جو وسوسو اچڻ گناهه نه آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رياڪاري جو دل ۾ صرف خيال اچڻ ۽

طبيعت جو ان ڏانهن مائل ٿيڻ نقصان ڏيندڙ نہ آهي، ڇو جو شيطان تہ هر انسان تي مسلّط آهي، اهو انسان جي وس ۾ نہ آهي جو اهو شيطاني وسوسن کي دل ۾ داخل ئي ٿيڻ نہ ڏئي، ان ڏانهن مائل نہ ٿئي. اهوئي سبب آهي جو شيطان وسوسا وجهندو ئي رهندو آهي، هاڻي انسان کي گهرجي تہ انهن وسوسن کي دل ۾ نہ ويهاري ۽ ديني علم، نفرت ۽ انڪار سان شيطاني حيلن جو مقابلو ڪري. (الحديقة النديّة، ج 1، ص 496) حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: سيِّدُ المُبَلِّغِين، رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سيئي تعريفون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن، جنهن شيطان جي مڪر ۽ فريب کي وسوسن ۾ بدلائي ڇڏيو. (سنن ابي داوٗد، الحديث 5112، ج 4، ص 425)

حضرت ابوحازم عَلَيْه رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا: جيڪو خطرو توکي نفس مان هجي ۽ تنهنجو نفس ان کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري پر ان تي تون ان کي جهٽڪيندو بہ رهين تہ انهي صورت ۾ شيطاني وسوسا ۽ نفساني خيالات توکي ڪو نقصان نہ پهچائيندا، جڏهن نفس ۽ شيطان جي مراد کي انڪار ۽ ناپسنديدگي جي ذريعي پورو ٿيڻ نہ ڏئي. (احياءُ العلوم ج 3، ص 385)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان کي ناڪام ۽ نامراد ڪري ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جو تہ اهو ئي ڪم آهي جو اهو اسان کي نيڪين کان روڪي گناهن ۾ مبتلا ڪري. ان لاءِ رياڪاري جي ڊپ کان نيڪيون ڇڏڻ بدران، انهن جي ڪثرت ڪري، شيطان کي ناڪام ۽ نامراد ڪري ڇڏيو. شيطان ڄڻ تہ هڪ ڀونڪندڙ ڪُتي جي مثل آهي، جيڪڏهن اسان ان جي ويجهو

وڃي، خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اهو اڃا وڌيڪ پونڪندو آهي ۽ جيڪڏهن اسان ان کي ڇڏي، پنهنجو رستو وٺنداسين ته اهو نيٺ پونڪڻ ڇڏي ڏيندو. اهڙي ريت شيطان به پهريائين ئي اسان کي نيڪ عمل ڇڏڻ جو مشورو ڏيندو آهي، جيڪڏهن اسان ان جي مشوري کي ڇڏي، نيڪين ۾ مشغول ٿينداسين ته ان جي ڪوشش هوندي ته اسان کان اهڙي غلطي ڪرائي، جنهن جي ڪري اسان جو نيڪ عمل **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ مقبول نه ٿي سگهي. جيڪڏهن انهي ۾ ناڪام رهيو ته اهو اسان جي دل ۾ رياڪاري جا وسوسا وجهي، اسان کي رياڪاري تي آمادو آهي. جيڪڏهن اسان ان تي به ڌيان نه ڏنو، بلڪ فڪر مدينه ڪري، نيڪين ڏانهن ڌيان ڏنو ته اهو اسان جي دل ۾ وسوسا وجهندو آهي ۽ چوندو آهي: ”تنهنجو عمل خالص ناهي، تون رياڪار آهين، تنهنجي ڪوشش اجائي آهي، ان عمل جو ڪهڙو فائدو، جنهن ۾ اخلاص نه هجي؟“ ائين هو اسان سان چنبڙيو پيو هوندو ته جيئن ڪهڙي به طرح هو اسان کي ان عمل کي ڇڏڻ تي آمادو ڪري، جيڪڏهن اسان اهو عمل ڇڏي ڏنو ته شيطان ڪامياب ٿي ويو. ان ڪري ان کي هرگز خوش نه ڪيو ۽ نيڪ عمل تي استقامت اختيار ڪريو ته جيئن اهو اسان کان نا اميد ۽ مايوس ٿي وڃي. اها اسان جي ڪاميابي ۽ ان جي ناڪامي هوندي!

حضرت ابراهيم تيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: شيطان ٻانهي کي گناهه واري هڪ دروازي ڏانهن سڏيندو آهي ۽ اهو ٻانهو ان جي ڳالهه ناهي مڃيندو بلڪ ان جي جاءِ تي ڪا نيڪي ڪندو آهي

www.dawateislami.net

تہ شيطان اها صورتحال ڏسي ان کي ڇڏي ڏيندو آهي. انهن هي بہ فرمايو تہ جڏهن شيطان توهان کي متردّد ڏسندو آهي (جو اوهان ڪڏهن نيڪي ڪئي ۽ وري ڪڏهن ڇڏي ڏني) تہ توهان ۾ لالچ رکندو آهي ۽ جڏهن توهان کي هميشہ نيڪي ڪندي ڏسندو آهي تہ توهان کان نفرت ڪندو آهي ۽ توهان کي ڇڏي ڏيندو آهي.

(احياءُ العلوم ج 3، ص 386)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا نيڪيون ڇڏي، اسان شيطان کان بچي سگهندا اسين؟

هن ڳالھ جي ڪهڙي ضمانت آهي تہ رياڪاري جي ڊپ کان نيڪي ڇڏي اسان شيطان جي چنبي کان آزاد ٿي سگهون ٿا. ياد رکو! شيطان اسان کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو، بلڪ ٿي سگهي ٿو اهو اسان جو هن ريت ذهن بڻائي تہ ماڻهو چون ٿا تہ ”تو اخلاص جي ڪري عمل ڇڏي ڏنو آهي ۽ تون شهرت جو خواهشمند ناهين.“ هاڻي جڏهن تہ تنهنجي اخلاص جي واکاڻ ٿي رهي آهي، تون انهي جڳھ کي ڇڏ، جيڪڏهن اسان اها جڳھ بہ ڇڏي ڏني ۽ فرض ڪيو تہ ڪنهن غار يا زمين جي پر ۾ وڃي ويهون تہ اهو اسان جي دل ۾ ان ڳالھ جي لذت وجهندو تہ ماڻهو توکي زاهد سمجهن ٿا ۽ انهن کي تنهنجي خلوت نشيني (يعني اڪيلائي) جي خبر آهي، ان سبب جي ڪري تنهنجي تعظيم ڪندا آهن...... علٰى هٰذا القياس ائين اهو قدم قدم تي اسان جي لاءِ مسئلا پيدا ڪندو رهندو آهي. اسان کي رياڪاري جي ڊپ کان نيڪ عمل ڇڏڻ نہ گهرجي ۽ شيطاني وسوسن تي گهٽو ڏيان نہ ڏيڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

## ريا جي ڊپ کان نيڪ عمل ڇڏڻ واري جو مثال

حُجَّةُ الاسلام، حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي احياءُ العُلُوم ۾ لکن ٿا: جيڪو شخص ريا جي ڊپ کان عمل ڇڏي ٿو، ان جو مثال هن طرح آهي ته هڪ غلام کي ان جي آقا اهڙي ڪڻڪ ڏني، جنهن ۾ ڪڻڪ جهڙا ٻيا به داڻا گڏيل هئا، پوءِ ان حڪم ڏنو ته ان کي اهڙي طرح صاف ڪري جو ان ۾ ڪڻڪ کان سواءِ هڪ داڻو به نه رهي. هاڻي اهو شخص ان ڊپ کان ته شايد مان ان کي بالڪل صاف نه ڪري سگهان، ان عمل کي بالڪل ئي ڇڏي ڏئي ٿو ته اهوئي حال ان شخص جو آهي، جيڪو اخلاص پيدا نه ٿيڻ جي ڊپ کان نيڪي ڪرڻ ئي ڇڏي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته جڏهن اخلاص ئي نه هوندو ته عمل ڪهڙو فائدو ڏيندو؟ (احياء العلوم ج 3، ص 395)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماڻهو ڇا چوندا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن ان ڊپ کان نيڪي ڇڏي ڏني ته ماڻهو مون کي رياڪار چوندا ۽ گنهگار ٿيندا، تنهن ڪري انهن کي گناهن کان بچائڻ لاءِ مان نيڪ عمل ئي نه ڪيان، اهو به شيطاني دوکو آهي ۽ ان ۾ سڀ کان پهرين خرابي هي آهي ته هي مسلمانن جي باري ۾ بدگماني جو شڪار ٿيو حالانڪ انهي کي ان جو ڪو حق نه هو، پوءِ جيڪڏهن اها ڳالهه سچي ثابت ٿئي ها تڏهن به ان کي ڪو نقصان نه پهچي ها. ليڪن پنهنجي هٿن سان پاڻ پنهنجو نقصان ڪيائين جو نيڪي ڇڏي ثواب کان محروم ٿي ويو. ٻي خرابي اها آهي ته ان جو انهي ڪري عمل

كي ڇڏڻ جو ماڻهو ان کي رياڪار چوندا، اهو بہ ريا آهي ڇوتہ جيڪڏهن ان کي ماڻهن جي تعريف ۽ ملامت سان ڪو واسطو نہ هجي ها تہ ان ڳالھ جي کهڙي پرواھ ڪري ها تہ ماڻهو ان کي رياڪار چوندا يا مُخلص؟ (احياء العلوم ج 3، ص 395)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياڪار جون علامتون

حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمايو: رياڪار جون ٽي علامتون آهن.

(1) اڪيلائي ۾ هجي تہ عمل ۾ سستي ڪري ۽ ماڻهن جي سامهون چُستي ڏيکاري،

(2) ان جي تعريف ڪئي وڃي تہ عمل ۾ اضافو ڪري ۽

(3) جيڪڏهن ملامت ڪئي وڃي تہ عمل ۾ گهٽتائي ڪري.

(الزواجر عن اقتراف الڪبائر ج 1 ص 75)

حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڪنهن محفل ۾ پنهنجي مذمّت ڪري ٿو اهو حقيقت ۾ پنهنجي تعريف ڪندو آهي اها بہ ريا جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

(تنبيه المغترين، ص 24)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪٿي اسان رياڪار تہ ناهيون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ وڏي ديانتداري سان پاڻ تي غور ڪريون تہ ڪٿي اسان اڪيلائي ۾ عبادت جي معاملي ۾ سستي، غفلت ۽ ماڻهن جي سامهون چُستي جو مظاهرو تہ نہ ٿا ڪريون؟ ڪٿي اسان نيڪي ڪرڻ کان پوءِ ان جو ماڻهن

تي بنا ضرورت جي اظهار تہ نہ ٿا ڪريون؟ پوءِ جيڪڏهن ڪو ان تي اسان جي تعريف ڪري تہ آڪڙجي عمل ۾ اضافو تہ نہ ٿا ڪريون؟ ۽ تعريف نہ ٿيڻ جي ڪري، ڪٿي اسان غمگين تہ نہ ٿا ٿيون ۽ ان عمل ۾ گهٽتائي تہ نہ ٿا ڪريون؟ اسان ڪي ماڻهن جي سامهون نيڪي ڪرڻ ۾ وڌي لذت ملي ٿي پر اڪيلائي ۾ مزو نہ ٿو اچي؟ ڪٿي اسان ماڻهن جي سامهون پنهنجي مُذمّت، انهن ڪي متاثر ڪرڻ لاءِ تہ نہ ٿا ڪريون؟ وغيره

## رياڪان توبهہ ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب، ها ۾ ٿيا تہ جلدي توبہ ڪريو ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، مٺان توبهہ ڪان اڳ ۾ نہ موت اچي وڃي ۽ اسان رياڪاري جي اخروي نقصان ۾ نہ ڦٿجي وڃون.

## رياڪاري ڪان توبهہ جي برڪت

حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان لکن ٿا: خيال رهي تہ ريا واري عبادت ناجائز ناهي ٿيندي، پر نامقبول ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي، جيڪڏهن رياڪار آخر ۾ ريا ڪان توبهہ ڪري ٿو تہ ان تي ريا واري عبادت جي قضا واجب ناهي، بلڪ ان توبهہ جي برڪت سان گذريل نامقبول ريا واريون عبادتون بہ قبول ٿي وينديون. مطلقًا ريا ڪان خالي هئڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڪو شخص ريا جي ڊپ ڪان عبادتون نہ ڇڏي، بلڪ ريا ڪان بچڻ جي دعا ڪري. (مرأة المناجيح، ج 7، ص 127)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ريا جي مرض جو علاج ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان پنهنجي دل ۾ انهي بيماري جون علامتون ڏسون ته توبهه ڪرڻ کان پوءِ علاج ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي. جڏهن اسان پنهنجي باطن کي پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اسان جو ظاهر به سٺرو ٿي پوندو. سرڪار مدينه، قرارِ قلب ۽ سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪو پنهنجي باطن جي اصلاح ڪندو ته الله تعاليٰ ان جي ظاهر جي اصلاح فرمائيندو.“

(ڪنزالعمّال، الحديث 5273 ج 3، ص 13، ملخصًا)

## مايوس نه ٿيو

مايوسي ۾ مبتلا ٿي، هي نه چوڻ گهرجي، اخلاص ته اولياءِ ڪرام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ السّلام ئي اختيار ڪري سگهن ٿا، اسان انهي جي قابل ڪٿي آهيون؟ ۽ اهڙي ريت اخلاص جي ڪوشش ڪرڻ ڇڏي ڏجي. مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان جهڙن گنهگارن لاءِ مڪمل طور تي الله عَزَّوَجَلَّ جي ولين جي نقش قدم تي هلڻ ناممڪن ناهي ته ڏاڍو ڏکيو ضرور آهي، پر انهي دشواري جو بهانو بڻائي، پنهنجي اصلاح ڇڏي ڏيڻ، وڏي بيوقوفي آهي. جيتوڻيڪ اسان انهن پاڪ هستين جهڙا نه ٿا ٿي سگهون پر انهن جي حالات ۽ ملفوظات جي روشني ۾ پنهنجي نيّتن ۽ معاملات واري دنيا ته سنواري سگهون ٿا، پنهنجي نفس جي خوشنودي جي سودن کان بچي سگهون ٿا، آخرت جي نفعي، نقصان ۽ پنهنجي ربّ قدير عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۽ رضا جو خيال ته رکي سگهون ٿا.

# مشڪل ڪان نہ گھبرايو

بيماري جيتري پراڻي هوندي آهي، انهي جو علاج بہ ايترو ئي ڏکيو ٿيندو آهي. اهڙي طرح اسان کي پنهنجو ذهن ٺاهڻ گهرجي تہ جهڙي طرح اسان پنهنجي جسماني بيمارين جي علاج لاءِ طبيعت جي خلاف ڪڙيون دوائون پي ويندا آهيون، اهڙي ريت انهي باطني بيماري يعني رياڪاري جي علاج جي لاءِ بہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هر قسم جي مشقّت برداشت ڪنداسين. انهن مشقّتن کي برداشت ڪرڻ شروع ۾ ڏکيو محسوس ٿيندو، پوءِ آهستي آهستي سولو لڳندو. جهڙي طرح سخت سياري ۾ ٿڌي پاڻي سان وضو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو محسوس ٿيندو آهي پر اسان جيڪڏهن همّت ڪري پاڻي پنهنجي جسم تي وجهڻ شروع ڪندا آهيون تہ وضو ڪرڻ اسان لاءِ سولو ٿي پوندو آهي.

غم سے خوگر ہوا اِنساں تو مِٹ جاتا ہے غم
مشکلیں اِتنی پڑیں مجھ پر کہ آساں ہو گئیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”اخلاص جو نُور“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان رياڪاري جا 10 علاج

### (پهريون علاج) الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪيو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعا مؤمن جو هٿيار آهي انهي کي نفس ۽ شيطان جي خلاف جنگ ۾ استعمال ڪندي، بارگاهہ الٰهي ۾ هن طرح سان دعا ڪيو: ”يا اللهعَزَّوَجَلَّ مون کي رياڪاري جي

www.dawateislami.net

بيماري کان شفا عطا فرماءِ منهنجي خالي جهولي کي اخلاص جي عظيم دولت سان ڀري ڇڏ، منهنجو مهاڏو ان دشمن (يعني شيطان) سان آهي جيڪو مون کي ڏسي ٿو پر پاڻ نظر نہ ٿو اچي پر تون تہ ان کي ملاحظ فرمائي رهيو آهين. اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي انهي دشمن جي دوکي کان بچاءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ مان ان ڳالهہ کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران تہ ماڻهن جي نظر ۾ منهنجو سنو حال هجي اهي مون کي نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهن ۽ مان تنهنجي بارگاهہ ۾ سزا جو حقدار هجان.

ميرا ہر عمل بس تيرے واسطے ہو
کر اخلاص ايسا عطا يا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (ڇهون علاج) رياڪاري جا نقصان پيش نظر رکڻ گهرجن:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان رياڪاري جي آفتن کي پنهنجي سامهون رکؤن ڇوتہ ماڻهو جي دل، ڪنهن شيءِ کي ان وقت تائين پسند ڪندي آهي جيستائين اها ان کي فائديمند ۽ مزيدار نظر ايندي آهي پر جڏهن ان کي ان شيءِ جي نقصان ڪار هئڻ جي خبر پوندي آهي تہ اهو ان کان بچندو آهي مثال طور هڪ اسلامي ڀاءُ ماکي کي ان جي لذت ۽ مناڻ جي ڪري ڏاڍو پسند ڪري ٿو پر جيڪڏهن ان کي اهو ٻڌايو وڃي تہ اها ماکي جنهن کي تو پيتو پئي ان ۾ تہ زهر مليل آهي پوءِ اهو ان موجود مناڻ کي نہ، بلڪ زهر کي ڏسندو ۽ ان کي هرگز هرگز نہ پيئندو. اهڙي ريت ماڻهن تي پنهنجو نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ وارو ۽ انهن جي طرفان واهہ واهہ ٿيڻ ۾ يقينًا نفس کي ڏاڍو مزو

ايندو آهي، ليڪن جيڪڏهن اسان انهي لذت جي بدران رياڪاري جا نقصان ذهن ۾ رکؤن ته ان کان بچڻ اسان لاءِ ڏاڍو سولو ٿي پوندو آهي. ڇا رياڪاري جو اهو نقصان گهٽ آهي جو نيڪ عمل ۾ مشقت برداشت ڪرڻ جي باوجود ثواب کان محروم ڪيو وڃي! ان مزدور جو ڇا حال ٿيندو، جيڪو سڄو ڏينهن اُس ۾ پگهر وهائي ۽ جڏهن مزدوري ملڻ جو وقت ٿئي ته ان جي مزدوري هي چئي روڪي وڃي ته فلاڻي غلطي جي ڪري توکي مزدوري نه ٿي ڏئي سگهجي. پر آهه! رياڪار کي ته ثواب جي محرومي سان گڏوگڏ عذاب به برداشت ڪرڻو پوندو. اهو شخص ڪيڏو نادان آهي، جنهن شيءِ سان اهو لکين ڪمائي سگهي ٿو، ٿوري وقت جي خوشي خاطر، اهو ان کي سستو وڪڻي ڇڏي ٿو، بالڪل اهڙي ريت اهو عبادت گذار ڪيڏو نه بي سمجھ آهي جيڪو عبادت جي ذريعي خالق عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل ڪرڻ جي بدران مخلوق کي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي رياڪار جڻ ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جي بدلي ۾ ماڻهن جي محبّت طلب ڪئي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان مذمّت جي بدلي ۾ ماڻهن جي تعريف جو خواهشمند ٿيو. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي بدلي ۾ ماڻهن جي رضا جو خواهشمند ٿيو ۽ هميشه رهڻ وارين جنتي نعمتن کي فاني دنيا جي عيوض وڪڻي ڇڏيائين، پوءِ سيني ماڻهن کي راضي رکڻ، کير جي نهر کوٽڻ جي برابر آهي، جو جيڪڏهن کي ماڻهو هڪ ڳالهه مان خوش ٿيندا آهن ته ناراض ٿيڻ وارن جو به هڪ تعداد هوندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڏيکاءُ جي لاءِ عمل ڪرڻ وارن جو مثال

ڏيکاءُ ۽ ٻڌائڻ لاءِ عمل ڪرڻ واري جو مثال ان شخص وانگر آهي جيڪو پنهنجو ڪيسو پٿرن سان پري خريداري لاءِ بازار ويو. جڏهن ماڻهن ان کي ڏٺو ته حيرت وچان چوڻ لڳا: ”ان جو ڪيسو ڪيڏو ڀريل آهي!“ پر جڏهن اهو دڪاندار جي سامهون پنهنجو ڪيسو کوليندو ته ذليل ۽ خوار ٿيندو ۽ ان کي مار ملندي، ان کي ماڻهن جي واه واه کان سواءِ ڪو نفعو حاصل نه ٿيندو. اهڙي طرح ڏيکاءُ ۽ ٻڌائڻ جي لاءِ عمل ڪرڻ واري کي ماڻهن طرفان تعريفي لفظن کان سواءِ ڪو فائدو نه تو ٿئي ۽ نه وري ان کي قيامت جي ڏينهن ڪو ثواب ملندو.

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 76، ماخوذًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (ٽيون علاج) سببن جو خاتمو ڪريو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر بيماري جو ڪونه ڪو سبب هوندو آهي، جيڪڏهن سبب ختم ڪيو وڃي ته بيماري به ختم ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح رياڪاري جا به بنيادي طور ٽي سبب هوندا آهن، جيڪڏهن انهن ٽن شين مان جان ڇٽي وئي ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان بچڻ ڏاڍو سولو ٿي پوندو. اهي ٽي سبب هي آهن: (1) تعريف جي خواهش (2) مذمت جو خوف ۽ (3) مال ۽ دولت جو حرص.

## تعريف جي خواهش کان ڪئين بچي سگهجي ٿو

اسان کي گهرجي ته تعريف جي خواهش کي ختم ڪرڻ لاءِ هنن

نقصان تي غور ڪريون:

## ”تباهي“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان حُبِ جاهه جي نقصانن تي مشتمل 5 روايتون

(1) اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت کي ٻانهن سان تعريف جي محبت جي ملائڪ کان بچندا رهو، ڪٿي اوهان جا اعمال برباد نہ ٿي وڃن.“ (فردوس الاخبار للديلمي، الحديث 1567، ج 1، ص 223)

(2) سيِّدُ المُرسلين، خاتَمُ النَّبِيِّين، جناب رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مال ۽ مرتبي جي محبت، مؤمن جي دل ۾ منافقت کي اهڙي ريت وڌائيندي آهي جهڙي طرح پاڻي گاهه کي ڦُٽائيندو آهي. (ڪنزالعمّال، الحديث 40663/40661/40652، ج 15، ص 96/95)

(3) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٻہ بکيا بگهڙ، ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي ناهن ڪندا جيتري مال ۽ عزت جي خواهش مسلمان جو دين خراب ڪندي آهي. (ڪنزالعمّال، الحديث 7433، ج 3، ص 185)

رہزن نے لوٹ لی کمائی
فریاد ہے خضرِ ہاشمی سے (حدائقِ بخشش)

(4) رسولِ اڪرم، نور مُجسَّم، شاهه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ستائش پسندي ماڻهو کي انڌو ٻوڙو ڪري ڇڏي ٿي.
(ڪنزالعمّال، الحديث 7428، ج 3، ص 185)

(5) حضرت ابوعبدالله انطاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَاقِي فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي ظاهري عملن ۾ اخلاص جو خواهشمند هوندو ۽ دل ۾ مخلوق تي نظر رکندو هوندو، اهو مُحال جي طلب

۾ مبتلا آهي ڇوته اخلاص دل جو پاڻي آهي ۽ ريا ان کي مرده ڪرڻ واري شيءِ آهي. (تنبيه المغترين، ص 24)

## اهڙي طرح فڪرِ مدينه ڪريو

ڪوشش ڪري اهڙي طرح غور ۽ فڪر (يعني فڪر مدينه) ڪريو: "ماڻهو منهنجي تعريف ۾ ڪجھ ڳالهيون ڪن يا مون کي سارا هه جي نظر سان ڏسن، يا شهرت ملڻ نفس جي لاءِ يقيني طور تي لذت جو سبب آهي پر ان جي تعريف مون کي قيامت جي ڏينهن بارگاه الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نه تي ڏياري سگهي، ڇوته اهي ماڻهو ته پاڻ عتاب جي خوف کان ڏڪندا هوندا. انهن جي تعريف سان نه منهنجو رزق وڌندو، نه عمر ۾ اضافو ٿيندو ۽ نه وري آخرت ۾ ڪو مقام ۽ مرتبو نصيب ٿي سگهي ٿو ته پوءِ اهڙن ماڻهن جي تعريف جي خواهش جو ڪهڙو فائدو؟ مان ڇو انهن ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ نيڪ عمل ڪيان، بلڪ مان صرف پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ عبادت ڪندس. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

آج بنتا ہوں معزز جو کھلے حشر میں عیب
ہائے رسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارب

## ڪوڙي تعريف کي پسند ڪرڻ حرام آهي

اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ ربِّ العزّت فتاويٰ رضويه جلد 21 صفحي 597 تي لکن ٿا: جيڪڏهن پنهنجي ڪوڙي تعريف کي پسند ڪري رکي ٿو جو ماڻهو ان فضيلتن سان ان جي تعريف ڪن جيڪي ان ۾ ناهن، تڏهن صريح قطعي حرام آهي. قال الله (الله تعاليٰ فرمايو)

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَاۤ اَتَوْا وَّ يُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾

(پ 3، آل عمران 188)

ترجموڪنزالايمان: هرگز انهن کي نہ ڀانءِ جيڪي پنهنجي ڪئي تي خوش ٿين ٿا ۽ گهرن ٿا تہ بنا ڪم جي انهن جي تعريف ٿئي اهڙن کي عذاب کان هرگز پري نہ ڄاڻندا ۽ انهن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي.

## تعريف کي پسند ڪرڻ ڪڏهن مُستَحَب آهي

اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ ربِّ العزّت وڌيڪ لکن ٿا: هائو، جيڪڏهن تعريف واقعي ڪن تہ جيتوڻيڪ مشهور ۽ معروف تاويل سان جيئن شَمْسُ الْاَئِمَّة و فَخْرُ الْعُلَمَاءِ وَتَاجُ الْعَارِفِيْن وَاَمْثَالُ ذٰلِک (يعني امامن جا آفتاب، اهل علم جي لاءِ فخر، ۽ عارفن جا تاج ۽ اهڙي قسم جا ٻيا توصيفي لفظ جيڪي مدح، تعريف ۽ وصف بيان ڪن) مان مراد پنهنجا هم عصر يا هم مصر (يعني هڪ ئي زماني يا شهر) جا ماڻهو هوندا آهن ۽ انهي تي ان لاءِ خوش نہ ٿئي تہ منهنجي تعريف ٿي رهي آهي بلڪ انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن جي (تعريف) انهن کي ديني فائدو پهچائيندي، جيڪا انهن کي نصيحت ڪئي ويندي اها غور سان ٻڌندا، تہ اها حقيقت ۾ تعريف لاءِ محبت ناهي بلڪ مسلمانن سان خيرخواهي جي محبت آهي ۽ اهو ايمان آهي. ”طريقہ محمديہ ۽ حديقہ نديہ“ ۾ آهي: ”رياست جي چاهت ۽ محبت جا ٽي سبب آهن، ٽيون هي آهي تہ اقتدار جي خواهش انهي لاءِ ڪري ٿو تہ جيئن نفاذِ حق، اعزازِ دين ۽ ماڻهن جي اصلاح ڪري سگهي، جيڪڏهن اهو ممنوع امور مثال طور رياءِ تلبيس، واجب ۽ سنت جي ڇڏڻ کان خالي هجي تہ نہ رڳو جائز بلڪ مستحب (اجر ۽ ثواب جو باعث آهي) الله تعاليٰ نيڪ ٻانهن

www.dawateislami.net

جي حڪايت بيان فرمائي (ته اهي ربُّ العزّت جي بارگاھ ۾ عرض ڪندا آهن) اي پروردگار! اسان کي پرهيزگار ۽ ڏڄڻ وارن ماڻهن جو امام (يعني پيشوا) بڻا. (فتاويٰ رضويه، ج 21، ص 597)

## ماڻهن جي ملامت جو ڊپ ڪهڙي نموني ختم ڪريون؟

ماڻهن جي ملامت جو ڊپ هن ريت ختم ڪري سگهجي ٿو پنهنجو هي ذهن بڻايو ته ماڻهن جي ملامت ڪرڻ سان مون کي جلد موت ڪونه ايندو، نه منهنجي رزق ۾ گهٽتائي يا وڌارو ٿيندو، جيڪڏهن منهنجو ربّ مون کان راضي آهي ته ماڻهن جو ناراضپو منهنجو وار به ونگو نه ٿو ڪري سگهي. اهي ماڻهو ته پاڻ عاجز آهن، پنهنجي لاءِ نفعي ۽ نقصان، موت ۽ حياتي جا مالڪ ناهن ته مان ڪيئن انهن جي ملامت جي ڊپ کان نيڪ عمل ڪيان يا ڇڏي ڏيان، مون کي رڳو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي غضب کان ڏڄڻ گهرجي.

يقينًا هر اهو شخص جيڪو پنهنجي دل ۾ ٻارن، چرين ۽ ٻين ماڻهن تي پنهنجي عمل تي خبروار ٿيڻ سان فرق محسوس ڪندو هجي اهو ريا جي شائبي ۾ مبتلا ٿئي ٿو، ڇوته جيڪڏهن اهو هي سمجهي وٺي ته نفعي ۽ نقصان ڏيڻ وارو ۽ هر شيء تي قدرت رکڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ ٻيا ڪنهن شيء تي قدرت نه ٿا رکن ته ان وٽ ٻارن ۽ ٻين ماڻهن جو آگاھ ٿيڻ برابر هجي ها ۽ ٻارن يا وڏن جي آگاھ ٿيڻ سان ان جي دل تي ڪو اثر نه پوي ها.

## مال ۽ دولت جي حرص کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪيون؟

مال ۽ دولت جي حِرص کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو ذهن بڻايو ته مال ڏيڻ ۽ روڪڻ جي سلسلي ۾ **الله** تبارڪ

و تعاليٰ ئي دلين کي قابو ڪرڻ وارو آهي، اهي ماڻهو تہ بالڪل بي وس آهن، رزق ڏيڻ واري ذات صرف اللّٰه تعاليٰ جي آهي. جيڪو شخص ماڻهن ۾ مال جي لالچ رکندو آهي اهو ذليل ۽ خوار ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي مال ملي بہ وڃي تہ ڏيندڙ جو احسان مند ٿيڻو پوندو آهي، تہ جڏهن مال جو ملڻ بہ يقيني نہ آهي ۽ ذلت ۽ خواري جو انديشو بہ آهي تہ مان ڇو عبادت جي ذريعي ماڻهن کي متاثر ڪري، انهن کان مال حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان، بلڪ مان پنهنجي پياري ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ عبادت ڪندس. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي محبت مان جان ڇڏايو

رياڪاري جي انهن ٿنهي سببن جو تعلق دنيا جي حد تائين آهي تنهن ڪري جيڪڏهن اسان دنيا جي محبّت ئي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيون تہ انهن سببن جو رستو روڪڻ، ڪو ڏکيو ڪم ناهي، جنهن جي نتيجي ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رياڪاري مان جان ڇڏائڻ وڌيڪ آسان ٿي پوندو. سرڪارِ مدينہ، قرار قلب ۽ سينہ، فيض گنجينہ، باعثِ نزول سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”دنيا جي محبّت سيني گناهن جي پاڙ آهي.“ (مشڪوٰة المصابيح، الحديث 5212، ج 2، ص 250)

پيچھا مرا دنيا کی محبت سے چُھڑا دے
يا رب مجھے ديوانہ مدينے کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (چوٿون علاج) اخلاص اختيار ڪريو:

نبين جي سالار، بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”اي انسانو! اللّٰهعَزَّوَجَلّ جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪريو ڇوته اللّٰه عَزَّوَجَلّ اهي ئي عمل قبول ڪندو آهي جيڪي ان لاءِ اخلاص سان ڪيا ويندا آهن ۽ هي نه چوندا ڪريو ته مون هي ڪم اللّٰه عَزَّوَجَلّ ۽ رشتيداري جي ڪري ڪيو آهي.“

(سنن الدار قطني، الحديث 130، ج 1، ص 73)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح ڪپڙن مان ميراڻ ڪي ڌوئڻ لاءِ اعليٰ قسم جو صابڻ يا سرف استعمال ڪيو ويندو آهي، اهڙي ريت رياڪاري جي گندگي کي پنهنجي دل مان صاف ڪرڻ جي لاءِ اخلاص جي صابڻ جي ضرورت آهي. اخلاص، رياڪاري جو ضدّ آهي، انهي عظيم دولت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي فضيلتن تي غور ڪريو:

## ”قبوليّت“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان اخلاص جون 6 فضيلتون

(1) قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾

ترجموڪنزالايمان: جيڪو آخرت جي پوک گهري اسان ان جي واسطي ان جي پوک وڌايون ۽ جيڪو دُنيا جي پوک چاهي اسان ان کي ان مان ڪجهه ڏينداسين ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو به حصو نه آهي.

(سيپارو 25، الشوريٰ 20)

مفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان

انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: (جيڪو آخرت جي پوک گهري) يعني **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جي رضا ۽ جناب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي گهري، ريا لاءِ عمل نہ ڪري (اسان ان جي واسطي ان جي پوک وڌايون) يعني ان کي گهڻين نيڪين جي توفيق ڏينداسين، نيڪ ڪم آسان ڪري، عملن جو بيشمار ثواب عطا ڪنداسين. (۽ جيڪو دُنيا جي پوک چاهي) تہ صرف دنيا ڪمائڻ لاءِ نيڪيون ڪري، عزّت ۽ مرتبي جي لاءِ عالم، حاجي ٿئي، غنيمت جي لاءِ غازي، (اسان ان کي ان مان ڪجھ ڏينداسين ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو بہ حصو نہ آهي) ڇوتہ ان آخرت جي لاءِ عمل ڪيا ئي ناهن. معلوم ٿيو تہ رياڪار ثواب کان محروم رهندو آهي پر شرعي طرح سان ان جو عمل درست آهي. ريا واري نماز مان فرض تہ ادا ٿي ويندو پر ثواب نہ ملندو، انهي لاءِ فِي الْاٰخِرَة جو قيد لڳايو ويو آهي. (نور العرفان، ص 774)

(2) نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”پنهنجي دين ۾ مُخلص ٿيو، ٿورو عمل بہ اوهان لاءِ ڪافي ٿيندو.“ (المستدرڪ، الحديث 7914، ج 5، ص 435)

(3) حضرت سَيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو دنيا ۾ ان حال ۾ مئو جو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجي سيني عملن ۾ مخلص هو ۽ نماز، روزي جو پابند هو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي آهي.

(المستدرڪ، رقم الحديث 3330، ج 3، ص 65 ملتقطًا)

(4) حضرت سَيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن آخري زمانو ايندو تہ منهنجي امّت ٽن ٽولن ۾ ورهائجي ويندي. هڪ

ٿولو خالص طور تي اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندو، ٻيو ٿولو ڏيکاءُ لاءِ اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندو ۽ ٽيون ٿولو ان لاءِ عبادت ڪندو تہ اهو ماڻهن جو مال هڙپ ڪري. جڏهن اللهُ عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن انهن کي اٿاريندو تہ ماڻهن جي مال کائڻ وارن کي فرمائيندو: مون کي منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! منهنجي عبادت مان تنهنجو ڪهڙو ارادو هو؟“ عرض ڪندو: ”تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! ماڻهن کي ڏيکارڻ جو.“ اللهُ عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: ”ان جي ڪا نيڪي منهنجي بارگاهہ ۾ مقبول ناهي، انهي کي دوزخ ۾ وجهو.“ پوءِ خالص طور پنهنجي عبادت ڪرڻ واري کي فرمائيندو: ”مون کي منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! منهنجي عبادت مان تنهنجو ڪهڙو مقصد هو؟“ اهو عرض ڪندو: ”تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! منهنجي ارادي کي تون بهتر ڄاڻين ٿو، مون تنهنجي رضا چاهي.“ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”منهنجي ٻانهي سچ چيو، انهي کي جنّت ۾ وٺي وڃو.“

(المعجم الاوسط، رقم 5105، ج 4، ص 30)

(5) حضرت سَيِّدُنا اَنس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جنهن جي نيّت آخرت ڪمائڻ جي هوندي تہ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جي غنا ان جي دل ۾ وجهندو ۽ ان جي متفرّقات کي گڏ ڪندو ۽ ان وٽ دنيا ذليل ٿي ايندي ۽ جنهن جي نيّت دنيا حاصل ڪرڻ جي هوندي تہ اللهُ عَزَّوَجَلَّ فقيري ان جي اکين آڏو ڪري ڇڏيندو ۽ ان تي ان جو ڪم پکيڙي ڇڏيندو ۽ ان وٽ ايندي اوتري جيتري ان لاءِ لکي وئي. (مشڪوٰة المصابيح، الحديث 5320، ج 2، ص 267)

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني اخلاص واري کي ربّ تعالىٰ دلي استغناء بہ عطا فرمائيندو آهي ۽ ان لاءِ متفرق ضرورتون هڪ جاءِ تي گڏ ڪندو آهي جو گهر ويٺي ان جون سيئي ضرورتون پوريون ٿينديون رهنديون آهن. ضرورتن وٽ هو نہ ويندو آهي، ضرورتون ان وٽ اينديون آهن. جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ٿي ويندو آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جو ٿي ويندو آهي. جنهن جانور کي ڪِلي سان ٻڌو ويندو آهي ان جي هر ضرورت اتي پهچي ويندي آهي.

دنيا مان مراد دنيا جون نعمتون بہ آهن ۽ دنيا جا ماڻهو بہ يعني دنيا ۽ دنيادار ان وٽ خادم بڻجي، حاضري ڏيندا آهن جيئن اولياء **الله** جي آستانن تي ڏٺو ويو آهي.

وہ کہ اِس در کا ہوا خلقِ خدا اُس کی ہوئی
وہ کہ اِس در سے پھرا اللہ اُس سے پھر گیا

فقيري مان مراد ماڻهن جي محتاجي، انهن جو حاجتمند رهڻ آهي، انهن جي دروازن تي ڌڪا کائڻ، انهن جي خوشامد ڪرڻ. يعني ان جي دل پريشان رهي، ڪڏهن ماني جي پنيان ڊوڙندو، ڪڏهن ڪپڙن جي فڪر ۾ رهندو، ڪڏهن ٻين ضرورتن لاءِ پريشان ڦرندو وتندو. **الله** **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ جو وقت ئي نہ ملندس، اهو بہ تجربي مان ثابت آهي. يعني ان جي اهڙي ڊڪ ڊوڙ مان، ان جي دنيا ۾ واڌارو نہ ٿيندو بلڪ ان جي پريشاني ۾ ويتر اضافو ٿيندو، دنيا اوتري ئي ملندي جيتري مقدّر ۾ آهي.

(مرأة المناجيح، ج 7، ص 131)

(6) محبوب ربُّ العزّت، مُحسن انسانيّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص

ڪنهن اهڙي سخت غار ۾ ڪو عمل ڪري، جنهن ڪي نہ دروازو هجي ۽ نہ ئي روشندان، تڏهن بہ ان جو عمل ظاهر ٿي پوندو ۽ جيڪو ٿيڻو آهي، ٿي رهندو.“

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 11230، ج 4، ص 57)

حڪيمُ الامَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: انهي عظيم فرمان جو مقصد هي آهي تہ اوهان ريا ڪري پنهنجا عملَ چو برباد ڪندا آهيو، اوهان اخلاص سان نيڪيون ڪيو، لڪائي ڪيو الله تعاليٰ اوهان جون نيڪيون پنهنجو پاڻ ماڻهن کي ٻڌائيندو، ماڻهن جون دليون اوهان کي نيڪ سمجهنديون. اهو ڏاڍو مُجرَّب آهي. ڪي ماڻهو لڪ ۾ تهجُّد پڙهندا آهن، ماڻهو هرويرو انهن کي تهجُّد گذار چوندا آهن بلڪ هر نيڪي جو نور چهري تي ظاهر ٿيندو آهي. جنهن جو رات ڏينهن مشاهدو ٿي رهيو آهي تہ ماڻهو حضور غوث پاڪ، خواجہ اجميري (رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمَا) کي ولي چوندا آهن چوتہ ربّ تعاليٰ چورائي رهيو آهي. اهو آهي ان فرمان عالي جو ظهور.

(مرأة المناجيح، ج 7، ص 145)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مخلص مؤمن جو مثال

قرآن پاڪ ۾ مؤمن جو مثال هنن لفظن سان ڪيو ويو آهي:

وَ مَثَلُ الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللهِ وَ تَثۡبِيۡتًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبۡوَةٍ اَصَابَهَا

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي رضا طلبيءَ ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ پنهنجي دل ثابت رکڻ واسطي اُن باغ وانگر آهي جيڪو مٿاهين تي هجي ان

وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۶۵﴾

تـي زور جـو پاڻي پيـو تـہ ٻيڻو ميـوو آنـدائين، پوءِ جـي زور جـي بـارش اُن کـي نـہ پهچـي تـہ پـوءِ ماڪ ڪـافي آهي ۽ اللّٰه توهان جا ڪم ڏسي رهيو آهي.

(سيپارو 3، البقره 265)

حضرت صَدرُالاَفاضِل سيِّدُنا مولانا محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی خزائنُ العِرفان ۾ انهي آيت جي تحت لکن ٿا: اهو مخلص مؤمن جي عملن جو هڪ مثال آهي، جهڙي طرح متاهين علائقي جي بهترين زمين جو باغ هر حال ۾ ڏاڍو وڏندو آهي چاهي برسات توري هجي يا گهٽي! اهڙي طرح ئي مخلص مؤمن جو صدقو ۽ خرچ ڪرڻ، چاهي گهٽ هجي يا وڌيڪ، اللّٰه تعاليٰ ان کي وڌائيندو آهي ۽ اهو اوهان جي نيّت ۽ اخلاص کي ڄاڻي ٿو. (خزائنُ العِرفان، ص 81)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُخلِص ڪير؟

انسان مُخلص ڪڏهن ٿيندو آهي؟ انهي باري ۾ اسلاف ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم جا ڪجهه قول ملاحظ فرمايو:

(1) حضرت سَيِّدُنا يحيٰ بن معاذ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان سوال پڇيو ويو تہ انسان ڪڏهن مُخلص ٿئي ٿو؟ پاڻ فرمائڻ لڳا: ”جڏهن کيرپياڪ ٻار وانگر ان جي عادت بڻجي. کيرپياڪ ٻار جي ڪو تعريف ڪري تہ ان کي سٺي ناهي لڳندي ۽ ملامت ڪري تہ ان کي بُري ناهي لڳندي. جهڙي طرح اهو پنهنجي تعريف ۽ ملامت کان بي نياز هوندو آهي، اهڙي طرح انسان جڏهن تعريف ۽

ملامت جي پرواھ نہ ڪري تہ ان کي مُخلِص چئي سگھجي ٿو.

(اخلاق الصالحين)

(2) حضرت ذوالنّون مصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى کان ڪنھن پڇيو تہ ماڻھو ڪنھن وقت سمجھي تہ اھو مُخلِصن مان آھي؟ تہ پاڻ فرمائڻ لڳا جڏھن اھو صالح عملن ۾ سموري ڪوشش لڳائي ۽ ان ڳالھ کي پسند ڪري تہ مان معزّز نہ سمجھيو وڃان.

(تنبيہ المغترين، ص 23)

(3) ڪنھن امام کان پڇيو ويو: مخلص ڪير آھي؟ تہ انھن ارشاد فرمايو: ”مخلص اھو آھي جيڪو پنھنجون نيڪيون اھڙي طرح لڪائي، جھڙي طرح پنھنجا گناھ لڪائيندو آھي.“

(4) ھڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو: اخلاص جي انتھا ڇا آھي؟ تہ انھن ارشاد فرمايو: ”اھو ھي تہ اوھان ماڻھن جي تعريف جي خواھش نہ ڪريو.“

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 90)

يکساں ہو مدح وذَم مجھ پہ کر دو کرم
نہ خوشی ہو نہ غم تاجدارِ حرم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا سڀني نعمتن کان وڌيڪ آھي

حضرت سَيِّدُنا ابوسعِيد خُدرِي رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جنتين کي فرمائيندو: اي جنّتيو! تہ اھي عرض ڪندا: اي اسان جا ربّ اسان حاضر آھيون ۽ ڀلائي تنھنجي ئي دستِ قدرت ۾ آھي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: ڇا اوھان راضي آھيو؟ تہ اھي عرض ڪندا:

اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اسان ڪيئن نہ راضي ٿينداسين تو تہ اسان کي ايترو عطا فرمايو آهي جو تو پنهنجي مخلوق ۾ ڪنهن کي عطا نہ فرمايو آهي. تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: مان اوهان کي ان کان وڌيڪ نعمت عطا نہ فرمايان؟ اهي عرض ڪندا: ان کان افضل شيءِ بي ڪهڙي ٿيندي؟ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: مان اوهان کي پنهنجي رضا سونپيان ٿو، تنهن ڪري اڄ کان پوءِ ڪڏهن بہ اوهان سان ناراض نہ ٿيندس. (صحيح البخاري، ج 4، ص 260، حديث 6539)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (پنجون علاج) نيّت جي حفاظت ڪريو

حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي ۽ هر شخص لاءِ اهو ئي آهي، جنهن جي اهو نيّت ڪري.“
(صحيح البخاري، الحديث 54، ص 7)

حضرت سَيِّدُنا ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، شهنشاهہ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پڇيو ويو تہ ”هڪ ماڻهو شجاعت جي اظهار، ٻيو قومي غيرت ۽ ٽيون رياڪاري جي غرض کان وڙهي ٿو، انهن ۾ ڪهڙو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد ڪري رهيو آهي؟“ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو شخص صرف انهي غرض جي ڪري وڙهي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪلمو بلند ٿئي، اهو ان جي رستي ۾ مجاهد آهي.“ (صحيح البخاري، الحديث 7458/2810، ج 4/2، ص 561/256)

انهي حديث مان معلوم ٿيو تہ سيني نيڪين جي حاصل ڪرڻ لاءِ اخلاص ۽ رضاءِ الٰهي شرط آهي. (فيوض الباري، ج 11، 12، ص 194)

www.dawateislami.net

## نيّت ڇا کي چئبو آهي؟

نيّت لغوي طور تي دل جي پڪي ارادي کي چئبو آهي ۽ شرعًا عبادت جي ارادي کي نيّت چيو ويندو آهي.

(نزهة القاري شرح صحيح البخاري، ج 1، ص 226)

## جيترين نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ عمل ۾ جيترين نيّتون هونديون، اوترين نيڪين جو ثواب ملندو، مثال طور حاجتمند مائٽ جي مدد ڪرڻ ۾ جيڪڏهن نيّت صرف لِوَجْهِ اللّٰه (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ) ڏيڻ جي هوندي ته هڪ نيّت جي ثواب جو حقدار ٿيندو ۽ جيڪڏهن صلهءِ رحمي (مائٽن سان سهڻي سلوڪ) جي نيّت به ڪندو ته ٻيڻو ثواب ماڻيندو. (اشعة اللمعات، ج 1، ص 36) اهڙي طرح مسجد ۾ نماز جي لاءِ وڃڻ به هڪ عمل آهي انهي ۾ به گهڻيون نيّتون ڪري سگهجن ٿيون. امام اهلسنّت، الشاهه مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 5 صفحي 673 تي ان لاءِ چاليهه نيّتون بيان ڪيون ۽ فرمايائون: ”بيشڪ جيڪو نيّت جو علم ڄاڻي ٿو، هڪ هڪ فعل ۾ پنهنجي لاءِ ڪيترين ئي نيڪيون ڪري سگهي ٿو.“ (فتاويٰ رضويه، ج 5، ص 673)

بلڪ مباح ڪمن ۾ به سٺيون نيّتون ڪرڻ سان ثواب ملندو، مثال طور خوشبو لڳائڻ ۾ سنّت جو اتّباع، مسجد جي تعظيم، دماغ جي فرحت ۽ پنهنجي اسلامي ڀائرن کان ناپسنديده بو ختم ڪرڻ جون نيّتون هجن ته هر نيّت جو الڳ ثواب ملندو.

(اشعة اللمعات، ج 1، ص 37)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدقي ڏيڻ کان پهريان نيّت تي غور

حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: ”بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِين مان جيڪڏهن ڪو صدقو ڪرڻ چاهيندو هو ته غور ۽ فڪر ڪندو هو ۽ سوچيندو هو، جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ هوندو هو ته ڪندو هو.“ (احياء العلوم، ج 5، ص 133)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ سٺي نيّت ڪرڻ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو محنت جي لحاظ کان بالڪل سولو، ليڪن اجر ۽ ثواب جي لحاظ کان وڏو عظيم آهي. انهي لاءِ اسان کي گهرجي ته هر نيڪ عمل شروع ڪرڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪريون، ايسيتائين جو کائڻ، پيئڻ، لباس پائڻ، ننڊ ۽ نڪاح ڪرڻ ۾ به سٺي نيّت هئڻ گهرجي. مثال طور کائڻ، پيئڻ سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت هجي. لباس پائڻ وقت هي نيّت هجي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجي پوشيده شين جي لڪائڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نعمت جي اظهار جي نيّت هجي. سمهڻ مان هي مقصد هجي ته جيڪي عبادتون **الله** عَزَّوَجَلَّ فرض ڪيون آهن، انهن کي ادا ڪرڻ ۾ مدد ملي. نڪاح ڪرڻ ۾ گناهن کان بچڻ ۽ حرام ڪاري کان بچڻ جي نيّت هجي.

**مدينه**: سٺين سٺين نيّتن جي متعلّق رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو سنّتن ڀريو ڪيسٽ بيان ”نيت کا پھل“ ۽

نيّتن جي متعلّق سندن مُرتّب ڪيل ڪارڊ يا پمفلٽ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ مان هديو ڏئي حاصل ڪيو.

## ”چل مدينہ“ جي سنّت اڪرن جي نسبت سان سنّي نيّت جون 7 فضيلتون

(1) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير للطبراني، الحديث 5942، ج 6، ص 185)

(2) شفيع المذنبين، انيس الغريبين، سراجُ السّالڪين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: سچي نيّت سڀ کان افضل عمل آهي. (جامع الاحاديث، الحديث 3554، ج 2، ص 19)

(3) تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”سني نيّت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪندي آهي.“ (ڪنزالعمّال، الحديث 7245، ج 3، ص 169)

(4) محبوبِ ربّ العلمين، جناب صادق ۽ امين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آخرت جي نيّت تي دنيا عطا فرمائيندو آهي پر دنيا جي نيّت تي آخرت عطا فرمائڻ کان انڪار ڪري ٿو.“ (ڪنزالعمّال، الحديث 6053، ج 3، ص 75)

(5) مخزن جود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”سني نيّت عرش سان چنبڙي پوندي آهي پوءِ جڏهن ٻانهو پنهنجي نيّت سچي ڪندو آهي تہ عرش لڏڻ لڳندو آهي، پوءِ ان ٻانهي کي بخشيو ويندو آهي.“ (تاريخ بغداد، الحديث 6926، ج 12، ص 444)

(6) حضرت سَيِّدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن

نيڪي جو ارادو ڪيو پوءِ ان کي نہ ڪري سگهيو تہ انهي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي.“ (صحيح مسلم، الحديث 130، ص 79)

(7) حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ سڀ کان افضل عمل، فرضن جو ادا ڪرڻ، اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ ۽ اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ نيّتن کي درست ڪرڻ آهي. (اتحاف السادة المتقين، ج 13، ص 19)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جهڙي نيّت تهڙي مُراد

حضرت سَيِّدُنا ابو ڪبشہ انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: ماڻهو چئن قسمن جا آهن، پهريون: اهو جنهن کي اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ مال ۽ علم عطا فرمايو جو اهو پرهيزگاري ۽ صلہ رحمي ڪري ٿو ۽ ان نعمت ۾ اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو حق ڄاڻي ٿو تہ اهو بهترين مرتبي ۽ منزل تي آهي. ٻيو اهو شخص جنهن کي اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ علم عطا فرمايو ۽ ان وٽ مال ناهي ۽ اهو نيّت ۾ سچو آهي ۽ چوندو آهي تہ جيڪڏهن مال هجي ها تہ فلاڻي وانگر عمل ڪيان ها تہ اهو پنهنجي نيّت سان گڏ آهي ۽ انهن ٻنهي جو اجر ۽ ثواب هڪ جيترو آهي. ٽيون اهو شخص، جنهن کي اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ مال عطا فرمايو ۽ علم عطا نہ فرمايو ۽ اهو پنهنجي مال کي بنا علم جي خرچ ڪري ٿو، پرهيزگاري نہ ٿو ڪري، نہ صلہ رحمي ڪري ٿو، اهو اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نعمت ۾ اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو حق نہ ٿو ڄاڻي تہ اهو بدترين مرتبي ۽ منزل تي آهي. چوٿون: اهو شخص، جنهن کي اَللّٰه عَزَّوَجَلَّ مال ۽ علم ناهي ڏنو ۽ اهو چوندو آهي تہ جيڪڏهن مون وٽ مال هجي

ها تہ مان فلاڻي وانگر عمل ڪيان ها تہ اهو پنهنجي نيّت سان گڏ آهي ۽ انهن ٻنهي جو گناهہ هڪ جيترو آهي.

(جامع الترمذي، الحديث 2332، ج 4، ص 146)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هڪ شخص پنهنجي سٺي نيّت جي سبب ٻنا ڪنهن خرچ ڪرڻ جي ثواب حاصل ڪيو، جڏهن تہ ٻيو ٻنا خرچ ڪرڻ جي حرام فعل جو مرتڪب ٿيو، فرق صرف سٺي ۽ بري نيّت جي ڪري ئي ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مار کائڻ، نيّت صالحہ ڪان وڌيڪ آسان آهي

حضرت نعيم بن حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَهَّاب فرمائن ٿا تہ اسان ڪي پنهنجي تي ڪوڙن سان مار کائڻ نيّت صالحہ ڪان وڌيڪ آسان آهي.

(تنبيه المغترين، ص 25)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جهاد جو ثواب

حضرت سَيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اسان غزوه تبوڪ ڪان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ واپس موٽياسين تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ اسان مديني مُنوّر ۾ اهڙا ماڻهو ڇڏي آيا آهيون، جو اسان جنهن جبل جي رستي ۽ وادي مان لنگهياسين پئي، اهي بہ اسان سان گڏ هئا ۽ عذر جي ڪري رڪجي ويا هئا. (صحيح البخاري، حديث 2839، ج 2، ص 265)

حڪيمُ الأُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان انهي حديث جي تحت لکن ٿا: مختلف جماعتن ۽ قبيلن جا مسلمان

اهي بہ هئا جيڪي ان غزوي ۾ وڃڻ لاءِ دل سان تمنا ڪري رهيا هئا پر ڪنهن سخت مجبوري جي ڪري نہ وڃي سگهيا. (اهي توهان سان گڏ هئا) اهڙي طرح انهن جا جسم مديني ۾ هئا پر دليون اوهان سان گڏ جهاد ۾ هيون. پڻ انهن جي نيّت، انهن جا ارادا اوهان سان گڏ هئا يا اهي اجر ۽ ثواب ۾ اوهان سان گڏ هئا، جيئن اوهان جي پنيان گهرن جي سار سنڀال ۽ اوهان جي ٻچن جي خدمت ڪندا رهن. اهڙي ريت اهي نفسِ ثواب ۾ اوهان سان شريڪ رهيا، جيتوڻيڪ جهاد ۾ اوهان انهن کان وڌي ويؤ. انهي سبب جي ڪري غنيمت ۾ انهن جو حصو نہ هوندو. انهي مان معلوم ٿيو تہ چڱي نيّت جو وڏو درجو آهي. اهڙي طرح ڪنهن جو نيڪي کان پوئتي رهجي وڃڻ تي افسوس ڪرڻ بہ ثواب آهي. (مرأة المناجيح، ج 5 ص 430/429)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خُلوصِ نيّت

حضرت سَيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار دِمشق ۾ مُقيم هئا ۽ حضرت سَيِّدُنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي ٺهرايل مسجد ۾ اعتڪاف ڪندا هئا. هڪ ڏينهن انهن جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ ڪو اهڙو سبب پيدا ٿئي جو مون کي انهي مسجد جو مُتَوَلِّي (يعني انتظام سنڀالڻ وارو) بڻايو وڃي. اهڙي ريت اوهان اعتڪاف ۾ اضافو ڪيو ۽ ايترا وڏيڪ نفل پڙهيا جو سمورو وقت اوهان نماز ۾ مشغول ڏٺا ويا، پر ڪنهن بہ اوهان ڏانهن ڌيان نہ ڏنو، هڪ سال اهڙي طرح گذري ويو. هڪ ڀيري اوهان مسجد کان ٻاهر نڪتا تہ غيب مان ندا آئي: ”اي مالڪ! توکي هاڻي توبهہ ڪرڻ

گهرجي.“ اهو ٻڌي اوهان کي پنهنجي خود غرض عبادت تي ڏاڍو سخت غم ۽ شرمندگي ٿي ۽ اوهان پنهنجي دل کي ريا کان صاف ڪري خلوصِ نيّت سان سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهيا.

صبح جي وقت مسجد جي دروازي تي ماڻهن جو هڪ ميڙ موجود هو ۽ ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته ”مسجد جو انتظام صحيح ناهي، تنهن ڪري انهي شخص کي مُتَوَلِّي بڻايو وڃي ۽ سيئي انتظامي معاملات انهي جي حوالي ڪيا وڃن.“ سيئي ماڻهو ان ڳالهه تي متفق ٿي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ آيا ۽ اوهان کي نماز جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ انهن اوهان کي عرض ڪيو ته ”اسان گڏجي متفق طور تي اهو فيصلو ڪيو آهي ته اوهان انهي مسجد جا مُتَوَلِّي ٿيو.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪرڻ لڳا: اي **الله**! مان هڪ سال تائين رياڪاري واري عبادت ۾ ان لاءِ مشغول رهيس ته جيئن مون کي مسجد جو مُتَوَلِّي بڻايو وڃي پر ائين نه ٿيو، هاڻي جڏهن ته مان سچي دل سان تنهنجي عبادت ۾ مشغول ٿيو آهيان ته سيئي ماڻهو مون کي مُتَوَلِّي بڻائڻ چاهين ٿا ۽ منهنجي مٿان اهو بار وجهڻ چاهين ٿا پر مون کي تنهنجي عظمت جو قسم! ”هاڻي نه مان مُتَوَلِّي ٿيندس ۽ نه مسجد کان ٻاهر نڪرندس.“ اهو چئي وري پاڻ عبادت ۾ مشغول ٿي ويا.

(تذڪرة الاولياء، ج 1، ص 48، 49)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عملن جي نيّت ڪندا ڪريو

روايت آهي ته هڪ طالب علم، علماءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: ”مون کي ڪو اهڙو عمل ٻڌايو، جنهن جي

www.dawateislami.net

ڪري مان هميشہ نيڪيون ڪندو رهان، ڇوتہ مون کي هي ڳالهہ پسند ناهي تہ رات ۽ ڏينهن ۾ مون تي ڪا اهڙي گهڙي اچي جو مان انهي ۾ ڪو نيڪ عمل نہ ڪري رهيو هجان.“ انهي کي جواب ڏنو ويو تہ ”جيتري قدر تي سگهي نيڪي ڪر، جڏهن تڪجي پوين تہ نيڪ عملن جي نيّت ڪر، ڇوتہ نيّت ڪرڻ وارو بہ نيڪ عمل ڪرڻ واري جي مثل آهي.“ (احياء علوم الدين، ج 5، ص 89)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (ڇهون علاج) عبادت دؤران شيطاني وسوسن کان بچو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اخلاص قبوليّت جي چاٻي آهي، تنهن ڪري جهڙي طرح نيڪ عمل کان پهريان دل ۾ اخلاص جو هئڻ اهم آهي، اهڙي طرح عبادت جي دؤران ان کي قائم رکڻ بہ ضروري آهي ڇوتہ شيطان لڳاتار اسان جي دل ۾ وسوسن وجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو آهي. حضرت فُضَيل بن عياض (عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰہِ الرَّزَّاق) فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي عملن ۾ ساحر (يعني جادوگر) کان وڌيڪ هوشيار نہ هوندو، اهو ريا ۾ ضرور ڦاسي پوندو. (تنبيہ المغترين، ص 23)

عبادت جي دؤران شيطاني وسوسن کان ڇوٽڪاري لاءِ ٽي شيون ضروري آهن: (1) ان وسوسي کي سڃاڻڻ، (2) ان کي ناپسند ڪرڻ ۽ (3) ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. مثال طور ڪنهن سنيون سنيون نيّتون ڪري تهجُّد جي نماز ادا ڪرڻ شروع ڪئي، هاڻي نماز دؤران شيطان دل ۾ رياڪاري جو وسوسو هن طرح سان وڌو: جڏهن ماڻهن کي منهنجي عبادت جي خبر پوندي تہ اهي مون کان ڏاڍا متاثر ٿيندا، هاڻي انهي وسوسي کي جلدي

www.dawateislami.net

سجاڻڻ تہ اهو شيطان جي طرفان آهي، ان نمازي لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. پوءِ ان کي ناپسند بہ ڪري تہ خالق عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ ڪيل عملن کان مخلوق کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي، پوءِ ان وسوسي کان پنهنجي توجهہ هٽائي ڇڏي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيتوڻيڪ اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي پر ناممڪن ناهي، شروع ۾ اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو محسوس ٿيندو آهي، پر جڏهن تڪلُّف ڪري هڪ عرصي تائين انهي تي صبر ڪري تہ **الله تعاليٰ** جي فضل و ڪرم ۽ حسنِ توفيق سان اهو ڪم سولو ٿي پوندو آهي. اهڙي طرح اسان جو ڪم ڪوشش ڪرڻ آهي ۽ ڪاميابي ڏيڻ واري ذات ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلّ جي آهي، **الله تعاليٰ** ارشاد فرمائي ٿو:

وَ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ۠ (۶۹)

(پ 21 العنڪبوت 69)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جن اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجي راهہ هلائيندا سين ۽ بيشڪ **الله** نيڪن سان گڏ آهي.

## ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ وسوسا ختم نہ ٿين تہ؟

جيڪڏهن اسان جي ناپسند ڪرڻ جي باوجود بہ اسان جو نفس، شيطان جي ڏيکاريل رستي تي هلي پوي تہ **الله تعاليٰ** جي رحمت مان اميد آهي تہ رياڪاري جو گناهہ اسان جي ذمي نہ لکيو ويندو. حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي ”اِحياءُ العُلُوم“ ۾ لکن ٿا:

جاڻڻ گهرجي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ٻانهن کي انهن جي طاقت جي مطابق ئي مُڪلّف بڻائيندو آهي ۽ انسان جي وس ۾ ناهي تہ هو

شيطاني وسوسن کي روڪي سگهي يا طبيعت کي ان حالت تي قائم رکي سگهي جو اها خواهشن ڏانهن مائل نہ ٿئي. انسان تہ اهوئي ڪري سگهي ٿو جو اهو خواهشن جو مقابلو ان ڪراهت سان ڪري جيڪا انجام جي معرفت، علم دين، **اللّٰه** عَزَّوَجَلّ ۽ آخرت تي ايمان آڻڻ جي ڪري ان کي حاصل ٿي هجي، جڏهن اهو ائين ڪندو تہ ان عمل جي ادائيگي ۾ گهٽي ڪوشش ڪئي ۽ اهو ان ڳالهہ جو مُڪلّف آهي، انهي ڳالهہ تي حديثون دلالت ڪن ٿيون. جيئن روايت آهي، حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِيْن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ شڪايت ڪندي عرض ڪيو تہ اسان جي دلين ۾ ڪي اهڙا خيال بہ ايندا آهن جو جيڪڏهن آسمان تان ڪِرئون ۽ اسان کي پکي ڪائي ڇڏين يا هوا اسان کي هڪ جاءِ تان ڪٽي ٻي جاءِ تي اڇلائي ڇڏي، تڏهن بہ اسان کي اها ڳالهہ، انهن خيالن کي زبان تي آڻڻ کان وڌيڪ پسند آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ ڇا اوهان انهن خيالن کي ناپسند ڪيو ٿا؟ انهن عرض ڪيو: جي ها. تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اهو تہ واضح ايمان آهي.“ (سنن ابي داوٗد، الحديث 5111، ج 4، ص 425) ۽ انهن جي دلين ۾ وسوسا ۽ وسوسن جي ناپسنديدگي جو هجڻ جي ڪري هي نہ ٿو چئي سگهجي تہ صريح ايمان مان اوهان وسوسا مراد ورتا تہ هاڻي صرف هڪ ڳالهہ رهجي وئي، يعني ان مان مراد، انهن وسوسن جي ڪراهت هئي، جيڪا انهن (وسوسن) سان گڏ هوندي هئي. ريا جيتوڻيڪ تمام وڏو گناهہ آهي پر **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي حق ۾ وسوسن

ڪان گهٽ آهي تہ جڏهن ناپسند ڪرڻ جي ڪري وڌو گناهہ ختم ٿي ويو تہ ريا جو نقصان بدرجہ اوليٰ ختم ٿيڻ گهرجي.
(احياء علوم الدين، ج 3، ص 385)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (ستون علاج) اڪيلا هجو يا پيين سان گڏ هڪجهڙو عمل ڪيو:

حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن ٻانهو علانيہ نماز پڙهي، تڏهن بہ سني ۽ خفيہ پڙهي تڏهن بہ سني، پوءِ اللّٰه تعاليٰ فرمائيندو آهي، اهو منهنجو سچو ٻانهو آهي.
(سنن ابن ماجہ، الحديث 4200، ج 4، ص 468)

حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان انهي حديث جي تحت لکن ٿا: يعني انهي ٻانهي ۾ رياڪاري نہ آهي اهو ٻانهو مخلص آهي جيڪڏهن رياڪار هجي ها تہ علانيہ نماز سهڻي نموني پڙهي ها ۽ خفيہ ۾ معمولي طرح سان، جڏهن اهو خفيہ ۾ بہ سهڻي نموني پڙهي ٿو تہ مُخلِص ئي آهي. (مرأة المناجيح، ج 7، ص 140)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اڪيلائي ۾ هجون يا اسلامي ڀائرن جي وچ ۾، وڌ مان وڌ ڪوشش ڪري ٻنهي جاين تي عمل ڪي برابري واري انداز ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. مثال طور جنهن خشوع ۽ خضوع سان ماڻهن جي سامهون پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، اهڙي انداز کي اڪيلائي ۾ بہ قائم رکون ۽ جهڙن ڪمن مان ماڻهن جي سامهون جهجهڪ محسوس ڪندا آهيون، اڪيلائي ۾ بہ اهي ڪم نہ ڪريون. شفيعُ الْمُذْنِبِيْن، اَنِيسُ الْغَرِيْبِيْن، سِراجُ السَّالِڪين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان

آهي: ”جيڪي ڪم ماڻهن جي سامهون ڪرڻ ناپسند سمجهندا آهيو، اهي اڪيلائي ۾ به نه ڪندا ڪريو.“ (الجامع الصغير، الحديث 7973 ج 2 ص 487)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (اٺون علاج) نيڪيون لڪايو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته جيسيتائين ٿي سگهي پنهنجي نيڪين کي اهڙي طرح لڪايون جهڙي طرح پنهنجي گناهن کي لڪائيندا آهيون ۽ ان تي قناعت ڪريون ته الله تعاليٰ اسان جي نيڪي کي ڄاڻي ٿو. خاص طور تي لڪل نيڪي ڪرڻ کان پوءِ نفس جي سٺي نموني نگراني ڪريو، ڇوته ٿي سگهي ٿو ته نفس ۾ انهي عبادت کي ظاهر ڪرڻ جو حِرص پيدا ٿئي ۽ هيئن چوي ته تنهنجي ان عظيم عمل جي ماڻهن کي خبر پئجي وئي ته اهي به عبادتن ۾ مشغول ٿي ويندا ته پوءِ تون پنهنجي عمل کي لڪائڻ لاءِ ڪيئن راضي ٿي وئين؟ اهڙي طرح ته ماڻهن کي تنهنجي مرتبي ۽ مقام جي خبر نه پوندي، اهڙي طرح اهي تنهنجي مقام ۽ مرتبي جو انڪار ڪندا ۽ تنهنجي پيروي کان محروم رهجي ويندا، ته پوءِ تون ماڻهن جو مقتديٰ (پيشوا) ڪئين ٿيندين؟ نيڪي جي دعوت ڪيئن عام ٿيندي؟ وغيره. اهڙي صورت ۾ الله تعاليٰ کان ثابت قدمي جي دُعا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي وڏي عمل جي پيٺ ۾ آخرت جي تمام وڏي ملڪيت يعني جنّت جي نعمتن کي ياد ڪجي جيڪي هميشه رهڻ واريون آهن. جيڪو شخص الله تعاليٰ جي عبادت جي ذريعي، ان جي ٻانهن کان اجر جو خواهشمند هوندو آهي، ان تي الله تعاليٰ جو غضب نازل ٿيندو آهي ۽ هي به ٿي سگهي ٿو ته ٻين جي

سامهون عمل کي ظاهر ڪرڻ جي ڪري، اهو انهن جي آڏو تہ پسنديده ٿي پوي پر **اللّٰه** تعاليٰ جي آڏو ان جو مقام ڪري پوي! ائين منهنجو عمل برباد ٿي ويندو. پوءِ نفس کي اهڙي نموني سمجھائي تہ مان کهڙي طرح ان عمل کي ماڻهن جي تعريف جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏيان! اهي تہ پاڻ عاجز آهن، نہ اهي مون کي روزي ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ ئي موت ۽ زندگي جا مالڪ آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان مضبوط مخلوق

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحر و برّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ زمين کي پيدا فرمايو تہ اها ڏڪڻ لڳي. پوءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جبلن کي پيدا فرمائي، انهن کي زمين لاءِ ميخون بڻائي ڇڏيون. ملائڪ پاڻ ۾ چوڻ لڳا شايد **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جبلن کان زياده سخت ڪا شيءِ پيدا ناهي ڪئي. پوءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ لوهہ کي پيدا فرمايو، ان جبلن کي ڪٽي ڇڏيو. پوءِ باهہ پيدا فرمايائين، ان لوهہ کي پگهاري ڇڏيو. پوءِ **اللّٰه** تعاليٰ پاڻي کي حڪم ڪيو تہ ان باهہ کي وسائي ڇڏيو. پوءِ هوا کي حڪم ڪيائين ان پاڻي کي ميرو ڪري ڇڏيو. هاڻي ملائڪن ۾ اختلاف ٿيو تہ سيني کان وڌيڪ مضبوط ڪهڙي شيءِ آهي؟ پوءِ ان سلسلي ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان پڇيو ويو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: مون انسان جي دل کان وڌيڪ مضبوط ڪنهن شيءِ کي پيدا ناهي ڪيو. جنهن وقت اهو ساڄي هٿ سان صدقو ڪندي کاٻي هٿ کان بہ ان کي لڪائيندو آهي، تنهن ڪري اهو منهنجي مخلوق ۾ سڀ

ڪان وڏيڪ مضبوط آهي. (جامع الترمذي، الحديث 3380، ج 5، ص 242 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لڪل عمل افضل آهي

حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ظاهري عملن جي ڀيٽ ۾ پوشيده عمل ستر ڀيرا وڏيڪ افضل آهي. (ڪنزالعمَّال، الحديث 1925، ج 1، ص 227 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو فرمان

حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪنهن کي روزو هجي ته اهو پنهنجي مٿي ۽ ڏاڙهي تي تيل هڻي ۽ چپن تي به هٿ ڦيرائي ڇڏي ته جيئن ماڻهن کي خبر نه پوي ته اهو ڪو روزيدار آهي ۽ جڏهن ساڄي هٿ سان ڏئي ته کابي هٿ کي خبر نه پوي ۽ جڏهن نماز پڙهي ته پنهنجي دروازي تي پڙدو لڙڪائي ڇڏي. اللّٰه تعاليٰ ثنا (يعني تعريف) به اهڙي ريت ورهائيندو آهي جهڙي طرح رزق ورهائيندو آهي.

(احياء علوم الدين، ج 3، ص 361)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلاف جا قول

(1) حضرت سَيِّدُنا سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ته مان جيتري قدر پنهنجا عملَ ظاهر ڪري ڪيا آهن، انهن کي مان نه هجڻ جي برابر سمجهان ٿو ڇوته جڏهن ماڻهو ڏسي رهيا هوندا، ان وقت اخلاص جو باقي رهڻ اسان جهڙن جي وس ڪان

باھر آھي. (تنبيہ المغترين، ص 26)

(2) حضرت سَيِّدُنا بشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡكَافِي فرمائن ٿا تہ اسان جھڙن جي لاءِ ھي بہ مناسب ناھي تہ پنھنجي خالص عملن مان ڪجھ ظاھر ڪريون، تہ انھن عملن جي ڇا حالت ھوندي، جنھن ۾ صريح ريا داخل ٿي چڪو آھي، ان ڪري اسان جھڙن لاءِ تہ عملن کي لڪائڻ ئي مناسب آھي. (تنبيہ المغترين، ص 29)

(3) حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عياض رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائيندا ھئا عمل ۽ علم اھوئي بھتر آھي جيڪو ماڻھن کان لڪل ھجي. (تنبيہ المغترين، ص 29)

(4) حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: مون ڪن ماڻھن جي صحبت اختيار ڪئي، جن جي دلين تي حڪمت جون اھڙيون ڳالھيون وارد ٿينديون ھيون، جيڪڏھن اھي انھن کي بيان ڪن ھا تہ انھن کي ۽ انھن جي ساٿين کي اھي فائدو ڏين ھا. پر انھن شھرت جي ڊپ کان انھن ڳالھين کي ظاھر نہ ڪيو ۽ انھن مان ڪو ھڪ رستي ۾ تڪليف ڏيڻ واري شيء ڏسندو ھو تہ اھو ان کي صرف ان لاءِ نہ ھٽائيندو ھو تہ جيئن شھرت نہ ٿئي. (احياء علوم الدّين، ج 3، ص 364)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حڪايت

حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالِى لکن ٿا: ڪنھن زماني ۾ بصره جي ھر گھٽي مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۽ تلاوت قرآن پاڪ جو آواز ايندو ھو ۽ اھڙي طرح ماڻھن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۽ تلاوت قرآن پاڪ جي ترغيب ملندي

هئي. اتفاق سان ان زماني ۾ ڪنهن عالم، ريا جي نازڪ مسئلن بابت هڪ رسالو لکيو (ان رسالي جي ڇڏهن اشاعت ٿي) ته سيني ماڻهن ذڪر ۽ تلاوت جهري (يعني ڏاڍي آواز سان ذڪر ۽ تلاوت ڪرڻ) ڇڏي ڏني. ڪيترن ماڻهن چيو: ڪاش! عالم سڳورو اهو رسالو نه لکي ها. (ڪيمياءِ سعادت، ج 2، ص 692)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزي جي باري ۾ نه پڇو

حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا ته پنهنجي ياءُ کان روزي جي بابت نه پڇيو، ڇوته جيڪڏهن اهو چوندو ته مان روزيدار آهيان ته ان جو نفس خوش ٿيندو ۽ جيڪڏهن چوي ته مان روزيدار نه آهيان ته ان جو نفس غمگين ٿيندو، ۽ اهي ٻئي ريا جي علامتن مان آهن. (تنبيه المغترين، ص 24)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پڇڻ تي روزيدار پنهنجي روزي جي باري ۾ ٻڌائي

حضرت سَيِّدُنا ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ڪنهن کي ڪو دعوت ڏئي ته ان کي گهرجي ته اهو قبول ڪري ۽ جيڪڏهن روزيدار آهي ته ان جي لاءِ دعا ڪري.“

(جامع الترمذي، رقم 780، ج 2، ص 203)

مسلم شريف جي هڪ روايت ۾ آهي ته ”جڏهن ڪنهن کي دعوت ڏني وڃي ۽ اهو روزيدار هجي ته ان کي گهرجي ته چوي، مان روزيدار آهيان.“ (صحيح مسلم، الحديث 1150، ص 579)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: يا اهڙي طرح دعوت قبول ئي نہ ڪري يا هن طرح سان تہ قبول ڪري ۽ حاضر بہ ٿئي، پر اتي ڪائي نہ، اهو عذر بيان ڪري. خيال رهي نفلي روزي جو لڪائڻ بهتر آهي پر جڏهن تہ اتي روزي لڪائڻ سان ميزبان جي دل ۾ عداوت، ڏک ۽ غم پيدا ٿيندو، مسلمان جي دل خوش ڪرڻ بہ عبادت آهي، انهي لاءِ روزي جي اظهار جو حڪم ڏنو ويو. (مرأة المناجيح، ج 3، ص 198)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدترين رياڪاري

حضرت سَيِّدُنا فضيل بن عياض عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ التَّوَّاب فرمائن ٿا: اسان پهريان تہ ماڻهن کي هن حالت ۾ ڏٺو جو اهي انهن نيڪين ۾ ريا ڪندا هئا جيڪي اهي ڪندا هئا ۽ هاڻي ماڻهن جي اها حالت آهي جو اهي انهن ڳالهين ۾ ريا ڪن ٿا، جيڪي اهي نہ ٿا ڪن.
(تنبيہ المغترين 25)

يعني پهريان ماڻهو مخلوق کي راضي ڪرڻ جي لاءِ نيڪ ڪم ڪندا هئا ۽ هاڻي نيڪ ڪم بہ نہ ٿا ڪن بلڪ نيڪن جهڙي صورت بڻائي، ان ڳالهہ جو يقين ڏيارڻ چاهين ٿا تہ اهي نيڪ ڪم ڪندا آهن، ان ڪري اهي اڳوڻن رياڪارن کان بہ وڌيڪ برا آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مڪي مدني سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سني ۽ بري ساٿي جو مثال، مشڪ کڻڻ واري ۽ بني ڌُڪائڻ واري جي مثل آهي، ڪستوري کڻڻ وارو اوهان کي تحفو ڏيندو يا اوهان ان کان خريد ڪندؤ يا اوهان کي ان کان

عمدي خوشبو ايندي، جڏهن تہ بني ڏُڪائڻ وارو يا اوهان جا ڪپڙا ساڙيندو يا اوهان کي ان مان ناپسند بو ايندي.“

(صحيح المسلم، الحديث 2628، ص 1116)

چنگے بندے دی صحبت یارو جیویں دکان عطاراں — سودا بھاویں مل نہ لیے حُلے آن ہزاراں
بُرے بندے دی صحبت یارو جیویں دکان لوہاراں — کپڑے بھاویں کُنج بیے چنگاں پین ہزاراں

(يعني نيڪ شخص جي صحبت عطّار جي دوڪان وانگر آهي، جتان ماڻهو ڪجهہ نہ بہ خريد ڪري تڏهن بہ ان کي خوشبو تہ ايندي ئي آهي ۽ بُري شخص جي صحبت لوهار جي دوڪان جي مثل آهي جتي پنهنجي ڪپڙن کي ڪيترو بہ سميٽي رکبو، چڻگاريون انهي تائين پهچي ئي وينديون آهن.)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي! هر صحبت پنهنجو اثر رکي ٿي، مثال طور اوهان جي ملاقات ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ٿي، جنهن جي اکيون پنهنجي ڪنهن مائٽ جي موت جي سبب سان آليون هجن، اهو غمگين هجي ۽ ان جي لهجي مان اداسي محسوس ٿي رهي هجي تہ ان جي اها حالت ڏسي ٿوري دير لاءِ اوهان بہ غمگين ٿي ويندؤ ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ويهڻ جو اتفاق ٿيو هجي، جنهن جو چهرو ڪنهن ڪاميابي جي خوشي سان چمڪي رهيو هجي، ان جي چپن تي مسڪراهٽ هجي ۽ ان جي ڳالهين مان خوشي جو اظهار ٿي رهيو هجي تہ هرويرو اوهان بہ ٿورو وقت ان جي خوشي ۾ شريڪ ٿيندؤ.

بالڪل اهڙي نموني جيڪڏهن ڪو شخص اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪندو، جيڪي آخرت جي فڪر کان بالڪل غافل رهندا هجن ۽ گناهن ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي جهجهڪ محسوس نہ ڪندا هجن تہ غالب گمان آهي تہ اهو بہ تمام جلدي

انهن جهڙو تي ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪندو، جن جون دليون فڪرِ مدينہ سان سرشار هجن، اهي ڏينهن رات پنهنجي اُخروي ڪاميابي جي لاءِ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف رهن، انهن جون اکيون اللّٰه تعاليٰ جي خوف کان روئنديون هجن تہ يقيني طرح سان اهي ڪيفيتون، ان شخص جي دل تي بہ وارد ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوت اسلامي جو مدني ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ مدني صحبت اختيار ڪرڻ لاءِ اوهان کي پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي سان وابستہ ٿيڻ جي برڪت سان اعليٰ اخلاقي اوصاف، غير محسوس طرح سان ڪردار جو حصو بڻجندا ويندا. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ اهو پنهنجي شهر ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ راهِ خدا ۾ سفر ڪندڙ عاشقان رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري. انهن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گذريل زندگي تي غور ۽ فڪر جو موقعو ملندو ۽ آخرت جي ڀلائي لاءِ دل بيقرار ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گناهہ ڪرڻ تي پشيماني محسوس ٿيندي ۽ توبهہ جي توفيق ملندي. عاشقان رسول جي مدني قافلن ۾ لڳاتار سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ زبان تي بيهوده ۽ فضول ڳالهائڻ جي بدران درود پاڪ جاري ٿي ويندو. اها تلاوت قرآن،

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ نعت رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عادي بڻجي پوندي. غصي جي عادت ختم ٿي ويندي ۽ ان جي جاءِ تي نرمي اچي ويندي. بي صبري جي عادت ختم ٿي، صابر ۽ شاڪر ٿي رهڻ نصيب ٿيندو. تڪبر مان جان ڇٽي پوندي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو. دنيا جي مال ۽ دولت جي لالچ دل مان نڪري ويندي ۽ نيڪين جو حرص حاصل ٿيندو. مطلب تہ هر پيري راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ. اسلامي ڀينرن کي بہ گهرجي تہ پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪن.

## الحمد لله عَزَّوَجَلَّ مان بدلجي ويس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شاليمار ٽائون (مرڪز الاولياء لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح سان آهي: مان ڏاڍو بگڙيل انسان هئس، فلمن، ڊرامن ڏسڻ سان گڏوگڏ جوان ڇوڪرين کي تنگ ڪرڻ، واهيات نوجوانن سان دوستي، اڌي رات تائين آواره گهمڻ وغيره منهنجو دستور هوندو هو. منهنجي برن ڪمن جي ڪري گهر وارا بہ لهرائيندا هئا، منهنجي گهر ۾ اچڻ تي گهبرائيندا هئا ۽ پنهنجي اولاد کي منهنجي صحبت کان بچائيندا هئا. منهنجي گناهن ڀري زندگي جي شام، صبح بهاران ۾ هن طرح سان تبديل ٿي جو هڪ دعوت اسلامي واري عاشق رسول جي مون تي محبت ڀري نگاهه پئجي وئي، ان وڏي شفقت سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب

ڏياري. ان جي ڳالھ منھنجي دل تي اثر ڪيو ۽ مون مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدني قافلن ۾ عاشقان رسول جي صحبتن مون گنھگار، بدڪار جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. گناھن کان توبھ جو تحفو ۽ سنّتن ڀريي مدني لباس پائڻ جو جذبو مليو. مٿي تي سبز عمامو سجايو ۽ مون جھڙو گنھگار اَبُوالْفُضُول سنّتن جي مدني ڪم ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو، جيڪي عزيز ۽ مائٽ ڏسي لھرائيندا ھئا اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ھاڻي اھي پاڪر پائي ملندا آھن، پھريان مان خاندان ۾ ڏاڍو برو ھئس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني قافلي جي برڪت سان ھاڻي انھن لاءِ ڏاڍو پيارو ٿي ويو آھيان.

جب تک بکے نہ تھے کوئی پوچھتا نہ تھا
تُو نے خرید کر مجھے انمول کردیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(فيضان سنّت، ج 1، ص 1018)

## مدني انعامات

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شيخ طريقت، امير اھلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ھن پُرفتن دؤر ۾ آساني سان نيڪين ڪرڻ ۽ گناھن کان بچڻ جي طريقي ڪار تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو ”مدني انعامات“ سوالن جي صورت ۾ عطا فرمايو آھي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن لاءِ 63، ۽ علم دين جي طالبن لاءِ 92، ديني طالبات (ڀينرن) لاءِ 83، مدني مُنّن ۽ مُنّين لاءِ

40 ۾ خصوصي اسلامي ڀائرن لاءِ 27 مدني انعامات آهن. ڪيترائي اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ طلباء مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو سمهڻ کان پهريان ”فڪر مدينہ“ يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺي، مدني انعامن جي پاڪٽ سائز رسالي ۾ ڏنل خانا پريندا آهن. انهن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ کان پوءِ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان نفرت جو جذبو ملندو ۽ انهي جي برڪت سان سنّت جو پابند بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذهن بہ بڻجندو.

اسان ڪي گهرجي تہ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريون ۽ روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪندي ان ۾ ڏنل خانا پريون ۽ هر مدني يعني قمري مهيني جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جي عادت بڻايون.

## مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ بشارتِ عُظميٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات جي رسالي پرڻ وارا ڪيڏا نہ خوش قسمت هوندا آهن، انهي جو اندازو هن مدني بهار مان لڳائي سگهجي ٿو. حيدرآباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان ڪجهه هن ريت آهي: مهيني رجبُ المُرَجَّب 1426هه جي هڪ رات مون ڪي خواب ۾ مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جي عظيم سعادت نصيب ٿي. مبارڪ چپن ۾ جنبش

www.dawateislami.net

تي ۽ رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا، لفظن ھن طرح سان ترتيب ورتي:
جيڪو ھن مھيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي بابت
فڪرِ مدينہ ڪندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي بخشش فرمائيندو.

مَدَنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے

قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

(فيضان سنّت، ج 1، ص 1056)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (ڏھون علاج) اوراد ۽ وظيفن جو معمول بڻايو:

پيارا اسلامي ڀائرو! رياڪاري کان بچڻ جي لاءِ ذڪر ڪيل
ڳالھين سان گڏوگڏ روحاني علاج بہ ڪيو. مثال طور

(1) جڏھن بہ رياڪاري جو خيال اچي تہ ”اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم“ ھڪ
ڀيرو پڙھڻ کان پوءِ کابي ڪلھي پاسي ٿي ڀيرا ٿُو ٿُو ڪريو.

(2) روزانو ڏھ ڀيرا ”اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم“ پڙھڻ واري جي لاءِ
شيطان کان حفاظت ڪرڻ جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ھڪ ملائڪ مقرّر ڪندو
آھي. (مسند ابي يعليٰ، الحديث 4100، ج 3، ص 400، ملخصًا)

(3) سورهءِ اخلاص يارھن ڀيرا صبح (آڌي رات لڙڻ کان وٺي سج
جي ڀرين ڪرٽي نڪرڻ تائين صبح آھي) پڙھڻ واري تي جيڪڏھن
شيطان لشڪر سميت ڪوشش ڪري تڏھن بہ ان کان گناھ نہ
ڪرائي سگھندو جيستائين جو اھو پاڻ نہ ڪري.

(الوظيفة الكريمة، ص 18)

(4) سورةُ النَّاس پڙھڻ سان بہ وسوسا ختم ٿيندا آھن.

(5) جيڪو صبح شام ايڪيھ ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شيطاني وسوسن ڪان ڪافي حد تائين امن ۾ رهندو. (مراٰۃ المناجيح، ج 1، ص 87)

(6) هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَبِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ پڙهڻ سان جلدي وسوسو ختم ٿي ويندو آهي.

(7) سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْخَلَّاقِ ط اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ط وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللهِ بِعَزِيْزٍo جي ڪثرت انهن کي (يعني وسوسن کي) پاڙان پٽي ڇڏيندي آهي. (فتاويٰ رضويه، ج 1، ص 770)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علاج جي باوجود فرق نه پوي ته؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن گهڻي علاج ڪان پوءِ به فرق نه پوي ته گهبرايو نه بلڪ علاج ڪندا رهو جو ”دل کي به آرام ملي ويندو.“ جوته اسان جيڪڏهن علاج ڇڏي ڏنو ته ڄڻ پنهنجو پاڻ کي مڪمل طرح سان شيطان جي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪو اسان کي برباد ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته رياڪاري کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي (اَلْمُتَوَفّٰي 505ھ) اسان جهڙن کي سمجهائيندي لکن ٿا: ”جيڪڏهن اوهان محسوس ڪريو ته شيطان، الله عَزَّوَجَلَّ کان پناهه گهرڻ جي باوجود اوهان کي نه ٿو ڇڏي ۽ غالب اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ان جو مطلب هي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي مجاهدي، اسان جي طاقت ۽ صبر جو امتحان وٺڻ چاهي ٿو يعني الله تعاليٰ آزمائي ٿو ته اوهان شيطان سان مقابلو ۽ جنگ ڪيو ٿا يا ان کان مغلوب ٿي وڃو.“

(منهاج العابدين، ص 46 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڪلام جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن وقت تائين مطالعي مان اسان کي معلوم ٿيو ته:

☆ رياڪاري يقيناً هڪ بري عادت ۽ نهايت ئي بري باطني بيماري آهي.
☆ اها حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي
☆ قرآن پاڪ ۽ حديثن ۾ انهي جي سخت برائي بيان ڪئي وئي آهي.
☆ رياڪارن کي جهنم جي ان وادي ۾ وڌو ويندو، جنهن کان جهنم به پناهه گهري ٿو.
☆ رياڪاري ۽ ان جو علاج سکڻ فرض علوم مان آهي.
☆ رياڪاري مان مراد هي آهي ته "ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان سواءِ ڪنهن ٻي نيّت يا ارادي سان عبادت ڪري."
☆ ڪنهن کي رياڪار چوڻ جائز نه آهي ڇوته اهو دل جو معاملو آهي.
☆ رياڪاري ڪڏهن زبان ۽ ڪڏهن فعل جي ذريعي ٿيندي آهي.
☆ ممڪن طور تي ٽن شين ۾ رياڪاري ٿي سگهي ٿي: (1) ايمان ۾ (2) دنياوي معاملن ۾ (3) عبادتن ۾
☆ عبادتن ۾ ٻن قسمن جي رياڪاري ٿي سگهي ٿي: (1) ادائيگي ۾ رياڪاري ۽ (2) اوصاف ۾ رياڪاري. عبادتن ۾ ڪيو ويندڙ ريا ڪڏهن خالص ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن مخلوط (يعني ملاوٽ وارو)
☆ اسان کي گهرجي ته عبادت کان پهريان، عبادت دؤران ۽ ان کان پوءِ پنهنجي نيّت جي حفاظت ڪريون.
☆ نيڪين جو اظهار ڪرڻ ڪجهه صورتن ۾ جائز آهي پر لڪائڻ بهتر آهي.

☆ ريا جو هڪ قسم رياءِ خفي بہ آهي، جنهن کان بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ توفيق ڏئي.

☆ جيڪڏهن ڪنهن جي نيڪ عمل تي، ان جي تعريف ڪئي وڃي تہ ان جو خوش ٿيڻ فطري ڳالهہ آهي. پر ياد رکو، پنهنجي تعريف تي خوش ٿيڻ جون بہ ڪجهہ صورتون آهن، جهڙي طرح خوشي ڪڏهن محمود ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن مذموم.

☆ گناهن کان بچڻ ۾ بہ رياڪاري ممڪن آهي ڇوتہ گناهہ کان بچڻ بہ نيڪي آهي.

☆ رياڪاري جي ڊپ کان نيڪ عمل ڇڏڻ عقلمندي ناهي ڇوتہ ائين ڪرڻ سان اخلاص ۽ نيڪي، ٻنهي جي ثواب کان محروم ٿي وينداؤ.

☆ رياڪاري جو صرف دل ۾ خيال اچڻ ۽ طبيعت جو ان طرف مائل ٿيڻ نقصان ڏيندڙ ناهي ڇو جو شيطان تہ هر انسان تي مسلّط آهي، اهو انسان جي وس ۾ نہ آهي جو اهو شيطاني وسوسن کي دل ۾ داخل ئي ٿيڻ نہ ڏئي.

☆ رياڪار جو ٽي علامتون آهن: (1) اڪيلائي ۾ پنهنجي عمل ۾ سستي ڪري ۽ ماڻهن جي سامهون چُستي ڏيکاري، (2) ان جي تعريف ڪئي وڃي تہ عمل ۾ اضافو ڪري ۽ (3) جيڪڏهن ملامت ڪئي وڃي تہ عمل ۾ گهٽتائي ڪري.

☆ جيڪڏهن اهي علامتون اسان ۾ موجود هجن تہ جلد از جلد توبهہ ڪرڻ گهرجي ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪجن، ڪٿي توبهہ کان پهريان موت نہ اچي وڃي ۽ اسان رياڪاري جي اخروي نقصان ۾ نہ پئجي وڃون.

☆ رياڪاري کان بچڻ ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي.

www.dawateislami.net

☆ رياڪاري جي بيماري کان شفا حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل ڏهه علاج ڏاڍا فائديمند آهن.

(پهريون علاج) اللّٰه تعاليٰ کان مدد طلب ڪيو (ٻيون علاج) رياڪاري جا نقصان پيش نظر رکڻ گهرجن (ٽيون علاج) سببن جو خاتمو ڪريو (چوٿون علاج) اخلاص اختيار ڪريو (پنجون علاج) نيّت جي حفاظت ڪريو (ڇهون علاج) عبادت دوران شيطاني وسوسن کان بچو (ستون علاج) اڪيلائي هجي يا هجوم برابر عمل ڪيو (اٺون علاج) نيڪيون لڪايو (نائون علاج) سٺي صحبت اختيار ڪريو (ڏهون علاج) اوراد ۽ وظيفن جو معمول بڻايو

☆ تفصيل ياد رکڻ لاءِ هن ڪتاب جو ٻيهر مطالعو ڪريو.

## ”ميرا هر عمل بس ترے واسطے هو“ جي ايڪيهن

## اڪرن جي نسبت سان 21 حڪايتون

### (1) اخلاص جو انعام

تاجدار رسالت، شهنشاهه نبوّت، مخزن جود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت، محبوب ربُّ العزّت، مُحسن انسانيّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عظمت نشان آهي: گذريل زماني ۾ ٽي ماڻهو ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، رات گذارڻ لاءِ انهن ڪي هڪ غار جو سهارو ورتو پيو. اهي غار ۾ داخل ٿيا ته جبل تان هڪ وڏي ڇپ اچي غار جي منهن تي پئي، جنهن جي ڪري غار جو منهن بند ٿي ويو. انهن پاڻ ۾ طئي ڪيو ته انهي ڇپ کان نجات جو هڪ ئي طريقو آهي جو اسان پنهنجن نيڪ عملن جو وسيلو اللّٰه تعاليٰ جي بارگاهه ۾ پيش ڪري دعا گهرؤن.

انهن مان هڪ عرض ڪيو: ”ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! منهنجا ماءُ پيءُ پوڙها ٿي چڪا هئا، مان انهن کان پهريان پنهنجي ٻچن ۽ خادمن کي کير نہ ڏيندو هئس. هڪ ڏينهن مان ڪاٺين جي ڳولا ۾ پري هليو ويس، جڏهن واپس آيس تہ ڏٺو والدين سمهي پيا آهن، مان انهن لاءِ کير کڻي آيس پر انهن کي جاڳائڻ مناسب نہ سمجهيو، ۽ نہ انهن کان پهريان اهل ۽ عيال کي کير پيارڻ پسند ڪيو. ٻار مون کي کير لاءِ روئندا رهيا پر مان سڄي رات کير جو پيالو ڪنيو بيٺو هيس، ايستائين جو صبح ٿي وئي، پوءِ منهنجي والدين کير پيتو. اي اللهعَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن مون اهو عمل تنهنجي رضا لاءِ ڪيو هو تہ تون اسان کان انهي ڇپ واري مصيبت کي پري فرما.“ ڇپ ٿوري سِرڪي پر اهي اجا بہ ٻاهر نہ پئي نڪري سگهيا.

ٻئي عرض ڪيو: ”يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجي سؤٽ سان محبّت هئي، مون ان سان بري خواهش جو اظهار ڪيو پر ان انڪار ڪيو، ايستائين جو اها ڏڪار جي ڪري مون وٽ آئي، مون ان کي 100 دينار ان شرط تي ڏنا تہ اها مون سان اڪيلائي ۾ ملندي، اها راضي ٿي وئي. جڏهن اسان اڪيلائي ۾ وياسين تہ ان چيو: ”الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ اهو گناهہ نہ ڪر.“ اهو ٻڌي مان ان گناهہ کان رڪجي ويس ۽ اهي دينار بہ ان کي ڏئي ڇڏيا. اي الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن منهنجو اهو عمل صرف تنهنجي رضا لاءِ هو تہ اسان کان اها مصيبت ختم ڪر.“ ڇپ وڌيڪ سِرڪي پر اجا بہ ٻاهر نڪرڻ ممڪن نہ هو.

ٽئين عرض ڪيو: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهہ ماڻهن کي مزدوري تي لڳايو، پوءِ هڪ کان سواءِ سڀئي پنهنجي مزدوري

وٺي هليا ويا، مون ان جي مزدوري جو ڪاروبار ڪيو، ايسيتائين جو ان جو مال گهڻو وڌي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ اهو مون وٽ آيو ۽ پنهنجي مزدوري گهريائين، مون چيو ته ”اهي جيترا اُٺ، ڳئون، ٻڪريون ۽ غلامَ وغيره ڏسي رهيو آهين، اهي سڀئي تنهنجا آهن.“ ان چيو: اوهان مون سان مذاق ڪيو ٿا؟ مون چيو: نه، مان مذاق ناهيان ڪري رهيو (بلڪ اها حقيقت آهي). اهو ٻڌي اهو سمورو مال ڪاهي هليو ويو ۽ ان مان ڪجهه نه ڇڏيائين. اي الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن منهنجو اهو عمل صرف تنهنجي رضا لاءِ هو ته تون اسان کي انهي پريشاني کان نجات عطا فرما. انهي جي دُعا سان گڏ ئي ڇپ هٽي وئي ۽ اهي پنهنجي منزل طرف روانه ٿي ويا. (صحيح مسلم، الحديث 2743، ص 1465)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان غار ۾ بند ٿيڻ وارن کي اخلاص سان ڪيل نيڪ عملن جون ڪيڏيون برڪتون نصيب ٿيون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) پنهنجي نيّت کي حاضر نه ٿو سمجهان

حضرت سَيِّدُنا علي بن حسن رَحۡمَةُ اللهِ تعالٰي عَلَيۡهِمَا فرمائن ٿا: عبدالملڪ بن مروان هڪ شخص کي حاڪم بڻائي مديني مُنوَّره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا موڪليو ته جيئن اهو بيعت وغيره جو سلسلو ڪري ۽ انتظامَ سنڀالي. اهڙي طرح مان حضرت سيِّدُنا سالم بن عبدالله، حضرت سَيِّدُنا قاسم بن محمد ۽ حضرت سَيِّدُنا ابو سلمه بن عبدالرحمٰن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تعالٰي عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين وٽ ويس ۽ انهن کي چيو: اچو سڀئي گڏجي پنهنجي شهر جي نئين حاڪم وٽ هلون ته جيئن ان

سان ملاقات ڪريون ۽ ان ڪي اعتماد ۾ وٺون. اهڙي طرح اسان ان حاڪم وٽ وياسين ۽ سلام ڪيوسين، ان اسان ڪي پنهنجي ويجهو گهرايو ۽ چوڻ لڳو: ”اوهان مان سعيد بن مُسيّب (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) ڪهڙو آهي؟“ حضرت سَيِّدُنا قاسم بن محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ڏنو: ”سعيد بن مسيّب (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) حاڪمن سان واسطو ناهن رکندا، انهن مسجد ۾ رهڻ کي لازم ڪري ڇڏيو آهي، اهي سڄو وقت **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ عبادت ۾ مشغول رهندا آهن، دنيادارن سان انهن ڪي ڪو غرض ناهي هوندو، اهي حاڪمن جي درٻارن ۾ وڃڻ پسند ناهن ڪندا.“

ان حاڪم چيو: ”اوهان ان ڪي مون وٽ اچڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ ان ڪي مون وٽ لازمي وٺي اچو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن اهي نه آيا ته مان انهن کي ضرور قتل ڪندس.“ ان حاڪم ٽي ڀيرا قسم کڻي، انهن لفظن سان قتل جي ڌمڪي ڏني. حضرت سَيِّدُنا قاسم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته ان ظالم حڪمران جي اها ڌمڪي ٻڌي، اسان ڏاڍا پريشان ٿياسين ۽ واپس موٽي آياسين. مان سڌو مسجد ويجي، حضرت سَيِّدُنا سعيد بن مسيّب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ پهتس. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ٿنڀ سان ٽيڪ لڳايو ويٺا هئا. مون انهن ڪي سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ عرض ڪيو: ”حضور! منهنجي ته هي صلاح آهي جو پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عمري ڪرڻ لاءِ هليا وڃو ۽ ٿورو وقت مڪي شريف ۾ رهو ته جيئن پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان شرير حاڪم کان غائب رهو ۽ معاملو ختم ٿي وڃي.“

پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جواب ڏيندي ارشاد فرمايو: ”مان انهي عمل ۾ پنهنجي نيّت ڪي حاضر نه ٿو لهان ۽ مون وٽ سڀ کان وڌو

پسنديده عمل اهو آهي جيڪو خلوصِ نيّت سان هجي ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هجي.“ (عيون الحكايات، ص 258)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) لاڳيتو چاليهن سالن تائين روزا

حضرت سَيِّدُنا داوُد طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لاڳيتو چاليهن سالن تائين روزا رکندا رهيا پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اخلاص جو اهو عالم هو جو پنهنجي گهر وارن کي به خبر پوڻ نه ڏنائون. ڪم تي ويندي منجهند جي ماني پاڻ سان گڏ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، مغرب کان پوءِ گهر اچي ماني کائيندا هئا.

(فيضان سنّت، ج 1، ص 1334 بحوالہ معدن اخلاق حصہ اوّل ص 182)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) نيڪين لڪائڻ وارو غلام

هڪ شخص هڪ غلام خريد ڪيو. ان غلام چيو: اي منهنجا آقا! منهنجا ٽي شرط آهن: (1) جڏهن فرض نماز جو وقت ٿيندو، اوهان مون کي ان کان نه روڪيندا. (2) اوهان ڏينهن جو چاهي جهڙو به حڪم ڪندا، پر رات جو حڪم نه ڪندا. (3) پنهنجي گهر ۾ منهنجي لاءِ هڪ ڪمرو جدا ڪندا، جنهن ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪو داخل نه ٿيندو.

ان ماڻهو چيو ته مون اهي شرط قبول ڪيا. پوءِ ان ماڻهو چيو پنهنجي لاءِ ڪمرو پسند ڪر، اهڙي طرح غلام هڪ بيڪار ڪمرو پسند ڪيو. ان تي انهي شخص چيو: اي غلام! تو خراب ڪمرو ڇو پسند ڪيو؟ غلام جواب ڏنو: منهنجا آقا! ڇا اوهان نه ٿا ڄاڻو ته بيڪار ڪمرو به الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۽ ان جي ذڪر جي

برڪت سان باغ ٻڌجي سگهي ٿو. پوءِ اهو غلام ڏينهن جو پنهنجي آقا جي خدمت ڪندو هو ۽ رات جو **اللّٰه** تعاليٰ جي عبادت ڪندو هو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هڪ رات، ان جو آقا گهمندي ڦرندي ان جي ڪمري تائين اچي پهتو تہ ڏٺائين ڪمرو روشن آهي ۽ غلام **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سجدي جي حالت ۾ آهي ۽ ان جي مٿان آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هڪ روشن قنديل لڙڪي رهي آهي ۽ اهو **اللّٰه** ربُّ العٰلمين جي بارگاهہ ۾ عاجزي، انڪساري سان دعا گهري رهيو آهي تہ اي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! تو مون تي منهنجي آقا جو حق ۽ ڏينهن جو ان جي خدمت لازم ڪري ڇڏي آهي، جيڪڏهن اها مصروفيّت نہ هجي ها تہ مان ڏينهن رات صرف تنهنجي عبادت ۾ مصروف رهان ها. ان ڪري اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجو عذر قبول فرما. آقا ان کي ڏسندو رهيو ايستائين جو صبح ٿي وئي ۽ روشن قنديل واپس ڪِجي وئي ۽ گهر جي ڇت پاڻ ۾ ملي وئي.

اهو سڄو منظر ڏسي آقا واپس آيو ۽ سڄو قصو پنهنجي گهرواريءَ کي ٻڌايائين. ٻي رات اهو پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ غلام جي دروازي تي آيو تہ ڏٺائين غلام سجدي ۾ پيو آهي ۽ قنديل ان جي مٿان لڙڪي رهي آهي، اهي ٻئي بيهي اهو منظر ڏسي روئي رهيا هئا. نيٺ صبح ٿي تہ انهن غلام کي گهرائي چيو: تون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي (رضا) خاطر آزاد آهين، تہ جيئن تون جيڪو عذر پيش ڪري رهيو هئين اهو ختم ٿي وڃي ۽ اڪيلائي ۾ **اللّٰه** تعاليٰ جي عبادت ڪري سگهين. غلام اهو ٻڌي پنهنجو منهن آسمان ڏي ڪري چوڻ لڳو: ”اي صاحب راز! راز تہ کلي

ويو، هاڻي راز کلڻ کان پوءِ مون کي حياتي نہ کپي.“ پوءِ انهي وقت اهو غلام ڪريو ۽ ان جو روح قفس عنصري کان پرواز ڪري ويو. (مڪاشفة القلوب، ص 39)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (5) اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ معاف ڪيو

حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ شخص کي ڪَوڙو هنيو پوءِ فرمايائون: مون کان ان جو بدلو وٺ. ان عرض ڪيو: مون اللّٰه تعاليٰ ۽ اوهان جي خاطر معاف ڪيو. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: ائين چوڻ سان تہ ڪجھ بہ نہ تو ٿئي، تو منهنجي لاءِ معاف ڪيو اهو تہ مون تي احسان ٿيو يا صرف اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ ڇڏي ڏي. ان عرض ڪيو: مون صرف اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ معاف ڪيو. اوهان فرمايو: هائو هي نيڪ آهي.
(الحديقة النّديّة، ص 529)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهي حڪايت مان اسان کي اهو مدني درس مليو تہ هر نيڪ عمل خالص طور ”رضاءِ الٰهي“ لاءِ هجي، نيّت ”غير“ جي ملاوٽ کان پاڪ هجي تہ جيئن اهو بارگاهِ خداوندي ۾ قبول ٿي اسان لاءِ آخرت جي سفر جو سامان بڻجي سگھي.

جس کا عمل ہے بے غرض اُس کی جزا کچھ اور ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) ماءُ جو حڪم نفس تي ڇو ڳرو لڳو؟

حضرت سَيِّدُنا ابومحمد مرتعش رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: ”مون ڪيئي حج ڪيا ۽ انهن ۾ گھڻا حج سفر جي سامان کڻڻ کان بغير ڪيا. پوءِ مون تي ظاهر ٿيو تہ انهن سيني ۾ منهنجي نفساني

خواهش شامل هئي چوته هڪ پيري منهنجي ماءُ مون کي پاڻي جو دلو پرڻ جو حڪم ڏنو ته ان جو حڪم منهنجي نفس کي ڏکيو لڳو. اهڙي طرح مون سمجهيو ته منهنجي نفس حج جي سفر ۾ مُوافقت فقط پنهنجي لذّت جي لاءِ ڪئي ۽ مون کي ڌوکي ۾ رکيو، جيڪڏهن منهنجو نفس مري چڪو هجي ها ته اڄ هڪ شرعي حق جي ادائيگي ۾ ان کي بيحد دشواري چو محسوس ٿئي ها؟" (الرسالة القشيرية، ص 135)

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! انهي مان خبر پئي ته ڪڏهن ڪڏهن نفس نيڪين جي آڙ ۾ به پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيندو آهي اهو اهڙي طرح ته جنهن نيڪ ڪم ۾ هي لذّت محسوس ڪندو آهي ۽ پنهنجي خواهش پوري ٿيندي ڏسندو آهي ته ان جي ڪرڻ تي خوشي سان تيار ٿي ويندو آهي ۽ جنهن نيڪ ڪم ۾ ان لاءِ ڪا ڪشش (Charm) نه هوندي آهي ته ان کي ڳرو محسوس ٿيندو آهي.

او شہد نمائے زہر در جام
گُم جائوں کدھر تری بدی سے (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (7) پهرين صف نه ملڻ تي پريشاني چو؟

حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ نقل فرمائن ٿا ته هڪ بزرگ ارشاد فرمايو ته مون انهن ٽيهن سالن جي نماز قضا ڪئي جيڪي مون هميشه پهرين صف ۾ بيهي ادا ڪيون هيون. ان جو سبب هي ٿيو ته هڪ ڏينهن مون کي ڪنهن ڪم جي ڪري دير ٿي وئي، ان ڪري پوئين صف ۾

جڳهه ملي. مون پنهنجي دل ۾ ان ڳالهه کان شرم محسوس ڪيو ته ”ماڻهو ڇا چوندا ته اڄ هي ايتري دير سان آيو آهي؟“ ان وقت مون سمجهيو ته ”اهو سڀ ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ هو جو اهي مون کي پهرين صف ۾ ڏسن.“ (اهڙي طرح اهي سڀئي نمازون برباد ٿي ويون ۽ مون اهي نمازون قضا ڪري پڙهيون) (ڪيمياءِ سعادت ج 2، ص 876)

الله اڪبر! اسان جي اسلاف ڪرام (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام) جو جذبو صد مرحبا! فقط هڪ ”دلي خيال“ جي ڪري ٽيهن سالن جي نمازن کي رائيگان تصوُّر ڪري اهي نمازون موٽائي پڙهيون ۽ هڪ طرف اسان آهيون جو انهن جي غلامي جي دعويٰ ڪندا آهيون ۽ حال هي آهي جو پهريان ته دل عبادت جي ذوق کان خالي ۽ جيڪڏهن عبادت ڪري به ورتي، تڏهن به ”اخلاص“ نه هئڻ جي ڪري، بلڪ ”نالي ۽ ڏيکاءُ جي بري آفت“ سان ”عبادت“ برباد ڪري ويهي رهندا آهيون.

کھا گئی سب نیکیوں کو خواہشِ نام و نمود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (8) اخلاص فروش

حضرت سَيِّدُنا مبارڪ بن فُضاله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت سَيِّدُنا حسن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا: ”ڪنهن علائقي ۾ هڪ وڏو وڻ هوندو هو، ماڻهو ان جي پوڄا ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح ان علائقي ۾ ڪفر ۽ شرڪ جي وبا وڏي تيزي سان ڦهلجي رهي هئي. هڪ مسلمان شخص اتان لنگهيو ته ان کي اهو ڏسي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته هتي غير الله جي عبادت ڪئي وڃي ٿي. اهڙي طرح اهو توحيد جي جذبي سان سرشار ڪاوڙ ۾ ڪهاڙو کڻي ان وڻ

ڪي ڪٽڻ لاءِ نڪتو، ان جي ايمان اهو پسند نہ ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪئي وڃي. انهي جذبي سان اهو وڻ ڪٽڻ وڃي رهيو هو تہ شيطان ان جي سامهون انساني صورت ۾ اچي چوڻ لڳو: ”تون ايتري ڪاوڙ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟“ ان مسلمان جواب ڏنو: ”مان انهي وڻ کي ڪٽڻ وڃي رهيو آهيان، جنهن جي ماڻهو عبادت ڪندا آهن.“ اهو ٻڌي شيطان مردود چيو: ”جڏهن تون انهي وڻ جي عبادت نہ ٿو ڪرين تہ ٻين جي عبادت ڪرڻ سان توکي ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو؟ تون پنهنجي انهي ارادي کي ڇڏي ڏي ۽ واپس هليو وڃ.“ ان مسلمان چيو: ”مان هرگز واپس نہ ويندس.“ معاملو وڌي ويو ۽ شيطان چيو: ”مان توکي اهو وڻ وڍڻ نہ ڏيندس.“

اهڙي طرح ٻنهي ۾ ڪُشتي ٿي ۽ ان مسلمان شيطان کي دَسي وڌو، پوءِ شيطان ان کي لالچ ڏيندي چيو: ”جيڪڏهن تو انهي وڻ کي ڪٽي بہ ڇڏيو تہ توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو. منهنجو مشورو آهي تہ تون ان وڻ کي نہ وڍ، جيڪڏهن تون ائين ڪندين تہ روزانو توکي پنهنجي وهاڻي جي هيٺان ٻہ دينار ملندا.“ اهو شخص چوڻ لڳو: ”منهنجي لاءِ ٻہ دينار ڪير رکندو.“ شيطان چيو: ”مان توسان واعدو ڪريان ٿو تہ روزانو توکي پنهنجي وهاڻي جي هيٺان ٻہ دينار ملندا.“ اهو شخص شيطان جي انهن لالچ وارين ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ٻن دينارن جي لالچ ۾ اچي، ان وڻ وڍڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو ۽ گهر موٽي آيو. پوءِ جڏهن صبح جو سجاڳ ٿيو تہ ان ڏٺو تہ وهاڻي جي هيٺان ٻہ دينار پيا آهن.

وري ٻي صبح جڏهن ان وهاڻو مٿي ڪنيو تہ اتي دينار موجود نہ

هئا، ان کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڪهاڙو کڻي وري وڻ ڪٽڻ لاءِ نڪتو. شيطان وري انساني صورت ۾ ان وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ اهو چوڻ لڳو: مان ان وڻ کي وڍڻ وڃي رهيو آهيان، جنهن جي ماڻهو عبادت ڪندا آهن، مان اهو نه ٿو برداشت ڪري سگهان جو ماڻهو غير خدا جي عبادت ڪن، تنهن ڪري مان ان وڻ کي ضرور وڍيندس.“ شيطان چيو: ”تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين، هاڻي تون ڪڏهن به وڻ نه ٿو ڪٽي سگهين.“ اهڙي طرح شيطان ۽ ان شخص جي وچ ۾ ڪُشتي شروع ٿي وئي. هن ڀيري شيطان انهي شخص کي بُري طرح دَسيو ۽ ان کي گُهٽو ڏيڻ لڳو، ذري گهٽ ان جو موت واقع ٿي وڃي ها. ان شيطان کان پڇيو: هي ته ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟ شيطان چيو: ”مان ابليس آهيان، جڏهن تون پهرئين ڀيري وڻ وڍڻ لاءِ نڪتو هئين ته ان وقت به مون ئي توکي روڪيو هو پر ان وقت تو مون کي دَسي وڌو هو، ان جو سبب هي هو ته ان وقت تنهنجو غصو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هئو، پر هن وقت مان توتي غالب ٿي ويو آهيان، ڇوته هاڻي تنهنجو غصو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ناهي بلڪ دينارن جي نه ملڻ جي ڪري آهي، تنهن ڪري هاڻي تون ڪڏهن به منهنجو مقابلو نه ٿو ڪري سگهين.“ (عيون الحڪايات، ص 129)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي انسان وڏي آزمائش ۾ ڦاسي ويندو آهي ڇوته دين جي ڪمن ۾ اخلاص جو حاصل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. شيطان ايتري قدر دوکيبازي سان انسان جي نيّت سان کيڏندو آهي جو ان کي خبر به نه پوندي آهي ۽ اهو ويچارو شيطان جي هٿان شڪست کائي ويهي رهندو آهي. پڻ انهي حڪايت مان معلوم ٿيو ته

مدني ڪم صرف رضاءِ الٰهي لاءِ ڪرڻ واري کي الله عَزَّوَجَلَّ جي تائيد حاصل ٿيندي آهي، انهيءَ تائيد کان مخلوق کي راضي ڪرڻ جي نيّت وارو محروم رهندو آهي. حضرت سَيِّدُنا فقيہ ابوالليث سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي ارشاد فرمائن ٿا: اَمر بالمعروف (يعني نيڪي جي دعوت) ڪرڻ واري کي گهرجي تہ ان عمل مان الله تعاليٰ جي رضا ۽ دين جي سربلندي جو ارادو ڪري، پنهنجي ڪا ذاتي غرض سامهون نہ هجي ڇوتہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي رضا ۽ دين جي سربلندي مقصود هوندي تہ ان عمل جي توفيق ۽ نُصرتِ خداوندي حاصل ٿيندي، جيڪڏهن ڪو نفساني غرض آڏو رکيائين تہ الله تعاليٰ ان کي رسوا (ناڪام ۽ نامراد) ڪندو.

(تنبيہ الغافلين، ص 50)

## مُبلغ کي برباد ڪندڙ ڪجھ شيطاني حملا

شيطان جا ڪجھ ڪامياب حملا بيان ڪيا وڃن ٿا. جنهن کي پڙهي يا ٻڌي، ڪنهن کي ناپسند بہ لڳي سگهن ٿا بلڪ ڪاوڙ بہ اچي سگهي ۽ جڏهن ڪير اهڙيون ڪيفيّتون پنهنجي اندر محسوس ڪري تہ ان کي جلدي "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ" پڙهي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان شيطان جي شرّ کان پناھ وٺڻ گهرجي.

(1) مُبلِّغ جي دِل ۾ ڪڏهن ڪڏهن هي ڳالھ ايندي آهي، مان تہ ڏاڍو سنو بيان ڪريان ٿو. ماڻهو منهنجي تعريف ڇو نٿا ڪن؟ منهنجي واھ واھ ڇو نٿي ٿئي؟ (2) ان جي دل ۾ هي خواهش پيدا ٿيندي آهي، جڏهن تہ مان مُبلِّغ آهيان. ماڻهن کي گهرجي تہ جڏهن مان انهن وٽ وڃان تہ منهنجي احترام لاءِ اٿي بيهن (3) مون کي سٽي ۽ نمايان جاءِ تي ويهارين (4) مُعلِن صاحب (يعني اعلان ڪرڻ

وارو) منهنجو نالو لقبن سان سھڻي نموني وٺي (5) منهنجي استقبال لاءِ نعرا لڳڻ گھرجن (6) سامعين سُبحٰن الله سُبحٰن الله سُبحٰن الله چئي منهنجي بيان جو داد ڏين (7) مون کي گُلن جا هار پارائين (8) منهنجو آڌرڀاءُ ڪن (9) مون کي ڪاڏو وغيره پيش ڪن (10) جيڪڏهن شيرٽي وغيره تقسيم ڪئي ويندي آهي ته جلدي دل ۾ خيال ايندو آهي ته مون کي عام ماڻهن کان وڌيڪ ملڻ گھرجي (11) گھٽ مان گھٽ چانهه ته ملڻ گھرجي (12) منهنجي خدمت ٿيڻ گھرجي وغيره وغيره.

## ڏڪندڙ رڳ تي هٿ لڳي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏڪندڙ رڳ تي هٿ لڳي ويو آهي پر اوهان انصاف ڪيو ته ڇا اهي سيئي خواهشون، ان ڪري پيدا ٿينديون آهن جو اوهان کي ”مُبلّغ“ بڻجڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. سامعين جي دل ۾ اهي خواهشون ڇو نه ٿيون پيدا ٿين؟ نيڪ انهي عظيم ڪم جي صلي ۾ اجر جي عوام مان ڇو توقُّع ڪئي وڃي ٿي؟ جڏهن اوهان جي استقبال جي لاءِ ڪو نه تو اٿي بيهي، گاڏي نه ٿي موڪلي وڃي، نمايان جاءِ تي نٿو ويهاريو وڃي، چانهه، پاڻي، ڪاڏو نٿو پيش ڪيو وڃي ته ڏکارا ڇو ٿيندا آهيو؟ ۽ اهڙي طرح جي شڪايت مان اوهان کي ڇا ٿو ملي؟ جهڙي طرح ڪي مُبلِّغ چوندا آهن ته مان ڇا ڪريان، مون کي ته لِفٽ ئي نه ٿي ڪرائي وڃي يا ماڻهن پاڻي جو به نه پڇيو، مون کي اچڻ وڃڻ جو ڪرايو به پنهنجي کيسي مان ڏيڻو پيو، وغيره وغيره.

## دل جو چور پڪڙجي پيو

اسلامي ڀائرو! ڇا اها شڪايت اوهان جي دل ۾ لڪل چور

ڪي نہ ٿي ظاهر ڪري، اوهان بيان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ نہ پنهنجي واهہ واهہ جي لاءِ، چانهہ پاڻي لاءِ ۽ آدرياءُ ڪرائڻ لاءِ ڪيو هو. ٿورو گذريل دؤر جي اسلاف جو ڪردار ڏسو تہ نيڪي جي راهہ ۾ ڪيڏيون تڪليفون برداشت ڪندا هئا ۽ انهي جي باوجود ڪيتري قدر عاجزي جو مظاهرو ڪندا هئا ۽ عزّت جي خواهش کان ڪيتري قدر بچندا هئا.

هاڻي مُبلِّغ جي دل ۾ پيدا ٿيڻ وارين جن خواهشن جو ذڪر ٿيو، انهن کان الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي محفوظ رکي ۽ اخلاص عطا فرمائي البت اهي شيون اسان ڪي بنا خواهش جي ملن تہ پوءِ انهي ۾ اسان جو ڪو قصور ناهي. مثال طور اسان ڪي بنا مطالبي جي ڪو گاڏي پيش ڪري تہ قبول ڪري سگهون ٿا، اهڙي طرح تعظيم وغيره جا بيا معاملات آهن. انهن معاملن ۾ پنهنجي دل ڪي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊيڄاريندا رهو، متان رياڪاري نہ ٿي پوي.

## عاجزي جا پيڪر بڻجي وڃو

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيارين سنّتن کي عام ڪرڻ جو جذبو رکڻ وارا ديوانؤ! جيسيتائين ٿي سگهيوَ پنهنجي رفتار ۾ گفتار ۾ ۽ سڄي ڪردار ۾ عاجزي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. اوهان الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي پيدا ڪريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ عظمت ۽ سربلندي پاڻ ئي اوهان جا قدم چمندي. جڏهن بہ ڪو اوهان ڪي دعوت ڏئي تہ بنا ڪنهن لالچ جي قبول ڪندا ڪريو. باقي جيڪڏهن ڪا مجبوري آهي تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي، ان خواهش ڪي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو تہ اوهان لاءِ سواري جو انتظام ڪيو وڃي ۽ اوهان ڪي عزّت سان وٺي وڃن

بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي احڪام، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن سکڻ، سيکارڻ لاءِ پاڻ ئي پڇي وجو.

جس کا عمل ہو بے غرض اس کی جزا کچھ اور ہے

## بُزرگان دين کي کو گهرائيندو هو ته بنا جهجهڪ جي بيان لاءِ پهچي ويندا هئا

بُزرگان دين جي خدمت ۾ جڏهن بيان وغيره جي درخواست ڪئي ويندي هئي ته اهي حضرات بنا ڪنهن هٻڪ جي پهچي ويندا هئا. حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن رمله ۾ آيا ته حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن کي نياپو موڪليو ته اسان وٽ اچو ۽ اسان کي حديث جو درس ڏيو. حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪنهن چيو، اوهان حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جهڙي مُحدِّث ۽ زبردست عالم ۽ بُزرگ کي چئو ٿا ته اوهان وٽ اچن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: هائو مان اوهان کي حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عظيم عاجزي ڏيکارڻ چاهيان ٿو. پوءِ حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آيا ۽ انهن کي اچي حديث پاڪ ٻڌائي. (تنبيه المغترين، ص 228)

اي اسان جا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هر عمل ۾ اخلاص عطا فرما ۽ رياڪاري جي بري بيماري کان اسان جي حفاظت فرما، اسان کي هر عمل صرف پنهنجي رضا جي خاطر ڪرڻ جي توفيق عطا فرما ۽ اسان کي پنهنجي مُخلِص ٻانهن ۾ شامل فرما.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی عزوجل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (9) خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪپڙا پاتا آهن

حضرت سَيِّدُنا داوٗد طائي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی هڪ پيري ابتا ڪپڙا پاتا ته ماڻھن چيو ته اوهان انهن ڪپڙن ڪي سبتو ڪري چو نٿا پايو، انهي تي انهن فرمايو ته مان اهي خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاتا آهن، ان لاءِ مان تبديل نه ڪندس. (تنبيه المغترين، ص 26)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (10) نيڪي جو بدلو

هڪ شخص حضرت سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی وٽ ڪو تحفو ڪٽي آيو. اوهان اهو وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته مان توڪان اهو تحفو نٿو وٺي سگهان چوته تي سگهي ٿو ته ڪڏهن تو مون کان علم جي ڪا ڳالھ سکي هجي ۽ اهو تحفو ان نيڪي جو عيوض بڻجي وڃي، نتيجي ۾ مان ثواب کان محروم ٿي ويندس. ان عرض ڪيو حضور! مون ڪڏهن به علم دين اوهان کان ناهي سکيو. اوهان فرمايو: ”هائو، ياد آيو تنهنجو ڀاءُ مون کان علم دين سکندو هو.“ اهو چئي ان ڪي واپس موٽائي ڏنائون.

(ڪيمياءِ سعادت، ج 2، ص 700)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (11) ثواب ئي ڪافي آهي

حضرت سَيِّدُنا عبدالرحمٰن بن عمر اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی هڪ ڏينهن خليفه ابوجعفر منصور ڪي ان جي مطالبي تي ڪجھ نصيحتون فرمايون. جڏهن حضرت سَيِّدُنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی

اتان وڃڻ لڳا تہ خليفي منصور تحفا ۽ پئسا وغيره اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ گهريا پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تحفا ۽ هديا وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون: مون کي انهن شين جي ضرورت ناهي ڇوتہ مان پنهنجي ديني نصيحتن کي دنياوي حقير مال جي عيوض وڪڻڻ نٿو چاهيان (يعني مون کي منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ وارو اجر ڪافي آهي) (عيون الحڪايات، ص 45)

ميرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ايسا عطا يا الٰہی

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا بُزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين تعليم، تعلّم، تبليغ ۽ دين جي اشاعت ۾ خالص **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي متعلق ڪيتري قدر حسّاس هوندا هئا جو صرف انهي سبب جي ڪري ڪنهن کان تحفو وٺڻ کان انڪار ڪندا هئا، ڪٿي اهو ان جو بدلو نہ ٿي وڃي.

## (12) گناهن جي نحوست

حضرت سَيِّدُنا منصُور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار ارشاد فرمائن ٿا: منهنجو هڪ اسلامي ڀاءُ هو جيڪو منهنجو ڏاڍو معتقد هو، اهو هر ڏک سک ۾ مون سان ملاقات ڪندو هو. مان ان کي وڏو عبادت گذار، تهجدگذار ۽ گريو زاري ڪرڻ وارو سمجهندو هئس. مون ڪجھ ڏينهن کان وٽي ان کي نہ ڏٺو ۽ مون کي ٻڌايو ويو تہ اهو ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو آهي. مان ان جي گهر جو پڇي، ان جو دروازو کڙڪايو تہ ان جي نياڻي نڪري آئي ۽ پڇيائين: ڪنهن سان ملڻ چاهيو ٿا؟ مون چيو: فلاڻي سان. اها منهنجي لاءِ اجازت وٺڻ لاءِ اندر وئي ۽ واپس موٽي اچي چوڻ لڳي: ”اوهان اندر

اچو.“ مان اندر وجي ڏٺو ته اهو گهر جي صحن ۾ بستري تي ستو پيو آهي. منهن ڪارو، اکيون نيريون ۽ چپ تلها ٿي چڪا هئا. مون ان کي ڏجندي ڏجندي چيو: ”اي منهنجا ياءُ! لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ڪثرت ڪريو.“ ان پنهنجون اکيون کوليون ۽ ڏاڍي مشڪل سان مون ڏي نهارڻ لڳو، پوءِ ان تي غشي (بيهوشي) طاري ٿي وئي، مون ٻيو ڀيرو اهائي تلقين ڪئي ته اهو مون کي مشڪل سان اکيون پٽي ڏسڻ لڳو پر وري ان تي غشي طاري ٿي وئي.

جڏهن مون ٽيون ڀيرو ڪلمي پڙهڻ جي تلقين ڪئي ته اهو اکيون کولي چوڻ لڳو: ”اي منهنجا ياءُ! اي منصور! ان ڪلمي ۽ منهنجي وچ ۾ آڙ ٻڌائي وئي آهي.“ مون چيو: ”وَلَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ ڪيڏانهن ويون اهي نمازون، اهي روزا، تهجد ۽ راتين جو قيام؟ ته ان مون کي حسرت وچان ٻڌايو: اي منهنجا ياءُ! اهي سيئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ نه هيون بلڪ مان اهي عبادتون ان لاءِ ڪندو هئس ته جيئن ماڻهو مون کي نمازي، روزيدار ۽ تهجد گذار چون ۽ مان ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندو هئس. جڏهن مان اڪيلائي ۾ هوندو هئس ته دروازو بند ڪري، اگهاڙو ٿي شراب پيئندو هئس ۽ نافرمانين سان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو مقابلو ڪندو هئس. ڪجهه عرصي تائين ائين ڪندو رهيس، پوءِ اهڙو ته بيمار ٿي پيس جو بچڻ جي ڪا اميد نه هئي، مون پنهنجي نياڻي کي چيو ته قرآن پاڪ کڻي اچ، ان ائين ئي ڪيو، مان مصحف شريف جي هڪ هڪ حرف کي پڙهندو رهيس، ايتري تائين جو سوره ياسين تائين پهتس ته مصحف شريف کي بلند ڪري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ”اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! انهي

قرآن عظيم جي صدقي مون کي شفا عطا فرماءِ هاڻي مان گناهه نہ ڪندس.“ الله عَزَّوَجَلَّ مون کان بيماري ختم ڪئي، جڏهن مان تندرست ٿيس تہ وري عياشين، لذتن ۽ خواهشن ۾ مبتلا ٿي ويس. شيطان لعين مون کان اهو واعدو وسارائي ڇڏيو، جيڪو منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيو هو. گهڻي وقت تائين گناهه ڪندو رهيس، وري اوچتو اهڙي بيماري ۾ مبتلا ٿي پيس، جنهن ۾ مون سمجهيو تہ مري ويندس. گهر وارن کي چيو تہ مون کي منهنجي عادت جي مطابق گهر جي وچ تي ٻاهر ڪڍي سمهاريو. مون مصحف شريف گهرائي پڙهيو ۽ بلند ڪري عرض ڪيو: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ! ان جي عظمت جو واسطو جيڪو هن مصحف شريف ۾ آهي، مون کي انهي بيماري مان نجات عطا فرما.“

الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دُعا قبول فرمائي ۽ وري ٻيهر مون کي ان بيماري مان شفا عطا فرمائي. پر وري مان اڳ جيان نفساني خواهشن ۽ نافرمانين ۾ مبتلا ٿي ويس، ايسيتائين جو هاڻي انهي مرض ۾ مبتلا ٿي، هتي پيو آهيان. مون پنهنجي گهر وارن کي حڪم ڏنو تہ هن ڀيري بہ مون کي گهر ۾ ٻاهر ڪڍي وچ تي سمهاريو، جيئن اوهان مون کي ڏسي رهيا آهيو. پوءِ جڏهن مون مصحف شريف گهرائي پڙهڻ جو ارادو ڪيو تہ هڪ حرف بہ نہ پڙهي سگهيس. مان سمجهي ويس تہ الله عَزَّوَجَلَّ مون تي سخت ناراض آهي، مان پنهنجو مٿو آسمان ڏانهن ڪٽي عرض ڪرڻ لڳس: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهي مصحف شريف جي عظمت جو واسطو! منهنجي انهي مرض مان جان ڇڏاءِ.“ پوءِ مون غيبي هاتف جو آواز ٻڌو پر ان کي ڏسي نہ سگهيس. اهو آواز شعرن جي صورت ۾

هو، جنهن جو مفهوم هي آهي:

”جڏهن تون بيماري ۾ مبتلا ٿيندو آهين ته پنهنجن گناهن کان توبهه ڪندو آهين ۽ جڏهن تندرست ٿيندو آهين ته پوءِ گناهه ڪرڻ لڳندو آهين. تون جيسيتائين تڪليف ۾ مبتلا رهندو آهين ته روئندو رهندو آهين ۽ جڏهن طاقتور ٿيندو آهين ته بُرا ڪم ڪندو آهين. ڪيترين ئي مصيبتن ۽ آزمائشن ۾ تون مبتلا ٿئين، پر **الله** عَزَّوَجَلَّ توکي انهن سيني کان نجات عطا فرمائي. ان جي منع ڪرڻ ۽ روڪڻ جي باوجود تون گناهن ۾ مشغول رهئين ۽ گهٽي وقت تائين ان کان غافل رهئين. ڇا توکي موت جو خوف نه هو؟ تون عقل ۽ سمجهه رکڻ جي باوجود گناهه ڪندو رهئين ۽ توتي جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم هو، تو ان کي وساري ڇڏيو ۽ ڪڏهن توتي نه ڏکٽي طاري ٿي نه ئي ڪو خوف لاحق ٿيو. ڪيترا ڀيرا تو **الله** عَزَّوَجَلَّ سان واعدا ڪيا، پر ٻيهر ٽوڙي ڇڏيا، بلڪ هر پلي ۽ سني ڳالهه کي تو وساري ڇڏيو آهي. هن فاني جهان مان منتقل ٿيڻ کان پهريان ڄاڻي وٺ ته تنهنجو ٺڪاڻو قبر آهي، جيڪا هر گهڙي توکي موت جي اچڻ جو اطلاع ڏئي رهي آهي.“

حضرت سَيِّدُنا منصور بن عمار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان انهي کان ان حال ۾ جدا ٿيس جو منهنجي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ اڃا گهر جي دروازي تي به نه پهتس ته مون کي ٻڌايو ويو ته اهو شخص انتقال ڪري چڪو آهي. اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ کان حُسنِ خاتمي جي دعا ڪريون ٿا ڇوته ڪيترائي روزيدار ۽ راتين ۾ قيام ڪرڻ وارا بري خاتمي جو شڪار ٿي چڪا آهن. (روض الفائق، ص 17)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (13) جهڙي نيت تهڙي مراد

منقول آهي تہ ٻہ ڀائر هئا، ان مان هڪ عابد ۽ ٻيو فاسق هو. عابد جي تمنا هوندي هئي تہ اهو شيطان کي پنهنجي محراب ۾ ڏسي، هڪ ڏينهن ان وٽ انساني شڪل ۾ شيطان اچي چوڻ لڳو: ”افسوس آهي توتي! تون پنهنجي عمر جا چاليهہ سال نفس کي قيد ڪري ۽ جسم کي مُشقّت ۾ وجهي برباد ڪري ڇڏيا. تنهنجي جيتري عمر گذري چڪي آهي، ايتري اجا باقي آهي، پنهنجي نفس جون خواهشون پوريون ڪري لذّت حاصل ڪري وٺ. ان ڪان پوءِ ٻيهر توبهہ ڪجان ۽ وري عبادت ۾ مشغول ٿي وڃجان، بيشڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ بخشڻ وارو مهربان آهي.“ اهو ٻڌي عابد پنهنجي دل ۾ سوچيو: ”مان هيٺ لهي، پنهنجي ڀاءُ وٽ ويهہ سال لذّتون حاصل ڪري خواهشون پوريون ڪندس پوءِ توبهہ ڪري وٺندس ۽ پنهنجي بقايا عمر جا ويهہ سال عبادت ۾ گذاريندس.“ انهي نيت سان هي هيٺ لهڻ لڳو. هوڏانهن ان جو گنهگار ڀاءُ پنهنجي نفس کي چوڻ لڳو: ”تو پنهنجي عمر نافرماني ۾ تباهہ ڪري ڇڏي ۽ تنهنجو ڀاءُ جنّت ۾ جڏهن تہ تون جهنّم ۾ ويندين. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان ضرور توبهہ ڪندس ۽ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ مٿئين ڪمري ۾ وڃين پنهنجي باقي عمر عبادت ۾ گذاريندس، شايد! **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏي.“ هيڏانهن اهو توبهہ جي نيّت سان مٿي چڙهڻ لڳو ۽ ان جو عابد ڀاءُ نافرماني جي نيّت سان هيٺ لهڻ لڳو، اوچتو انهي جو پير ترڪي پيو ۽ اهو پنهنجي ڀاءُ تي مٿان اچي ڪريو ۽ ٻئي ڏاڪڻ تي گڏ مري ويا. هاڻي عابد جو حشر نافرماني جي نيّت تي ٿيندو ۽ گنهگار جو حشر توبهہ جي نيّت تي ٿيندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏينهن رات ٿيڻ وارن واقعن مان

عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي دلين کي فارغ ڪري ونو. ڪيترائي ماڻهو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کان پري هئا، ويجها ٿي ويا ۽ ڪيترائي ويجها، پري ڪيا ويا، انهن جي گهروارن ۽ پاڙيسرين انهن سان جفا ڪئي. قرب حاصل ڪرڻ وارن لاءِ جنّت ۽ دوري اختيار ڪرڻ وارن لاءِ جهنّم آهي تنهنڪري عقلمندؤ! عبرت حاصل ڪريو. بيشڪ جڏهن عابد نوڪر ڪائي ترڪيو تہ پنهنجي نيّت تبديل ڪرڻ ۽ عبادت کان پوءِ حد کان وڌڻ ۽ گناهہ ڪرڻ تي رُنو، اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت تہ ڪندو هو پر جيڪڏهن ان جي محبّت خالص هجي ها تہ اهو ضرور وفا جي طرف موٽي ها ۽ جلدي جاڳي وٺندو تہ ان ڪِرڻ واري ڏاڪي تي بنياد رکيو. تنهن ڪري اي عقلمندؤ! نصيحت حاصل ڪريو. (روض الفائق، ص 16)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (14) گفتگو جو جائزو

”مِنهاجُ العابدين“ ۾ آهي، هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عياض ۽ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحِمَهُمَا اللّٰهِ تعالي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. دير تائين گفتگو ڪرڻ کان پوءِ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي فرمايو: مان اڄ هن صُحبت کي بهترين صُحبت تصوُّر ڪريان ٿو. حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عياض عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الرَّزّاق فرمايو: ”مان تہ هن کي خطرناڪ صُحبت سمجهان ٿو.“ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي پڇيو ڇو؟ حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عياض عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الرَّزّاق کي جواب ڏنو: ڇا اسان ٻئي پنهنجي گفتگو کي مُزين ۽ سهڻو نہ ڪري رهيا هئاسين؟ ڇا اسان تڪلُّف ۽ ريا ۾ مبتلا نہ هئاسين؟ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي اهو

ٻڌي روئي پيا. (منهاج العابدين، ص 53)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سوچڻ جو مقام آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن نيڪ ٻانهن جي ملاقات پرخلوص ۽ انهن جي ڳالهه ٻولهه خالص اسلامي هئي پر الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف جي ڪري روئي رهيا هئا ته متان ڪٿي اسان جي گفتگو ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ته ناهي ٿي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (15) منهنجو قرض ڪنهن ادا ڪيو؟

حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رومين جي مقابلي ۾ جهاد جي لاءِ طَرَطُوس ويندي، رَقَّه شهر جي هڪ مسافر خاني ۾ رهندا هئا ته هڪ نوجوان ايندو هو، جيڪو اوهان وٽ اچي ڪجهه حديثون پڙهندو هو ۽ سندن ضرورتون پوريون ڪندو هو. هڪ ڀيري جڏهن اوهان اتي پهتا ته اهو نوجوان ملڻ نه آيو. اوهان جلدي ۾ هئا، لشڪر سان گڏ هليا ويا، جڏهن جنگ مان واپس رَقَّه موٽيا ته ماڻهن کان ان جو حال پڇيائون ته خبر پئي ڪنهن جو ان تي قرض هو، قرض خواهه نوجوان کي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيو ان تي ڪيترو قرض آهي؟ ماڻهن جواب ڏنو: ”ڏهه هزار درهم.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رات جو قرض خواهه کي پاڻ وٽ گهرائي، ان کي ڏهه هزار درهم ڏئي قسم ڏنائون ته جيسيتائين عبدالله زنده آهي، تون ان جي باري ۾ ڪنهن کي نه ٻڌائيندين ۽ فرمايائون ته صبح جو تون ان نوجوان کي قيد مان آزاد ڪرائي ڇڏجان، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کان پوءِ اتان روانا ٿي ويا. نوجوان جيل مان آزاد ٿي، جڏهن شهر آيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي آمد جو اطلاع مِليُن ۽ معلوم ٿين ته ڪالهه هتان

روانا ٿي چڪا آهن. اهو نوجوان ان وقت روانو ٿيو ۽ ٿوري منزل ڪان پوءِ ملاقات ٿي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ڪٿي هئين؟ مون توکي مسافرخاني ۾ نہ ڏٺو. عرض ڪيائين: حضور! قرض جي سبب قيدخاني ۾ هئس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: پوءِ توکي آزادي ڪيئن ملي؟ عرض ڪيائين: مون کي خبر ناهي ڪنهن منهنجو قرض ادا ڪيو، جنهن جي ڪري مونکي آزادي ملي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: اي نوجوان! خدا جو شڪر ادا ڪر، **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪنهن کي تنهنجي قرض ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي هوندي. ان نوجوان کي انهي حُسن سلوڪ جي خبر تڏهن پئي جڏهن پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه وصال فرمائي چڪا هئا. (تاريخ بغداد، ج 10، ص 158)

## (16) منهنجو نالو ظاهر نہ ڪجو

حضرت سَيِّدُنا ابواسمٰعيل بن نُجيد نيشاپوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی "علم حديث" ۾ مُحدِّث ڪبير، تصوف، عبادات ۽ معاملات ۾ پنهنجي زماني جا "شيخ اڪبر"،زهد ۽ تقويٰ ۾ "يڪتاءِ زمانہ" ۽ پنهنجي دؤر جا "ولي ڪامل" هئا. اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي احوال ۽ ڪرامتن کي ڏسي عام طور تي ماڻهو چوندا هئا تہ اهي پنهنجي وقت جا "ابدال" آهن، حضرت سَيِّدُنا ابن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا والد ڏاڏا مالدار هئا. وراثت ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي تمام گهڻو مال مليو. پر انهي علم ۽ عمل جي پيڪر درهم و دينار ۽ سموري ملڪيت کي علماء، مشائخ ۽ طلباء تي نڇاور ڪري ڇڏيائون ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ ميراث جو سمورو مال خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو. هڪ ڀيري ان جي مرشد ابوعثمان حِيري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی کي مجاهدن جي ضرورت جي لاءِ ڪجهہ پئسن جي ضرورت پئي.

ڪتان کو انتظام نہ ٿي سگهيو تہ مرشد ڪريم، سيدنا ابن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي انهي ضرورت جو بيان فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جلدي ۾ ٻن هزار درهمن جو ٿيلهيون کڻي، پنهنجي مرشد جي قدمن ۾ پيش ڪيون. سندن جا مرشد ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پريل مجلس ۾ ان جو اعلان فرمايائون ۽ ماڻهن ڏاڍي واهہ واهہ ڪئي، پر ابن نجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڏاڍو صدمو پهتو جو افسوس! منهنجو اهو خير وارو عمل ماڻهن تي ظاهر ٿي ويو. بيتاب ٿي مجلس مان اٿيا ۽ ٿوري دير ۾ واپس موٽي آيا ۽ پريل مجلس ۾ پنهنجي مرشد کي عرض ڪيائون تہ حضور! مون کي منهنجو مال واپس موٽائي ڏنو وڃي، هاڻي مان ان کي خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. سندن مرشد جلدي ۾ درهمن جون ٿيلهيون ابن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي واپس موٽائي ڏنيون ۽ سَيِّدُنا ابن نُجَيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٿيلهيون کڻي گهر آيا، پوءِ مجلس ۾ وينل ماڻهن اجايون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. پر جڏهن رات ٿي ۽ سندن مرشد اڪيلا هئا تہ حضرت سَيِّدُنا ابن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وري ٻن هزار درهمن جون ٿيلهيون کڻي پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ منهنجا مرشد! اوهان انهي مال کي لڪائي خرچ ڪريو ۽ منهنجو نالو هرگز ڪنهن کي نہ ٻڌائجو. اهو ٻڌي شيخ ابو عثمان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن تي گريي واري حالت طاري ٿي ۽ فرمائڻ لڳا تہ ابن نجيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه! تنهنجي همّت تي صد آفرين آهي! (بستان المحدّثين، ص 252)

## (17) وصال کان پوءِ سخاوت جي خبر پئي

حضرت سَيِّدُنا امام زين العابدين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي زندگي ۾ ٻہ ڀيرا پنهنجو سمورو مال راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خيرات ڪيو ۽ پاڻ

رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي سخاوت جو اهو حال هو جو پاڻ رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مديني پاڪ جي ڪيترن ئي غريبن جي گهرن ۾ لڪائي پئسا موڪليندا هئا، انهن غريبن کي خبر به نه پوندي هئي ته اهي پئسا ڪٿان ٿا اچن؟ پر جڏهن پاڻ رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو وصال ٿي ويو ته پوءِ انهن غريبن کي خبر پئي ته اها حضرت سَيِّدُنا امام زين العابدين رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي سخاوت هئي. (سير اعلام النبلاء، ج 5، ص 336، 337)

## (18) مان ڇا لاءِ ڏيکاءُ ڪندس؟

جليل القدر محدّث حضرت سَيِّدُنا محمد بن عبدالرحمٰن عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن هڪ پيرو ڪنهن سان ملڻ ويا. گفتگو دؤران انهن اوهان کي چيو: منهنجو خيال آهي ته اوهان جي عملن ۾ ڪجهه رياڪاري ۽ ڏيکاءُ جي بوءِ اچي رهي آهي ته اوهان يڪدم زمين تان هڪ ڪک کڻي فرمايو ته مان ڪنهن جي ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪندس؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! سموري روءِ زمين جا دنيادار انسان منهنجي نظر ۾ هن ڪک کان به وڌيڪ ذليل آهن. (سير اعلام النبلاء، ج 7، ص 110)

## (19) هتي تعويذ پئسن سان ناهي ڏنو ويندو

جناب سيد ايوب علي صاحب جو بيان آهي ته هڪ شخص تازي ”بدايوني لڏوئن جي ٽوڪري“ پيش ڪئي. حضور (يعني اعليٰ حضرت رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) جن فرمايو: ”ڪيئن تڪليف ڪيوَ؟“ انهن چيو ته حضور کي سلام ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. حضور سلام جو جواب ڏئي، ٿوري دير خاموش رهيا، وري پڇيائون: ”ڇا ڪو ڪم آهي؟“ انهن عرض ڪيو: ”ڪو ڪم ناهي حضور! صرف مزاج پرسي لاءِ آيو آهيان.“ ارشاد فرمايائون: ”عنايت، نوازش“ ۽ ڪجهه وقت چپ رهڻ کان پوءِ هنن لفظن سان مخاطب ٿي

فرمايائون: ”ڪو ڪم آهي؟“ انهن وري انڪار ڪيائون. ان ڪان پوءِ حضور اها مٺائي گهر موڪلي ڇڏي.

هاڻي اهي شخص ٿوري دير ڪان پوءِ هڪ تعويذ جي درخواست ڪئي، ارشاد فرمايائون: ”مون ته اوهان کان ٿي پيرا پڇيو هو، پر اوهان ڪجهه به نه ٻڌايو، چڱو اوهان اتي وينا رهجو.“ پنهنجي ڀاڻيجي علي احمد خان صاحب مرحوم کان تعويذ گهرائي (اهو ڪم انهن جي حوالي هوندو هو) ان شخص کي عطا فرمايائون ۽ حاجي ڪفايت الله حضور جو اشارو ڏسندي، گهران اها مٺائي واري ٽوڪري گهرائي، اڳيان رکيائون هنن لفظن سان اها مٺائي موٽائي ڏنائون: ”هن ٽوڪري کي به کنيو وڃو، هتي تعويذ نٿو وڪامجي.“ انهن ڏاڍي معذرت ڪئي، پر پاڻ قبول نه ڪيائون، نيٺ اهو ويچارو پنهنجي مٺائي واپس کڻي هليو ويو. (حيات اعليٰ حضرت، ج 1، ص 171)

سُبحٰن الله! اعليٰ حضرت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تقويٰ تان قربان! جيتوڻيڪ اهو نذرانو حقيقت ۾ تعويذ جي اجرت نه هو ۽ هجي به ها تڏهن به ان جي اجرت جائز آهي پر اوهان جي خلوص هڪ ديني معاملي مان ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ پسند نه ڪيو ۽ اوهان اهو نذرانو واپس موٽائي ڏنو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (20) مان علم نه ٿو وڪڻان

جناب سيد ايوب علي خان جو بيان آهي ته هڪ ڀيري حضور جن، جهانگير خان صاحب قادري رضوي (رهنڊز محلہ چيپي ٽولہ قلعہ جيڪي تيل وڪڻندا هئا) کي فرمايو ته مون کي هڪ گاسليٽ جي دٻي جي ضرورت آهي. پوءِ اهي تيل جو دٻو کڻي حاضر ٿيا، حضور قيمت پڇي، انهن جيڪا قيمت هئي ان جو

اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو: ”هونئن ته هن جي قيمت هي آهي پر حضور ڪجهه گهٽ ڪري ايتري ڏئي ڇڏين.“ ان تي حضور فرمايو: ”مون کان اهائي قيمت وٺو، جيڪا سيني کان وٺندا آهيو.“ انهن عرض ڪيو: ”نه! حضور اوهان منهنجا بزرگ آهيو، عالم آهيو، اوهان کان عام وڪڻڻ (يعني قيمت) وارو ريٽ ڪيئن وٺي سگهان ٿو؟“ حضور فرمايو: مان علم ناهيان وڪڻندو، پوءِ اهوئي عام وڪڻڻ وارو اگهه خان صاحب کي ڏنائون.

(حيات اعليٰ حضرت، ج 1، ص 172)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (21) عقيدت نٿو وڪڻي سگهان

امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دعوت اسلامي جي شروعات ۾ جتي به سنّتن پريو بيان ڪرڻ ويندا هئا ته ڪو اسلامي ڀاءُ عطرن وغيره جو بستو لڳائيندو هو، جيڪو امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ذاتي هوندو هو، پر هر ڪنهن کي خبر نه هوندي هئي. مسجد جي امام صاحب کي ڪنهن طرح سان اها خبر پئي ته اهي حلال ڪمائي جي ڪوشش ڪن ٿا، ڪنهن کان گُهري گهر نٿا هلائين. جذبات ۾ مائيڪ تي اعلان ڪيائون ته جيڪو ٻاهر عطريات جو بستو لڳل آهي، اهو امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جو آهي. پاڻ حلال ڪمائي جي ڪوشش فرمائن ٿا، ڪنهن کان سوال نٿا ڪن. اوهان جي طبيعت مبارڪ کي اها ڏاڍي ڏکي ڳالهه محسوس ٿي ته ماڻهن کي انهي جي ڇو خبر پئي. هاڻي ماڻهو ٽي سگهي، منهنجي عقيدت ۾ سامان خريد ڪن. اوهان بستي تي ٽيڻ واري ان ڏينهن جي آمدني پاڻ پنهنجي استعمال ۾ نه آندي، بلڪ خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهه

۾ خيرات ڪري ڇڏيائون ۽ فرمايائون تہ ”مان پنهنجي عقيدت نٿو وڪڻڻ سگهان.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دُعا

يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو واسطو، اسان جي خالي جهولين کي اخلاص جي دولت سان پري ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

## ماخذ و مراجع


| | | |
|---|---|---|
| قرآن مجيد | كلام بارى تعالىٰ | ضياء القرآن پبلى كيشنز لاہور |
| كَنْزُ الْاِيْمَان فِىْ تَرْجَمَةِ الْقُرْاٰن | امام احمد رضاخان متوفّٰى ١٣٤٠ھ | ضياء القرآن پبلى كيشنز لاہور |
| رُوْحُ الْبَيَان | علامہ اسلاعيل حقى متوفّٰى ١١٣٧ھ | كوئٹہ |
| خَزَائِنُ الْعِرْفَان | مفتى محمد نعيم الدين مراد آبادى | ضياء القرآن پبلى كيشنز لاہور |
| نُورُ الْعِرْفَان | مفتى احمد يار خان نعيمى | نعيمى كتب خانہ گجرات |
| صَحِيْحُ الْبُخَارِى | امام محمد بن اسماعيل بخارى متوفّٰى ٢٥٦ھ | دارالكتب العلميہ بيروت |
| صَحِيْحُ الْمُسْلِم | امام مسلم بن حجاج نيشا پورى متوفّٰى ٢٦١ھ | دار ابن حزم بيروت |
| جَامِعُ تِرْمَذِى | امام محمد بن عيسىٰ الترمذى متوفّٰى ٢٧٩ھ | دارالفكر بيروت |
| سُنَنِ اَبِىْ دَاوٗد | امام ابو داوٗد سليمان ابن اشعث متوفّٰى ٢٧٥ھ | دار احياء الراث العربى |
| سُنَنِ اِبْنِ مَاجَہ | امام محمد بن يزيد القزوينى ابن ماجہ متوفّٰى ٢٧٣ھ | دارالفكر بيروت |
| سُنَنُ الدَّارِقُطْنِى | امام على بن عمردار قطنى متوفّٰى ٣٥٨ھ | مكتبہ نشر السنۃ پاكستان |
| اَلْمُعْجَمُ الْكَبِيْر | حافظ سليمان بن احمد طبرانى متوفّٰى ٣٦٠ھ | دار احياء الراث العربى |
| اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط | حافظ سليمان بن احمد طبرانى متوفّٰى ٣٦٠ھ | دار احياء الراث العربى |
| اَلْجَامِعُ الصَّغِيْر | امام جلا ل الدين السيوطى متوفّٰى ٩١١ھ | دارالكتب العلميہ بيروت |
| شُعَبُ الْاِيْمَان | امام احمد بن الحسين بيهقى متوفّٰى ٤٥٨ھ | دارالكتب العلميہ بيروت |
| مِشْكَاةُ الْمَصَابِيح | شيخ محمد بن عبد الله خطيب التبريزى متوفّٰى ٧٤١ھ | دارالكتب العلميہ بيروت |

| | | |
|---|---|---|
| كَنْزُالْعُمَّال | علاء الدين على متقى الهندى متوفّٰی۹۷۵ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شیرویہ بن شہر دار د یلمی متوفّٰی۵۰۹ھ | دارالفکر بیروت |
| اَلْمُسْنَدُ لِلْاِمَام أَحْمَدِ بْنِ حَنْبَل | امام احمد بن حنبل متوفّٰی ۲۴۱ھ | دارالفکر بیروت |
| مُسْنَدِ اَبِیْ يَعْلٰى اَلْمُوْصَلِى | ابو یعلی احمد موصلی متوفّٰی۳۰۷ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| اَلْمُسْتَدْرَكْ عَلَى الصَّحِيْحَين | امام محمد بن عبد الله الحاكم متوفّٰی۴۰۵ھ | دارالمعرفہ بیروت |
| مَجْمَعُ الزَّوَائِد | حافظ نور الدين على بن ابو بكر هيثمى متوفّٰی ۸۰۷ھ | دارالفکر بیروت |
| اَلتَّرْغِيْبُ وَالتَّرْهِيْبُ | امام زكى الدين عبد العظيم المنذرى متوفّٰی۶۵۶ھ | دارالفکر بیروت |
| جَامِعُ الْاَحَادِيث | امام جلال الدين سيوطى شافعى متوفّٰی ۹۱۱ھ | دارالفکر بیروت |
| فَيْضُ الْقَدِيْرْ | علامہ محمد عبد الرءوف المناوى متوفّٰی۱۰۳۱ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| شَرْحُ السُّنَّةِ | محمد بن حسين بن مسعود بغوى متوفّٰی۵۱۶ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| نُزْهَةُالْقَارِى | مفتى محمد شريف الحق امجدى | فرید بک اسٹال لاہور |
| اَشِعَّةُاللَّمْعَات | شيخ عبد الحق محدث دہلوى | کوئٹہ |
| مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيحْ | حكيم الامت مفتى احمد يار خان نعيمى | ضیاء القرآن پبلی کیشنز لاہور |
| دُرِّمُخْتَار | علامہ علاؤالدين حصكفى متوفّٰی۱۰۸۸ھ | دارالمعرفۃ بیروت |
| رَدُّالْمُحْتَار | سيد محمد امين ابن عابدين شامى متوفّٰی ۱۲۵۲ھ | دار المعرفہ بیروت |
| فتاوی رضویہ | امام احمد رضاخان متوفّٰی۱۳۴۰ھ | رضا فاونڈیشن لاہور |
| بہار شریعت | مفتی محمدامجدعلی اعظمی متوفّٰی۱۳۶۷ھ | مکتبۃ المدینہ،مکتبہ رضویہ |
| تَنْبِيْهُ الْغَافِلِيْنَ | ابو الليث نصر بن محمد سمرقندى متوفّٰی ۳۷۲ھ | پشاور |
| حِلْيَةُ الْاَوْلِيَائ | امام الحافظ ابو نعيم الاصفہانى متوفّٰی۴۳۰ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| اَلرِّسَالَةُ الْقُشَيْرِيَّةُ | عبدالكريم بن هوازن القشيرى متوفّٰی۴۶۵ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| اِحْيَائُ الْعُلُوْم | امام محمد بن احمد الغزالى متوفّٰی۵۰۵ھ | دارصادربیروت |
| کیمیائے سعادت | امام محمد بن احمد الغزالى متوفّٰی۵۰۵ھ | دارصادربیروت |
| مُكَاشِفَةُ الْقُلُوب | امام محمد بن احمد الغزالى متوفّٰی۵۰۵ھ | دارصادربیروت |
| مِنْهَاجُ الْعَابِدِيْن | امام محمد بن احمد الغزالى متوفّٰی۵۰۵ھ | دارصادربیروت |
| تَذْكِرَةُ الْاَوْلِيَائ | شيخ فريد الدين عطار متوفّٰی۶۰۶،۶۱۶ھ | انتشارات گنجینہ |
| رَوْضُ الْفَائِق | شيخ شعيب الحريفيشمتوفّٰی ۸۱۰ھ | کوئٹہ |
| تَنبِيه المُغْتَرِين | عبدالوہاب بن احمد بن على انصارى متوفّٰی ۹۷۳ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| اَلزَّوَاجِرْ عَنْ اِقْتِرَافِ الْكَبَائِرْ | ابو العباس احمد بن محمد هيثمى متوفّٰی ۹۷۴ھ | دار الفکر بیروت |
| اَلْحَدِيْقَةُ النَّدِيَّة | علامہ عبدالغنى نابلسى متوفّٰی۱۱۴۳ھ | پشاور |
| اِتِّحَا فُ السَّادَةِ الْمُتَّقِين | علامہ مرتضىٰ الزبيدى متوفّٰی۱۲۰۵ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| اَخْلَاقُ الصَّالِحِيْن | علامہ ابو یوسف محمد شریف کوٹلوی | المدینۃ العلمیہ کراچی |
| تاريخ بغداد | امام ابو بكر احمد بن على الخطيب البغدادى متوفّٰی۴۶۳ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| اَلْيَوَاقِيتُ وَالْجَوَاهِرُ | امام احمد بن على الشعرانى متوفّٰی۹۷۳ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| اَلْوَظِيْفَةُ الْكَرِيْمَہ | امام احمد رضاخان متوفّٰی۱۳۴۰ھ | اداره تحقیقات امام احمد رضا کراچی |
| عُيُونُ الْحِكَايَات | ابو الفرج عبد الرحمن بن على الجوزى متوفّٰی۵۹۷ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| ملفوظات | امام احمد رضاخان متوفّٰی۱۳۴۰ھ | فرید بک اسٹال لاہور |
| حیاتِ اعلیٰ حضرت | مولانا ظفرالدين متوفّٰی۱۳۸۲ھ | مکتبہ رضویہ لاہور |
| حدائقِ بخشش | امام احمد رضاخان متوفّٰی۱۳۴۰ھ | مکتبۃ المدینہ کراچی |
| شیطان کے چار گدھے | امیر اہلسنت علامہ مولانا محمد الیاس عطار قادری | مکتبۃ المدینہ کراچی |
| فیضانِ سنت | امیر اہلسنت علامہ مولانا محمد الیاس عطار قادری | مکتبۃ المدینہ کراچی |

www.dawateislami.net

